# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

خالد آزاد

[جلد پهريون]



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

[ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل شعري ۽ نثري ادب جو جائزو]

(جلد پهريون)

تحقيق ۽ تصنيف

**خالد آزاد**


سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (254)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ (جلد پهريون)

[سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل شعري ۽ نثري ادب جو جائزو]

تحقيق ۽ تصنيف: خالد آزاد

ڪمپوزنگ: زبير سومرو ۽ نذير چانڊيو

ٽائيٽل: نعيم ديسوالي

لي آئوٽ: اسد الله ڀٽو

ڇاپو: پهريون: نومبر، 2016ع

تعداد: 1000

قيمت: 300/= روپيا

ناشر: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

**Catalogue Reference**
Azad Khalid
History of Sindhi Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-065-4

**HISTORY OF SINDHI CHILDREN'S LITERATURE (Vol.I)**

| | |
|---|---|
| Research: | Khalid Azad |
| Edition: | 1st 2016 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.300/= |
| Composing: | Zubair Soomro &Nazir Chandio |
| Title: | Naeem Deswali |
| Layout: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Prof. Dr. Abdual Ghafoor Memon, Chairman, Sindhi Language Authority<br>National Highway, Hyderabad, Sindh,71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S PakeezaPrinters, Hyderabad, Sindh |

هيءُ ڪتاب، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپرائي اداري جي آفيس نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

History of Sindhi

# Children's Literature

Khalid Azad

[Vol:I]

Sindhi Language Authority, Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Sindhi Language Authority's Book Number 254

**Catalogue Reference**
Azad Khalid
History of Sindhi Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-065-4

soorihsindhiadab

HISTORY OF SINDHI CHILDREN'S LITERATURE (Vol.I)
Research: Khalid Azad
Edition: 1st 2016
Quantity: 1000
Price: Rs.300/=
Composing: Zubair Soomro & Nazir Chandio
Title: Naeem Deswali
Layout: Asadullah Bhutto
Published by: Prof. Dr. A. Ghafoor Memon,
Chairman, Sindhi Language Authority
National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers, Hyderabad, Sindh

This Book has Published by Prof. Dr. A. Ghafoor Memon, Chairman, Sindhi Language Authority and Printed at M/S Pakeeza Printers and Publishers, Hyderabad, Sindh, Pakistan

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتساب

- ادل سومري ۽ نصير مرزا

جي نالي

جڏهانڪر ٿيام، ساڃاهه سپيرين جي،
تڏهانڪر تِر جيترو، ويل نہ وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.
(شاهه)

■ خالد آزاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست

ناشر پاران
پنهنجي پاران

| تفصيل | صفحو نمبر |
|---|---|

## باب پهريون

### اوائلي آکاڻين، درسي ڪتابن
### ۽ ترجمن جو دور:
[1920 _ 1853]


■ 1853ع کان 1920ع تائين ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو جائزو 17-30

آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي، ينيي زميندار جي ڳالهه، سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالهه، بابنامو مفيد الصبيان، گل، ٻاراڻيون آکاڻيون، شهزادي امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آکاڻي، ايسپ جون آکاڻيون، طوطي نامو وهئين ۽ ولهي جي آکاڻي، ٻاراڻا شعر، سنڌي ڳجهارتون، الف ليليٰ، حاتم طائي، تصوچار درويش جو سيا جا سينگار، عجيب نقطا، واندڪائيءَ جي وندر ٻاراڻا اولاڻا عرف ٻاراڻا گيت، قول مالها، ٺهڪ ٺي ٺهڪ، شيطان جي ناني، دل وندرائيندڙ ڳالهيون، هندستان جون ديسي آکاڻيون، ٻاراڻا گل ڦل ۽ ٻيا

■ ٻارن لاءِ لکندڙ اوائلي ليکڪ: 30-40

آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسي، اڌارام ٿانور داس مير چنداڻي، پڳوان سکراڻي، پرمانند ميوارام، جهامنداس ڀاٽيا، روچيرام گجومل، لوڪومل پنواڻي، ساڌو هيرانند، ڪيولرام سلامتراءِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نارائڻ داس ملڪاڻي، ننديرام ميراڻي، مرزا قليچ بيگ، ميران
محمد شاھ 'اول'، ڪوڙومل چندن مل کلناڻي

## باب ٻيو

### قصن ڪهاڻين
### ۾ ٻارڙن گيتن جو دور:
[1947_ 1920]

■ 1920ڪان 1947ع تائين ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو جائزو 41-45
پوڪرداس ٿانورداس، پوڪر پريس، نئين سنڌي لائبرري ۽
سستو عمدو ساھت مالها، سندر ساھتيہ منڊل، ڪوڙومل
ساھتيہ منڊل، ٻالڪن جي ٻاري
■ ھن دور ۾ ٻارن لاءِ لکندڙ اوائلي ليکڪ: 45-52
ايم آر مائيداساڻي، ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، جمعو خان
غريب، چيتمل پرسرام گلراجاڻي، محمد صديق
'مسافر'، ميلارام منگترام واسواڻي، منوهر داس ڪوڙومل،
ڪشنچند بيوس، هري دلگير

## باب ٽيون

### ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جو ادب
(ڪهاڻيون، شاعري ۽ ناول):
[1947 _ 2015]

■ 1947ع کان 2015ع تائين ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو جائزو 53-61
■ ٻارن جو ادب ڇپيندڙ ادارا 61-94
اداره گلشن ادب، ٽنڊو محمد خان، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
آر. ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، آر. ايم. فتح اينڊ برادرس
حيدرآباد، هلال بوڪ ڊيپو حيدرآباد، امين ڪتاب گهر حيدرآباد،
ڪهاڻي پبليڪيشن حيدرآباد، نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آباد، سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ، احباب پبليڪيشن حيدرآباد، صداقت بوڪ ڊيپو حيدرآباد، آگم پبليشن ايجنسي حيدرآباد، ٻارن جو سنڌي ساهت گهر محرابپور، روشني پبليڪيشن،سنڌڙي ڪتابي سلسلو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، نويد بوڪ ڊيپو حيدرآباد، دعوه اڪيڊمي اسلام آباد، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو، سچائي اشاعت گهر دڙو، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، ٻالڪ ادبي فورم، ٻالڪ ادبي اڪيڊمي ڪراچي، اين اي جان فائونڊيشن حيدرآباد، فينيڪس بوڪس حيدرآباد، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، ٽرڊيپ رورل ڊولپمينٽ پروگرام، پويٽ پبلشنگ هائوس خيرپور ميرس، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد.

## باب چوٿون

- **ورهاڱي کان پوءِ ٻارن لاءِ لکندڙ شاعر ۽ اديب** 95-171

آزاد بخاري، آزاد قاضي، آصف منياٽوي،احمد خان ’آصف‘ مصراڻي، اختر درگاهي، استاد بخاري، ادل سومرو، ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ، ارم محبوب، اقبال شينو، اڪبر جسڪاڻي، امام راشدي، امداد حسيني، امير بخاري، انور ابڙو، امداد جسڪاڻي، اويس پٿو، اياز پٿو، اياز پاٽولي، اياز گل، بشير احمد پٿي، بلاول پرديسي، بيخود بلوچ، پروانو سيوهاڻي، پروين موسيٰ سيمڻ، پريل دايو، پير نويد شاهه هاشمي، ج. ع. منگهاڻي، جوهر بروهي، حاجي حقير ابن مگڻ، حسرت ملاح، خالد آزاد، خالد پٿي، خليل عارف سومرو، خيال پٿي، خير

soorihsindhiadab

محمد لغاري، دليپ ڪوٺاري، ڊاڪٽر محمد افتخار کوکر، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ذوالفقار سيال، زاهد شيخ، زيب نظاماڻي، سڪندر سرواڻ، سميع 'ساجد' جوڻيجو سوسن مرزا، شمس الدين سومرو شمشير الحيدري، شوڪت چاچڙ، طارق قريشي، ظفر جوڻيجو ظفر عباسي، عابده گهانگهرو عاجز ميرواهي، عبدالجبار 'عبد'، عبدالحئي پلي عبدالرحمان جتوئي، عبدالغفار سومرو عزيز ڪنگراڻي، عطا محمد ڀنڀرو علي دوست 'عاجز'، علي محمد سولنگي، علي مرتضيٰ ڏاريجو غلام محمد پلي، غلام محمد 'غازي'،غلام مرتضيٰ پلي،غلام مصطفيٰ سولنگي، فدا سرهيو قاضي منظر حيات، گوهر سنڌي ماڻڪ ملاح، مختار گهمرو مختيار سمون، مختيار ملڪ، مشتاق بخاري محمد صالح کهڙو محمد علي ماجد، مقصود گل، ملهار سنڌي منٺار سولنگي، منظور ابڙو منظور ظفر، منظور منگي، مهر خادم، نثار بزمي،نسرين طاهر وفائي،نصير مرزا، نذير شورو نياز پنهور، نياز مسرور بدوي، وحيد محسن، وفا مولا بخش، وسيم سومرو ولي محمد طاهرزادو هاشم لطيفي، هوش محمد پلي، ياسر قاضي

## باب پنجون

### ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻو ادب

1947ع کان 2015ع تائين


■ هندستان ۾ ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو جائزو 172-174

■ هندستان ۾ ٻارن لاءِ ادب ڇپيندڙ ادارن جو تفصيل 174-190


سندر ساهتيه پبليشنگ هائوس (اجمير)، گلستان پبليڪيشن (احمدآباد)، نيشنل ڪائونسل آف ايجوڪيشنل ريسرچ اينڊ ٽريننگ گجرات سنڌي اڪيڊمي، نو ڄي ون ساهتيه منڊل (اجمير)، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ، راجستان سنڌي اڪيڊمي،ٻاراڻو ادب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پبليڪيشن (احمدآباد)، ويٽا پبليڪيشن (الهاس نگر)،
جڳديش بوڪ ڊپو (الهاس نگر)، گل ڦل پبليڪيشن (بمبئي)،
ببلو پبليڪيشن (احمدآباد)، اپسرا پبليڪيشن (احمدآباد)،
ٻالڪن جي ٻاري (هندستان)، پايل پبليشرز ٻڙودا، ٻال سنڌو
پبليڪيشن (احمدآباد)،گُڏو گُڏي پبليشنگ هائوس (الهاس
نگر)،سنڌي ٽائيمز پبلڪيشن (الهاس نگر)،رتن ڪتاب گهر
(احمدآباد)،سنڌي ٻال ساهتيه پريشد (احمدآباد)،شويا
پبليڪيشن (بمبئي)،هندستان ڪتاب گهر(بمبئي)، ڪونج
پبليڪيشن (بمبئي)، ماڌو ٻالچنداڻي پبليڪيشن (احمدآباد)،
ٻال دوست ڪتاب مالا (الهاس نگر)، ڦولستان آفيس (اجمير)،

## باب ڇهون

■ هندستان ۾ ٻارن جو ادب سرجيندڙ ليکڪ ۽ شاعر 191-213
آسومل محبوباڻي، آشا چاند، ايشور چندر برهمر کتري، منگهارام
چيتنديو ديوانو بي ايچ. آڏواڻي، ڀڳوان نردوش، پرسرام ضيا، جڳديش
لڇاڻي، جيوت گوگيا جوت، جيٺو لالواڻي، چندرسين ناواڻي، ڊاڪٽر
ديال آشا، رام ڀاڳچنداڻي گيان، روپڪمار گهايل، روشن گولاڻي، ريٽا
شهاڻي، سياش شرما سجاڳ، ستراداس سائل، ستي ڪلناڻي 'سکي'،
سندر مينگهراج جڳواڻي مجرم، ڪشن خوبچنداڻي، ڪلا پرڪاش،
ڪلپنا چيلاڻي، ڪمل پياسي، ڪنعيو گوپلاڻي، ڪنعيو گيرياڻي،
ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪيمن يومولاڻي، گهنشيام موتيرام دوديا ساگر، لڇمڻ
ڪومل، لڇمڻ ڀوڪڪڙيجا، ليکراج هنس، منگهارام ديوانو منوهر
بيدي، منوهر نهالاڻي، موتي پرڪاش، موهن ڪلپنا، ميول آهوجا،
واسديو نرمل، واسديو سنڌو ڀارتي، ومي سدارنگاڻي، وينا شرنگي،
هوندراج بلواڻي، هوندراج دکايل، هيملتا بجاج

soorthsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخن جي اشاعت جي ڏس ۾ پهريون ڀيرو اسان 'سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ' ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌري ڪري رهيا آهيون. هن ادبي تاريخ ۾ پوين ڏيڍ سؤ سالن دوران ٻارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل نثري توڙي شعري ادب جو تحقيقي جائزو، ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جو مڪمل تفصيل، سنڌي اخبارن پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي هفتيوار صفحن ۽ انهن سان لاڳاپيل علمي ادبي تنظيمن جو تحقيقي جائزو ريڊيي ۽ ٽي ويءَ جي پروگرامن جا تفصيل ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ اديبن ۽ شاعرن توڙي ايڊيٽرن جا مڪمل تعارفشامل ڪيا ويا آهن. اميد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي هي جامع تاريخ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي محققن لاءِ هڪ اهم تحقيقي ۽حوالاجاتي مواد طور ڪم ايندي.

ٻارن جي ادب جي تاريخ جي هنن ٽنهي جلدن تي ماهراڻي راءِ ۽ ايڊٽنگ جو ڪم **ڊاڪٽر ادل سومري**، جناب **نصير مرزا** ۽ جناب **مختيار ملڪ** ڪيو آهي، ان لاءِ آئون هنن صاحبن جو ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ پنهنجي اشاعتي ٽيم جي محنتن کي پڻ ساراهيان ٿو جن وقت سر هن اهم تحقيقي ڪم کي ڇپرائي پڌرو ڪيو.

نومبر، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**
**چيئرمين**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تاريخ جو پهريون جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي. سچ تہ مون کي اڄ بيحد خوشي ٿي رهي آهي جو منهنجو خواب ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ تعبير تي چڪو آهي ۽ هن اهم تحقيقي ڪم جا ٽي جلد ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. گذريل ڏهن سالن کان وٺي مون مسلسل هي ڪم پئي ڪيو آهي ـ ۽ جيئن تہ هن ڪم کي پنهنجي وت ست آهر معياري بنائڻ ۽ تحقيقي گهُرجون پُوريون ڪرڻ لاءِ مون کي فيلڊ ورڪ ڪرڻ ۽ لائبريريون ڦلهورڻ جي ضرورت هئي، ان ڪري هن ڪم کي مڪمل ٿيندي ٿيندي ڏهن سالن جو عرصو ٿي ويو.

سنڌي ادب جون تاريخون گهڻي ڀاڱي هڪڙي جو ئي 'آئينو ۽ اولڙو' آهن. انهن ۾ شامل مواد، اڳ ڇپيل آڳاٽين ادبي تاريخن ۾ موجود آهي، جنهن کي آڏو رکي نيون تاريخون لکيون پئي ويون آهن، پر ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ٻارن جي ادب جي تاريخ' تي پهريون ڀيرو ڪم ٿيو آهي، ان ڪري مون کي حوالاجاتي مواد طور سواءِ چند ادبي تاريخن جي، ٻيون ادبي تاريخون ڪا گهڻي مدد نہ ڪري سگهيون. نتيجي ۾ مون کي لائبريريون ڦلهورڻيون پيون، پراڻيون اخبارون ۽ رسالا ڏسڻا پيا ۽ مختلف شهرن ۾ وڃي فيلڊ ورڪ ڪرڻو پيو.

هن جلد ۾ شامل ڪتابن جو تفصيل هٿ ڪرڻ لاءِ مون گهڻي ڀاڱي مختلف لائبريرين ۾ وڃي انگ اکر گڏ ڪيا. گهڻو مواد ماهوار 'گل ڦل' ۽ 'سنڌي ٻارڙا' پبليڪيشن جي مختلف پرچن مان مليو جن جا مون مڪمل سيٽ هٿ ڪري رکيا آهن، جڏهن تہ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل خبرن ۽ ٻي معلومات کي آڏو رکي پڻ فيلڊ ورڪ ڪيو جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي ڪاميابي حاصل ٿي.

هن جلد جي تياريءَ ۾ جن دوستن منهنجي مدد ڪئي، تن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. منهنجي دوست **وفا مولا بخش** جڏهن سنڌي ٻاراڻي ادب جي هڪ مخصوص دؤر تي ايم اي جو مونوگراف پئي لکيو تہ اسان هڪٻئي کي مواد ڏنو ۽ ورتو. ڪن رسالن بابت تفصيل وفا مولا بخش مون کي ڏنا تہ ڪجهہ مواد مون کيس ڏنو. تحقيقي رهنمائيءَ جي ڏس ۾ مون هميشہ سائين **تاج جويي** ۽ ڊاڪٽر **اسحاق سميجي** کان مدد ورتي، جڏهن تہ **ادريس جتوئي**، **احسان لغاري**، **خالد ڀٽي**، **شوڪت چاچڙ**، **عاطف وگهيي** ۽ **زبير سومري** کي جڏهن جڏهن بہ ان ڏس ۾ ڪا معلومات پئي ملي تہ انهن مون سان پئي ونڊي، ان ڪري آئون انهن سڀني دوستن جو نهايت ٿورائتو آهيان.

هن تحقيقي ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ شايد اڃا بہ گهڻي دير ٿئي ها پر مسلسل ٽن مهينن تائين منهنجي دوست **زبير سومري** مون سان گڏ ويهي هن ڪم کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي، مواد ڪمپوز ڪيو، دوستن سان فون تي رابطو ڪيو ۽ ائين ئي هي مڪمل ٿيو. ان کان سواءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن سائين **سرفراز راڄڙ صاحب**، پنهنجي سائين ۽ شعبي جي ڊائريڪٽر **امين لغاري**، **اسد الله ڀٽي**، **نعيم ديسوالي** ۽ گڏ ڪم ڪندڙ ٻين دوستن جو بہ نہ رڳو تعاون حاصل رهيو، پر انهن هن ڪم جي تڪميل ۽ اشاعت جي ڏس ۾ پڻ گهڻي دلچسپي ورتي، ان لاءِ آئون سندن ٿورائتو آهيان. خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي جو منهنجي سائين **مختيار ملڪ** نہ رڳو هن جلد جي ايڊيٽنگ ڪئي آهي، پر وقت بہ وقت مفيد مشورن سان پڻ نوازيو آهي، جنهن لاءِ آئون سندس احسانمند آهيان.

هن موقعي تي آئون پنهنجي پياري ياءُ ۽ دلبر دوست **قربان عليءَ** کي ياد ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهان، جنهن جي وڏي خواهش هئي تہ منهنجو هي تحقيقي ڪم جلدي ڇپجي منظرعام تي اچي ۽ هُو ڪيترو ئي عرصو مون سان هن ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو رهيو. اڄ هي ڪم مڪمل ٿي اوهان جي هٿن ۾ آهي، پر **قربان** نہ آهي! ڪاش هُو هجي ها تہ اڄ ڪيس ڪيڏي نہ خوشي ٿئي ها.

**خالد آزاد** -
30-05-2016

F#105-106 VIP Luxury
Apartments, Qasimabad,
Phase I, Hyderabad,
Sindh.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پهريون

# اوائلي آکاڻين، درسي ڪتابن

# ۽ ترجمن جو دور

[1920 - 1853]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اوائلي آکاڻين، درسي ڪتابن ۽ ترجمن جو دور

[1920 - 1853]

1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي **’عربي - سنڌي لپي‘** رائج ٿيڻ کان پوءِ درسي ڪتابن، اوائلي آکاڻين ۽ ٻارن جي ٻين نثري ڪتابن جي تخليق ۽ ترجمن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو. اصليت جي اٽاڻ جي ڪري گهڻو زور ترجمن تي هو. هونئن عام طور تي، 1949ع ۾ **ڪئپٽن جارج اسٽئڪ** جي سنڌي گرامر جي ضميمي ۾ ڏنل **منشي اڌارام ٿانورداس** جي لکيل **’آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي‘** کي پڻ ٻارن لاءِ پهرين آکاڻي سمجهيو ويندو آهي. جاڪاڻ ته ان ڪهاڻيءَ جو پيرايو وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ نهايت وڻندڙ ۽ دل لڀائيندڙ هو پر ٻارن لاءِ باقاعدي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم ’عربي - سنڌي لپيءَ‘ جي رائج ٿيڻ کان پوءِ ئي ٿيو. **منشي اڌارام ٿانورداس** جي اها ڪهاڻي ديوناگري لپيءَ ۾ هئي، جنهن کي اڳتي هلي هن 1861ع ۾ ٻين ڪهاڻين سان گڏ نئين صورتخطيءَ ۾ هڪ مجموعي ۾، ڇاپي ۾ آندو. ساڳيءَ ريت ڪئپٽن اسٽئڪ جي گرامر جي ضميمي ۾ هڪ ٻي ڪهاڻي **’شهزادي امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آکاڻي‘** 1854ع ۾ پنڊت ٻنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل **غلام حسين قريشيءَ** جي ڪهاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاسي ۾ ڦٽل ڏرتي ٿو ڪيڙي اهي ڪاٺا ۽ ٻنا ڄتان اوٻاوڙي جو زميندار ڪيڙيندي ڪيڙيندي اسان جي ڏرتي پڻ ڪيڙي وڃي، نيٺ سيني مڙي سڙي ٻنيءَ تي وڃي اوپائي ڪي ماري ڪٽي پچايو ۽ ان ڪي اڪيلو ڏسي ڊيڇارياٺون تہ جي وري تون ڪڏهن هيءَ ٻني ڪيڙيندين، تہ توکي لٺيون هٽي هٽ پير پيجي ڇڏيندا سون. هاٽي اِتان اوپايو گهوڙا گهوڙا ڪندو ڀڄو ويو.“[2]

## سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالھ

(ميران محمد شاھ اول 1855ع)

”منشي دفتر جي ڪلڪٽر صاحب کي ونجي چيو تہ ساءِ جلالپور جي ڪاغذن ڏسڻ منجهان ٿو پروڙجي تہ جيڪي مختيار ڪار (سڏاتوري)لکئو آهي سو سچ آهي ۽ دفتر جي ڳال ڪوڙي، ان ڪوڙ ۾ ڪڏاتوري جو ڪُوڙ ٿو پروڙجي تڏه صاحب ڪڏاتوري کي ڪوناٺي پڇئو تہ هن ڳال جي وچور ڪيئن آهي. صاحب سمجهيو تہ اهو ڪوٺ ۽ ڊوھ ڪڏاتوري ڪئو آهي ۽ منشي دفتر جو پڻ ڏوھ آهي جو پهجي ڪم ۾ پاڻ سار ڪانہ رکي ۽ ٻئي کي پهجي ڪم ۾ موڪل ڏيئي ڇڏياءِ.“[3]

هنن اوائلي ۽ ابتدائي آکاڻين جي مٿين عبارتن ۾ نہ تہ ايڏيون وڏيون ٻوليءَ جون پيچيدگيون آهن ۽ نہ ئي ڪي گهڻا گرامر جا قاعدا، ان ڪري انهن جي انداز بيرابي ۽ عام فهم ٻوليءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي آکاڻيون وڏڙن سان گڏ ٻارڙن لاءِ پڻ وندرائيندڙ ۽ نصيحت آموز هيون. ان ڪري انهن آکاڻين کي مجموعي سنڌي ادب جي اوائلي آکاڻين سان گڏ، سنڌي ٻاراڻي ادب جون پڻ بنيادي آکاڻيون قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

---

[2] ملڪاڻي منگهارام، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 39

[3] ملڪاڻي منگهارام، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 39



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ واي پهرئين ڏهاڪي ۾ اوائلي قصن ۽ ڪهاڻين سان گڏ ٻارن لاءِ درسي ڪتاب پڻ شايع ڪيا ويا. 1853ع ۾ ئي عربي- سنڌي سيکارڻ جي شروعات ٻاراڻي درسي ڪتاب '**بابنامي**' سان ڪئي وئي. **منشي نند يرام ميراڻيءَ** جي لکيل هن ڪتاب '**بابنامي**' کي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ٻاراڻو درسي ڪتاب چيو وڃي ٿو. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ '**بابنامي**' جي 32 صفحن ۾ ڏنل اٺن سبقن ۾ ٻار جي ادبي ضرورتن جي پورائي جو مواد بہ موجود هو پر هن ڪتاب جي بنيادي درسي ڪتاب واري اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. اڪثر محققن هن ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ ٻارن جو پهريون ادبي ڪتاب ڄاڻايو آهي، جيڪا راءِ صحيح نہ آهي. '**بابنامو**' هڪ درسي ڪتاب هو جيڪو خاص طور تي عربي- سنڌي لپي، سيکارڻ جي مقصدن کان تيار ڪيو ويو هو ۽ ان ڪتاب ۾ '**هِجي**' جو طريقو سيکاريل هو. ڪتاب جي 32 صفحن مان 22 صفحن ۾ تہ رڳو 'هجي' جو طريقو ڪم آندل آهي، باقي ڏهن صفحن ۾ ڪل اٺ سبق ڏنل آهن. جن ۾ ڪل ستر جملا آهن.

**بابنامي** کان پوءِ 1853ع ۾ ئي ٻارن لاءِ جيڪي درسي ڪتاب شايع ٿيا، تن ۾ اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ جا '**سرڪاري پهريون ڪتاب**' ۽ '**سرڪاري ٻيو ڪتاب**' ۽ پريداس رامچنداڻيءَ جا '**سرڪاري ٽيون ڪتاب**'، '**سرڪاري چوٿون دڪتاب: ڀاڱو پهريون**' ۽ '**سرڪاري چوٿون ڪتاب: ڀاڱو ٻيو**' شامل آهن. اهڙيءَ ريت 1853ع کان 1875ع تائين نئينءَ لپيءَ ۾ ٻارن لاءِ گرامر، ڊرائينگ، انگي حسابن، سنڌي سکيا، علم هيئت، الجبرا، جاگرافي، طب، انگريزي ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا، جن مان گهڻا **اڌرام ٿانورداس ميرچنداڻي، منشي نند يرام ميراڻي، پريداس رامچنداڻي، ميران محمد شاهہ اول ۽ ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ** جا لکيل آهن. هنن صاحبن مان **منشي اڌارام ٿانورداس**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرچنداڻي، پريداس رامچنداڻي ۽ منشي نند يرام ميراڻي، 1853ع ۾ انگريز سرڪار پاران جوڙيل صورتخطي ڪميٽيءَ جا ميمبر پڻ هئا.

ٻارن لاءِ درسي ڪتابن جي تياريءَ ۾ معاونت ۽ مدد ڪرڻ سان گڏ منشي نند يرام ميراڻي 1854ع ۾ هڪ ٻيو وڏو ڪارنامو اهو سرانجام ڏنو جو هن صاحب اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 'مسٽر ايلس' جي مدد سان دنيا جون ۾ مشهور 'ايسپ جون آکاڻيون' انگريزيءَ تان ترجمو ڪيون. هن ڪتاب کي منشي اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي نئين ترتيب سان 1871ع ۾ ٻيهر شايع ڪرايو جنهن ۾ آکاڻين جو انگ به اڳ کان گهٽ وڌيڪ هو. هيءُ ڪتاب دنيا جي قديم ۽ عام پسند ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي، جنهن جو ترجمو دنيا جي ڪيترين ئي مُک ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي. اهي آکاڻيون اندازن سوا ٻه هزار ورهيه اڳ لکيون ويون هيون. اصل ۾ هيءُ ڪتاب هڪ نصيحت نامو آهي، جنهن ۾ ايسپ پنهنجا تجربا، صلاحون ۽ هدايتون آکاڻين جي صورت ۾ پيش ڪيون آهن. هي آکاڻيون ٻارن، جوانن، پوڙهن، وڏڙن ۽ شاگردن کي هڪ جهڙو لطف ڏين ٿيون. منشي صاحب هن ڪتاب جو ترجمو ڪري سچ ته وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو.

منشي نند يرام ميراڻيءَ جي ان ڪاوش کان پوءِ 1860ع ۾ منشي اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي آکاڻين جو مجموعو 'طوطي نامو' فارسيءَ تان ترجمو ڪيو جيڪو اصل سنسڪرت تان ورتل هو. هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب تي پي ايچ. ڊي ڪندڙ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي هن ڪتاب جي اشاعت جو سن 1861ع ڏنو آهي، پر اصل سن 1860ع آهي، جنهن جي تصديق پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي 'سنڌي نثر جي تاريخ' مان ڪري سگهجي ٿي. هن ڪتاب ۾ الف ليليٰ جي طرز تي دلچسپ ۽ نصيت آميز آکاڻيون ڏنيون ويون هيون. هن ڪتاب جي ضميمي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’وهئين ۽ ولهي جي آکاڻي‘ ڏنل هئي، جيڪا تجنيس حرفيءَ ۾ لکيل هڪ مزيدار ڳالهه هئي. هيءَ ڪتاب ۽ ضميمي طور ڏنل هيءَ دلچسپ آکاڻي، جيتوڻيڪ اوائلي سنڌيءَ جو زبردست نمونو ۽ موجوده لپيءَ ۾ سنڌي نثر جا بنيادي ماخذ آهن، پر دلچسپ پيرائي، سادي سلوڻي ٻولي ۽ نصيحت آموزيءَ سبب هن ڪتاب کي وڏڙن سان گڏ ٻارن جي آکاڻين جو پڻ بنيادي ڪتاب قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

درسي ڪتابن کي ڇڏي، باقي متي ڄاڻايل ٻيا ڪتاب ۽ آکاڻيون سِڌو سنئون ٻارن لاءِ لکيا يا ترجمو نه ڪيا ويا هئا، پر ڇاڪاڻ ته انهن ڪتابن ۽ آکاڻين ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جو مواد موجود هو. ان ڪري اهي وڏڙن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ وندرائيندڙ ۽ دلچسپ هئا. هن ڏس ۾ ٻارن جي آکاڻين جو جيڪو پهريون مجموعو ملي ٿو اهو آهي ’مفيد الصبيان‘. سيد ميران محمد شاهه اول جو هيءَ ڪتاب اصل هنديءَ تان ورتل هو جيڪو 1861ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ اخلاقي، نصيحت آميز ۽ فائيديمند آکاڻيون ڏنيون ويون هيون. ٻارن لاءِ شايع ڪيل پهرئين آکاڻين جي هن مجموعي جي هڪ آکاڻيءَ جي عبارت حوالي طور پيش ڪجي ٿي:

**مفيد الصبيان**

(سيد ميران محمد شاهه اول)

> ”بادشاهه جي محلي جي پاسي ۾ هيڪو موچي ڪميٽو بچڙو رهندو هو. بادشاهزادو سدا ان جي گهر ايندو ويندو راند ڪندو هو ۽ ان سين ڏاڍو پيار رکيائين. وزير چيو ”ڏيهه ڏٺي، ٻارن کي ڪميڻن جي سنگت ۾ ڇڏڻ قتالي آهي. تورن ڏينهن ۾ انهن جا آرڪڻ ٻار وٺندا آهن. ماڻهوءَ کي جهڙي سنگت هوندي اهڙا آرڪڻ سکندو. ڪرجي ته شهزادو موچيءَ وٽ نه وڃي.“ بادشاهه چيو ته اهو ٻار اٻوجهه آهي ۽ موچيءَ سين پيار



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ويو آهيس. جيڪڏهن ان سنگت کان جهلبو تہ ڏکوئبو ۽ متان ان ڏک ۾ اگهو ٿي پوي ڪي ڏينهن ڪاند ڪجي، جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن نصيحت ڪري موچيءَ جي سنگت ڇڏائبس. وزير ماٺ ڪري رهيو."[4]

مٿين عبارت ۾ نہ رڳو مرڪزي ڪردار ٻار جو آهي، پر ڪهاڻيءَ جو پيرايي، ٻولي ۽ موضوع توڙي پيشڪش مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڪتاب خالص ٻارن جي ادبي ضرورتن جي پورائي لاءِ لکيو ويو هو. هن آکاڻيءَ سان گڏ مجموعي ۾ شامل ٻيون سموريون آکاڻيون ٻارن جي نفسيات ۽ عادتن کي آڏو رکي لکيون ويون هيون. ان ڪري پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سميت ٻين محققن موجوده لپيءَ ۾ **سيد ميران محمد شاهہ اول** جي هن ڪتاب **'مفيد الصبيان'** کي ئي ٻارن جي آکاڻين جو پهريون ڪتاب قرار ڏنو آهي.هتي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هن ڪتاب ۾ سنڌيءَ جون اصلوڪيون آکاڻيون نہ پر هنديءَ تان ورتل آکاڻيون شامل آهن.

بعد ۾ **ديوان ڪيولرام سلامتراءِ** 1864ع ۾ دلچسپيءَ ۽ دانائيءَ سان ڀريل آکاڻين جو ڪتاب **'سوکڙي'**۽ 1871ع ۾ اخلاقي ٽوٽڪن جو ڪتاب **'گل'** لکيا.اهي ٻئي ڪتاب تعليم کاتي جي رُڪاوٽن سبب گهڻو پوءِ 1905ع ۾ ڇپيا. مٿيان ٻئي ڪتاب بہ جيتوڻيڪ سڌيءَ ريت ٻارن لاءِ نہ هئا، پر اخلاقي ۽ نصيحت آموز مواد سبب ٻار بہ انهن کي دل لڳائي پڙهندا هئا، تنهن ڪري مٿيان ٻئي ڪتاب پڻ سنڌي ٻاراڻي ادب جا بنيادي ڪتاب تصور ڪري سگهجن ٿا. هتي **ديوان ڪيولرام سلامتراءِ** جي ڪتاب **'گل'** جا چند فقرا ڏجن ٿا، جن جي ٻولي ۽ پيرايي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ ڪتاب ٻارن لاءِ وندرائيندڙ ۽ مفيد هو:

---

[4] ملڪاڻي منگهارام 'سنڌي نثر جي تاريخ'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 40



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪتاب: 'گل'

(ديوان ڪيولرام سلامتراءِ)

"هڪڙي پيري ملڪ جو هڪ اڳوڻو راجا، جبل ۾ شڪار لاءِ ويو. هڪڙو سندس صاحب گهمندو ڦرندو هڪڙي فقير وٽ، جو سُڃ ۾ هڪڙي جبل جي چُر ۾ ٻه ڏونهين ٻاريو ويٺو هو وڃي نڪتو. فقير ان امير کي ڳالهه ڪري ٻڌائي، ته آئون فلاڻي پاڳئي جو ٻڪرار هئس، جاسين ٻڪرين کي چڱيءَ طرح سنڀاليم، تاسين پاڳئي مان ۽ پاو سان پيٽ ڪپڙو ڏنو ٿي. پر ڳچ عرصي کان پوءِ نشي پيئڻ جي هير ٿيم، جنهن جي ڪري ڌڻ جي ٽهل پوري ڪري نه سگهيس. تنهن کان ٻڪريون ڏٻريون ٿيون، ۽ ٻگهڙن گدڙن ڪاڏيون. تڏهن پاڳئي ٻيو ٻڪرار رکي مون کي لرڏي ڇڏيو، جو هاڻ ٽڪر لاءِ وتان در در پٽڪندو. تنهن وانگي تنهنجو راجا پڻ ڌڻ جو ڏنار آهي، سو جي ڌڻ کي چڱيءَ طرح پاليندو ته واهه نه ته مون وانگي ٿيندو. مسلمانن جي صاحب فرمايو آهي ته راجا کي نياو جو هڪڙو ڏهاڙو سٺ ورهين جي عبادت ٻجاءِ آهي."[5]

مٿين لکٽيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته ديوان صاحب جا لکيل مٿيان ٻئي ڪتاب نه صرف اخلاقي ۽ نصيحتي تعليم تي ٻڌل هئا، پر انهن ۾ مذهبي رواداريءَ جو درس به ڏنل هو. مٿيان ٻئي ڪتاب سنڌي ٻارن لاءِ نهايت ڪارائتا ڪتاب هئا.

1870ع ۽ 1880ع وارن ڏهاڪن ۾، سواءِ درسي ڪتابن جي، ٻارن لاءِ آکاڻين يا شعرن جو ڪتاب نٿو ملي، البت **پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ** پنهنجي ڪتاب **'سنڌي نثر جي تاريخ'** ۾ **ڊاڪٽر هوندراج**

---

[5] ملڪاڻي منگهارام، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 41




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلوچي پنهنجي پي ايچ. ڊيءَ جي مقالي 'سنڌي ٻال ساهتيه' ۾ مرزا قليچ بيگ جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **'ٻارڙا شعر'** 1870ع ۾ ڇپيل ڄاڻايو آهي، پر مرزا قليچ بيگ جي لائبرريءَ مان تيار ڪيل فهرست ۾ ان ڪتاب جو نالو شامل آهي. ان ڪري هن ڪتاب جي تاليف يا اشاعت بابت ڪا حتمي راءِ قائم نٿي ڪري سگهجي. ان کان سواءِ 1871ع ۾ آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل قصو **'ڪوئا ۽ ٻلي'** پڻ ڇپجي پڌرو ٿيو جيڪو اصل هنديءَ تان ورتل هو. مٿين ويهن سالن ۾ سنڌ جي ٻارن لاءِ ڪيترائي درسي ڪتاب شايع ڪيا ويا، جن جي فهرست هن باب جي آخر ۾ شامل ڪئي وئي آهي.

1890ع وارو ڏهاڪو سنڌي ٻارڙي ادب لاءِ انتهائي اهميت وارو ڏهاڪو آهي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ ٻه سڀ کان پهريان اصلوڪا ڪهاڻين ۽ شعرن جا مجموعا شايع ٿيا. جيڪي ٻئي سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ۽ سنڌي نثر جي ابي **ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ** جي ڪاوش هئا. جيئن ته اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته سيد ميران محمد شاهه اول جو ٻارڙين ڪهاڻين جو ڪتاب **'مفيد الصبيان'** سنڌيءَ ۾ ٻارن جي آکاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، پر ڇاڪاڻ ته اهي آکاڻيون اصلوڪيون نه هيون ۽ هنديءَ تان ورتل هيون، ان ڪري **ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ** جو ڪتاب **'ٻارڙيون آکاڻيون'** ئي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي اصلوڪين آکاڻين جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو 1891ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي قيمت اڍائي آنا هئي، جيڪو مرڪنٽائيل پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هڪ هنڌ هن ڪتاب جي اشاعت جو سال 1894ع ڄاڻايل آهي، پر پروفيسر **منگهارام ملڪاڻي** هن ڪتاب کي 1891ع ۾ ڇپيل ڄاڻايو آهي، جيڪو سال وڌيڪ مستند ٿو لڳي. هن ڪتاب جا 1898ع تائين ٽي ڇاپا شايع ٿيا. ٽيون ڇاپو قيصريه پريس حيدرآباد مان 1998ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شايع ڪيو ويو. ٻارن لاءِ لکيل آکاڻين جي حوالي سان هن ڪتاب کي اوائلي ڪتاب تصور ڪري سگهجي ٿو. ٻارن جي اصلوڪين آکاڻين جي ٻولي، انداز ۽ آکاڻيءَ ڪٿڻ جي شروعات جو ڍنگ ڪتاب '**ٻاراڻيون آکاڻيون**' جي هن آکاڻيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو:

**ڪتاب: 'ٻاراڻيون آکاڻيون'**

(ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي)

> "هڪڙو هو جهنگ. انهيءَ جهنگ ۾ هيون ٻه هرڻيون. هڪڙي هئي وڏي ٻي هئي ننڍڙي. وڏي هرڻي هئي ننڍي هرڻيءَ جي ماءُ. هڪڙي ڏينهن اپ ۾ گهڻا ڪڪر ٿيا ۽ واءُ لڳو. وڏي هرڻيءَ چيو ننڍڙيءَ کي، "اڄ مان جهنگ کان ٻاهر ڪين ويندس. اڄ ڏينهن آهي ٿڌو، سو ماڻهو بندوقون کڻي ايندا شڪار ڪرڻ ۽ هرڻي ڏسندا ته بندوق هڻي ماري وجهندا. تون به اڄ ٻاهر مٿان نڪرين." پر ننڍڙيءَ هرڻي ماءُ جو چيو ڪين ڪيو....."[6]

ڪهاڻيءَ پڙهڻ کان پوءِ اهو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هيءُ ڪتاب مڪمل طور تي ٻارن لاءِ هو ۽ ٻارن جي ادبي ضرورتن جي پورائي لاءِ لکيو ويو هو. ڪهاڻيءَ جي ٻولي ۽ اسلوب مان ظاهر آهي ته ان دور جو ٻاراڻو ادب وندر، سکيا ۽ نصيحت آموزيءَ تي ٻڌل هو ان ۾ اڃا سائنس ۽ ٻيا جديد موضوع نه آيا هئا. هونئن به ٻاراڻي ادب جا بنيادي موضوع ئي وندر ۽ سکيا آهن ۽ مجموعي طور هن دور جو سمورو سنڌي ادب وندر ۽ سکيا جي موضوع تي ئي آڌاريل هو.

ساڳئي سال يعني 1891ع ۾ ديوان **ڪوڙي مل چندن مل ڪلناڻي** ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو '**ٻاراڻا شعر**' لکيو جيڪو پڻ سنڌيءَ ۾ ٻارن

---

[6] ملڪاڻي منگهارام، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 43



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ لکيل شعرن جو پهريون مجموعو تصور ڪيو وڃي ٿو. هيءُ ڪتاب ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. 1853ع ۾ عربي سنڌي لپيءَ رائج ٿيڻ کان پوءِ هيءُ ٻارن لاءِ شعرن جو پهريون مجموعو آهي.

اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ديوان **ڪوڙي مل چندن مل کلناڻي** هڪ ٿي سال ۾ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ اصلوڪين ڪهاڻين ۽ شعرن جو مجموعا لکي سچ تہ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو. نج ٻارن لاءِ لکيل ٻنهي ڪتابن کان سواءِ ڪوڙي مل 1890ع واري ڏهاڪي ۾ **'سنڌي ڳجهارتون'** ۽ ڪجهہ ٻيا ڪتاب پڻ لکيا. جيڪي وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ ساڳي ريت دلچسپ ۽ مزيدار هُئا. 1890ع ۾ **گرداس مل ڪرپالاڻي** هندي آکاڻين جو ڪتاب **'بيتال پچيس'** ترجمو ڪري ليٿو ۾ ڇپايو. هن ڪتاب ۾ **الف ليليٰ** واري طرز تي لکيل 125 آکاڻيون شامل هيون. ان کان سواءِ هن ٿي ڏهاڪي ۾ **احمد خان جلباڻي** **عزت الله شيخ** جي مشهور فارسي ڪتاب **'گل بڪاوليءَ'** جو ترجمو ڪيو. حاجي امام بخش **'چار درويش'**, (1890ع)' **حاتم طائيءَ جو قصو'** (1894) ۽ **الف ليليٰ جا قصا** (1894) ترجمو ڪري ڇپايا. اهڙيءَ ريت قصن ۽ ڪهاڻين جو اهو مواد وڏن سان ٻارن لاءِ پڻ مفيد ۽ وندرائيندڙ ثابت ٿيو. 1894ع ۾ **هاسارام ۽ سوبراج ڏاسواڻيءَ** جو ڪتاب **'سيا جا سينگار'**ءِ 1895ع ۾ **روچيرام گجومل** جي اخلاقي آکاڻين جي ڪتاب **'عجيب نقطا'** ڪي پڻ ٻارن جي اخلاقي آکاڻين جو ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو پر منهنجو خيال آهي تہ هيءُ ڪتاب بہ اهڙن ڪتابن جي سلسلي جي ڪڙي آهي. جيڪي هڪ ٿي وقت ٻارن ۽ وڏن لاءِ دلچسپ, معلوماتي ۽ نصيحت آموز هئا. البت هن ڏهاڪي ۾ **تهلرام لوڪو مل پنواڻيءَ** روحاني ۽ ڪرامتي آکاڻين جو ڪتاب **'واندڪائيءَ جي وندر'** ٻارن ۽ وڏن شاگردن لاءِ لکيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب **'سنڌي نثر جي تاريخ'** ۾ هن ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بابت لکي ٿو تہ: ”اهو ڪتاب بہ ٻالڪپڻ ۾ اهڙي چاهہ سان پڙهندا هئاسين جو ڪائڻ پيئڻ وسري ويندو هو.“

1898ع ۾ شڪارپور ۾ منشي پوڪرداس ٿانورداس پنهنجي پاڙي نوشهري در تي ’پوڪر پريس‘ قائم ڪري، ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو. هيءَ پريس ليٿو هئي، بعد ۾ جڏهن هن ليٿو ختم ڪري جديد پرنٽنگ پريس قائم ڪئي، تڏهن ان جو نالو بدلائي ’سنڌ پرنٽنگ پريس‘ رکيائين. ساڳئي سال يعني 1898ع ۾ پوڪر پريس پاران واحد بخش جو ٻارن لاءِ گيتن تي ٻڌل ڪتاب ’ٻاراڻا اولاڻا عرف ٻاراڻا گيت‘ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب جي قيمت هڪ آنو هئي. هن ڪتاب کان اڳ صرف هڪ ٻارن لاءِ شعرن جو هڪ مجموعو ڇپيل آهي، ان ڪري هن ڪتاب کي ٻارن لاءِ شعرن جو ٻيو مجموعو قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ پوڪرداس جي ڪتابن جي اشاعت واري ڪم جو سال 1886ع ڄاڻايو آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي ڪتاب ’شڪارپور جي صحافتي تاريخ‘ ۾ ۽ ڪي ٻيا محقق پوڪرداس جي ڇاپخاني جي ابتدا جو سال 1898ع ئي ڄاڻائين ٿا.

1900ع جي شروعات ۾ بہ سنڌي ٻاراڻو ادب، ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ جي مرهونِ منت رهيو. ديوان صاحب هن صديءَ جو ٻارن لاءِ پهريون ڪتاب ’قول مالها‘ لکيو جنهن ۾ ٻارن لاءِ سکيا ۽ وندر جون آکاڻيون ڏنل هيون. جيئن تہ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ آکاڻين ۽ شعرن جا پهريان ڪتاب لکڻ جو اعزاز بہ ديوان ڪوڙي مل کي ئي آهي، تيئن ئي هن 1905ع ۾ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ پهريون ناٽڪ ’سنگ جو پرسنگ‘ لکيو جنهن ۾ اسڪولي ڇوڪرن کي سٺي سنگت رکڻ لاءِ نصيحت هئي. هيءُ ناٽڪ اسڪولي شاگرد پنهنجي اسڪولن ۾ اسٽيج ڪندا هئا. هي سلسلو هتي ختم نٿو ٿئي، پر ديوان صاحب وري 1906ع ۾ سنڌيءَ جو پهريون مزاحيہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽوٽڪن جو ڪتاب **’ٺهڪ ٺي ٺهڪ‘** لکيو جيڪو پڻ وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ بہ دلچسپ هو ۽ ٻار ان کي شوق سان پڙهندا هئا. اها واقعي ڪمال جي ڳالهہ آهي تہ ديوان **ڪوڙي مل چندن مل کلناڻي**، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻين، شعرن، ڊرامن ۽ مزاحيہ ٽوٽڪن جا ڍيريان ڪتاب لکيا.

1906ع کان 1920ع جي عرصي دوران سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪي گهڻا ڪتاب تہ نہ شايع ٿيا آهن، البت هن عرصي دوران سنڌي ٻولي ۽ ادب جي وڏي عالم**مرزا قليچ بيگ** ٻارن لاءِ ڪي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ **’شيطان جي ناني‘** (1916ع)، **’دل وندرائيندڙ ڳالهيون‘** (1918ع)، **’هندستان جون ديسي آکاڻيون‘** (1919ع) ۽ **’ٻاراڻا گل ڦل‘** (1918ع) شامل هئا. هنن ڪتابن مان **’ٻاراڻا گل ڦل‘** نج ٻاراڻين آکاڻين جو مجموعو هو. هن دور ۾ **’پنچ تنتر‘** جو عربيءَ مان فارسي ۽ پوءِ سنڌيءَ ۾ ترجمو**’گلزار چنبيليءَ‘** جي نالي سان **محمد بخش واصف** 1914ع ۾ ڪيو. فارسي استعارن ۽ ترڪيبن جي گهڻائيءَ جي ڪري **ٺاڪرداس ٽڏاڻي**، ان کي سليس سنڌيءَ ۾ آڻي **’گلزار چنبيلي عرف عقل جون گُنجون‘** نالو ڏيئي ڇپايو. هن ڪتاب ۾ جانورن ۽ پکين ذريعي وندرائيندڙ ۽ نصيحت ڀريون آکاڻيون شامل هيون. ان ڪري هن ڪتاب کي وڏن سان گڏ ٻارن جي دلچسپيءَ جو ڪتاب چئي سگهجي ٿو. 1912ع ۾ **پرمانند ميوا رام** ڪتاب **’دل بهار‘** جا چار ڀاڱا ڇپرايا. هيءُ ڪتاب پڻ جيتوڻيڪ وڏن لاءِ هو پر ان ۾ مزيدار وندرائيندڙ نصيحت آموز آکاڻين سان گڏ مزاحيہ لطيفا ۽ ٽوٽڪا پڻ شامل هئا، ان ڪري ساڳئي وقت اهو ڪتاب ٻارن ۾ پڻ مقبول ٿيو. 1913ع ۾ **ڀڳوان سکراڻيءَ** جو ڪتاب **’سلڇڻائيءَ جو ڦل‘** شايع ٿيو. هيءُ ڪتاب پڻ نصيحت وارن نقطن تي ٻڌل هو.

مئي 1914ع ۾ هوپفل اڪيڊمي (هاڻوڪي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 2)شڪارپور ٻاران **’هوپفل اڪيڊمي ميگزين‘** شروع ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وين جيڪو ڇهہ ماهي هو. هيءُ ٻارن لاءِ خاص ادبي پرچو تہ نہ پر هڪ اسڪولي رسالو هو تنهن هوندي بہ ان ۾ ٻارن جي ادبي ذوق جو مواد شامل هوندو هو.

اهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جو هيءُ پهريون دور پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهتو جنهن کي **'اوائلي آکاڻين،درسي ڪتابن ۽ ترجمن'** جو دور سڏي سگهجي ٿو. مجموعي طور تي، هن دور ۾ گهڻو زور ترجمن تي هو ڇاڪاڻ تہ نئين لپي تازو تازو سرڪاري طور تي رائج ٿي هئي. انگريز حڪومت بہ چاهيو پئي تہ سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ واڌارو ٿئي، جنهن جي عملي ثبوت طور انهن پاڻ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ڊڪشنريون ۽ گرامر تيار ڪيا. ان ڪم ۾ انگريز سرڪار سان جن عالمن ۽ اديبن ساٿ ڏنو ۽ ٻارن لاءِ درسي توڙي ادبي ڪتاب لکيا، هتي سندن زبردست ڪم جي ميجتا طور مختصر احوال ڏجي ٿو.

## آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسي:

آخوند عبدالرحيم عباسي اصل ۾ ٽبي سعيد خان، تڏهوڪي تعلقي شهدادڪوٽ، ضلعي لاڙڪاڻي جو رهواسي هو. جيڪو 1805ع ڌاري ڄائو. آخوند صاحب عربي ۽ فارسيءَ تي ڪافي عبور رکندو هو. معياري سنڌي صورتخطي نهڻ کان اڳ سنڌي زبان ۾ ديسي آکاڻيون قلمبند ڪيائين. 1853ع ۾ معياري سنڌي صورتخطيءَ قائم ٿيڻ کان پوءِ آخوند صاحب جا ڪتاب ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي ڇپايا. سندس ڪتاب وڏن توڙي ٻارن ۾ هڪجيترا مقبول ٿيا. خاص طور تي سندس ڪتاب **'ڪوئا ۽ ٻلي'** ٻارن لاءِ دلچسپ پيرايي وارو ڪتاب هو جيڪو 1871ع ۾ شايع ٿيو. هن اٽڪل ڏهہ ڪتاب لکيا. جن ۾ **'سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال'** (1868ع)، **'قصو دلوراءِ جو'** (1870ع)، **'وڪيو ڏاتار'** (1870ع)،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**’سسئي پنهون‘** (1871ع)، **’عمر مارئي‘** (1871ع)، **’ڪوٺا ۽ ٻلي‘** (1871ع)، **’قصو عجائب شاهہ‘** (1872ع)، **’هر ڳنيو‘**(1857ع) شامل آهن. هن نظم سان گڏوگڏ ڪيترائي قصا ۽ آکاڻيون نثر ۾ بہ لکيون. سندس آکاڻيون ان دور ۾ ڪافي مشهور هيون. سندس وفات 1873ع ۾ ٿي.

**اڌارام ٿانور داس مير چنداڻي:**

سنڌي ٻوليءَ جو عالم ۽ اديب **منشي اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي** 1833ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌ جي ماڻهن ۾ انگريزي سکندڙ پهريون شخص هي ئي هو. انگريزي تعليم جي مطالعي کان پوءِ ڪيس ڪمشنر آفيس ۾ نوڪري ملي، ۽ پوءِ سنڌيءَ ۾ ترجمان ٿيو. انگريز عملدار ڪائنس هندستاني ٻوليون سکندا هئا. 1853ع ۾ منشي اڌارام، مسٽر ايلس جي صدارت هيٺ جوڙيل سنڌي صورتخطي ڪميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. جنهن عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي رائج ٿيڻ کان پوءِ ٻارن لاءِ سنڌي درسي ڪتابن جي تياريءَ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن سنڌي بنيادي تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ **سنڌي پهريون، ٻيو ۽ ٽيون ڪتاب ترتيب ڏنا.** جڏهن تہ **’سنڌي ويا ڪرڻ‘، ’ونهين ۽ ولهي جي ڳالهہ‘** ۽ **’طوطي نامو‘** بہ سندس ڪتاب آهن. منشي صاحب 1883ع ۾ وفات ڪئي.

**ڀڳوان سڪراڻي:**

**ڀڳوان سڪراڻي** سنڌي ٻوليءَ جو نهايت ئي اهم ليکڪ هو. سندس نصيحت آموز آکاڻين تي ٻڌل مجموعو **’سلڇڻائيءَ جو ڦل‘** 1913ع ۾ شايع ٿيو. بعد ۾ ڀڳوان سڪراڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل هڪ ٻيو **ڪتاب ’لال ٻلي‘**، منوهر ساهتيہ منڊل ڇپائي پڌرو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀڳوان سڪرانيءَ جو اصل نالو ڀڳوانداس مولچند سڪراڻي هو. سندس باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ملي نہ سگهي آهي.

**پرمانند ميوارام:**

سنڌي ٻوليءَ جي خدمتگار ۽ لغت نويس **پرمانند ميوارام** جو ڪتاب **'دل بهار'** 1912ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو ورهين سان ٻارن لاءِ پڻ نهايت دلچسپ ۽ نصيحت آموز ڪهاڻين تي ٻڌل هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ "پرمانند ميوارام جا **'دل بهار'** (1912ع) جا چار ڀاڱا، جن ۾ شامل **'جوت'** مان ڪنيون ڪري ڇپايل مزيدار ۽ وندرائيندڙ نصيحت ڀريون آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا پڙهي، ڪلي ڪيرا تي پوندا هئاسون."

**ديوان پرمانند ولد ميوارام چنناڻي** 13 جون 1856ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. هن حيدرآباد مان هفتيوار **'جوت'** اخبار جاري ڪئي. هن ڪيترين ننڍين وڏين آکاڻين ۽ قصا لکيا. هڪ اندازي مطابق ديوان پرمانند ميوارام تقريباً ڏيڍ درجن ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيا آهن. جن ۾ **'انگريزي - سنڌي لغت'** (1908ع)، **'سنڌي - انگريزي لغت'** (1910ع)، **'دلبهار'** (1912ع، آکاڻيون)، **'ڪرست جي پيروي'** (1923ع، مذهب)، **'مياڻيءَ جي جنگ'** (1925، مضمون)، **'اپاڻٿهار جي هستي'** (1934ع، مضمون)، **'ڌرم مورتي'** (1934ع، آکاڻي)، **'هيري جي منڊي'** (1934ع، آکاڻي)، **'يوسف مصري'** (1935ع، قصو)، **'لڇمڻ وڌيڪ ڪين لڌو'** آکاڻي، **'اتمڪ امرت'** (1936ع، مضمون)، **'شاهه جو سر ڪاپائتي'** (1936ع، لطيفيات)، **'لورڊ جي ناري'** (1936ع، ڪهاڻيون)، **'هيرو ۽ گلو'** (1936ع، ڪهاڻي)، **'سنڌباد سيلاني'** (1936ع، قصو) ۽ **'گل ڦل'** (1956ع، مضمون) شامل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هن خدمتگار 14 مارچ 1938ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جهامنداس ﭘاٽيا:

**پروفيسر جهامنداس ﭘاٽيا جو ٻارن لاءِ لکيل آکاڻين جو ڪتاب 'مرڪنڊڙ مکڙيون'** 1945ع ۾ شايع ٿيو جيڪو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو.

**پروفيسر جهامنداس ولد سيٺ دوارڪاداس ﭘاٽيا** سال 1878ع ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو. هن 1913ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪئي ۽ 1919ع ۾ ڊي جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.اي ڪيائين. پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 1921ع ۾ نيشنل هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ هيڊماسٽر مقرر ٿيو ۽ 1923ع کان 1924ع تائين برهمچاري هاءِ اسڪول شڪارپور جو هيڊماسٽر ٿي رهيو. بعد ۾ هو ڪنڊياري جي هاءِ اسڪول جو وائيس پرنسپال ٿيو جتي 1924ع کان 1945ع تائين رهيو. جڏهن شڪارپور ۾ سي اينڊ ايس ڪاليج کليو ته اتي استاد جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ قبول ڪيائين ۽ اهڙيءَ طرح هو واپس پنهنجي شهر شڪارپور ۾ آيو ۽ آخر تائين انهيءَ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو.

پروفيسر صاحب 30 ڊسمبر 1965ع تي مختصر علالت کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو.

## روچيرام گجومل:

**روچيرام گجومل** سنڌي ٻوليءَ جي شروعاتي نثر نگارن مان هڪ هو. سندس جنم 1804ع ڌاري ٿيو. سندس ڪم سنڌي ادب. ٻهاڪن ۽ آکاڻين جي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪتاب **'دلپسند قصا'** وندرائيندڙ آکاڻين جو هڪ ڪتاب هو جيڪو ٻار وڏي چاهه سان پڙهندا هئا. هن ڪتاب ۾ وڻندڙ ۽ دلچسپ آکاڻيون ڏنل هيون. 1895ع ۾ سندس هڪ ٻيو آکاڻين جو ڪتاب **'عجيب نقطا'** شايع ٿيو جنهن ۾ پڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اخلاقي آکاڻيون شامل هيون. جيڪي وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ دلچسپيءَ جو سامان هيون.

## لوڪومل پنواڻي:

لوڪومل پنواڻيءَ جو ڪتاب **'واندڪائيءَ جي وندر'** ٻارن ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ روحاني ۽ ڪرامتي آکاڻيون ڏنل هيون. **پروفيسر منگهارام ملڪاڻي** لکي ٿو ته: 'اهو ڪتاب به ٻالڪپڻ ۾ اهڙي چاهه وچان پڙهندا هئاسون، جو ڪائڻ پيٺڻ وسري ويندو هو.' هيءَ ڪتاب 19 هين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ شايع ٿيو.

**لوڪومل پنواڻيءَ** جي باري ۾ وڌيڪ معلومات ملي نه سگهي آهي.

## ساڌو هيرانند:

**ساڌو هيرانند** جو ڪتاب **'هيري جون ڪڻيون'** 1926ع ڌاري پيرومل مهرچند آڏواڻي شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ ٻارن جي وندر ۽ وڏن جي سکيا لاءِ ڏيهي پرڏيهي ۽ طبعزاد آکاڻيون شامل هيون.

**ساڌو هيرانند** 22 مارچ 1863ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سندس وڏڙا اصل ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ خدا آباد ۾ رهندا هئا، جيڪي بعد ۾ لڏي حيدرآباد ۾ اچي رهيا. ساڌو هيرانند جو والد ديوان شوقيرام حيدرآباد ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ اچي لڳو. ساڌوساڌو هيرانند 1884ع ۾ **'سنڌ سڌار'** ۽ **'سنڌ ٽائيمس'** جو ايڊيٽر رهيو. 1890ع ۾ **'سرسوتي'** جاري ڪيائين. هن اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪيترائي مضمون ۽ آکاڻيون لکيون.

**ساڌو هيرانند** 14 جولاءِ 1894ع ۾ مدي جي بخار سبب ديهانت ڪري ويو. ان وقت سندس ڄمار فقط 30 سال هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪيولرام سلامتراءِ:

ديوان ڪيولرام سلامتراءِ سنڌيءَ جي چند بنيادي نثرنگارن مان هڪ هو. هُو سال 1809ع ۾ ڄائو. هن 1864ع ۾ دلچسپيءَ ۽ دانائيءَ سان پريل آکاڻين جو ڪتاب 'سوکڙي' ۽ 1871ع ۾ اخلاقي ٽوٽڪن جو ڪتاب 'گل' لکيا. اهي ٻئي ڪتاب تعليم کاتي جي رڪاوٽن سبب گھٽو پوءِ 1905ع ۾ ڇپيا. مٿيان ٻئي ڪتاب ٻه جيتوڻيڪ سڌيءَ ريت ٻارن لاءِ نه هئا. پر اخلاقي ۽ نصيحت آموز مواد سبب ٻار به انهن کي دل لڳائي پڙهندا هئا. تنهن ڪري مٿيان ٻئي ڪتاب پڻ سنڌي ٻاراڻي ادب جا بنيادي ڪتاب تصور ڪري سگهجن ٿا.

ديوان ڪيولرام جي ڪتابن ۾ ڪيترين شاندار آکاڻيون شامل آهن. جيڪي ٻولي ۽ پيشڪش جي لحاظ کان وڻندڙ آهن. سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور نثرنگار ديوان ڪيولرام سلامتراءِ 1876ع ۾ وفات ڪئي.

## نارائڻ داس ملڪاڻي:

پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي 1926ع ۾ 'ٻاراڻيون ٻوليون' نالي هڪ ڪتاب لکيو جيڪو 'نئين سنڌي لائبرري ۽ سستو عمدو ساهت مالها' پاران شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ ٻارن بهترين، نصيحت آميز ۽ وندرائيندڙ آکاڻيون شامل هيون.

پروفيسر نارائڻ داس ولد رتنمل ملڪاڻيءَ جو جنم 1890ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٿيو. بنيادي طور معاشيات جو پروفيسر هو بعد ۾ سياست ۾ به حصو ورتائين. ادبي دنيا ۾ هو مضمون نگار طور مشهور آهي. پروفيسر نارائڻ داس ڪيترين ئي آکاڻيون لکيون. هي صاحب 1974ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ديوان ننديرام ميراڻي:

**ديوان ننديرام ميراڻي**، سيوهڻ جي ميراڻي عاملن مان هو. سندس جنم 1819ع ۾ ٿيو هو. سندس پيءُ جو نالو **ٽڏو مل** هو. ان زماني ۾ مڪتبن ۾ فارسي ۽ عربي تعليم هوندي هئي، ان ڪري ديوان صاحب ابتدائي تعليم فارسيءَ ۾ حاصل ڪئي. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ وقت ديوان صاحب سيوهڻ ۾ هڪ اسڪول کوليو پر جلدي ان کي بند ڪري سرڪاري نوڪري وٺي ورتائين. جو سندس ڪيترائي مائٽ سرڪاري نوڪرين ۾ هوندا هئا. ان دوران ديوان صاحب، مسٽر ايلس، اسسٽنٽ ڪمشنر پاران '**تاريخ معصومي**' جي ترجمي لاءِ ڏنل اشتهار جي موٽ ۾ ترجمو ڪري موڪليو جيڪو ڪميٽي متفق طور تي پسند ڪيو ۽ ڪيس ٻن سون جي انعام سان گڏ تعليم کاتي جي ترجمان جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ ديوان صاحب کي سنڌي صورتخطيءَ جي مقرر ڪيل ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

ديوان صاحب پنهنجن ٻين ڪتابن سان گڏ ٻارن لاءِ جيڪي درسي ۽ علمي ڪتاب لکيا، تن ۾ 'ٻابنامو'، 'سيڪائتونروار'، 'ليکي جو حساب: ٻاڱو پهريون'، 'ليکي جو حساب: ٻاڱو ٻيو'، 'جبر و مقابلو'، 'ڏرتي نروار: جلد پهريون'، 'ڏرتي نروار جلد ٻيو'، 'سنساري نروار'، 'چٽ جي پاڙ'، 'ايسپ جون آکاڻيون'، 'پئمائشي حساب' ۽ ٻيا شامل آهن.

ديوان ننديرام ميراڻي 1875ع ۾ وفات ڪئي.

## مرزا قليچ بيگ:

**مرزا قليچ بيگ** سنڌي ادب جو سدا روشن ستارو آهي، سندس علمي ادبي قابليت سبب کيس شمس العلماءَ يعني 'عالمن جي سج' جو لقب مليو ۽ سندس زندگيءَ تي نصاب ۾ سبق شامل ڪيو ويو. قيصر - هند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي نالي سان کيس سرٽيفڪيٽ آف ميرٽ بہ مليو. هن سنڌيءَ ۾ ادبي مواد جي کوٽ جي پورائي لاءِ بيشمار موضوعن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا. جيڪا اڄ تائين نون ڇاپن جي صورت ۾ ڇپجندا رهن ٿا.

**مرزا قليچ بيگ** 7_ آڪٽوبر 1853ع تي حيدرآباد شهر جي ٽنڊي ٺوڙهي ۾ ڄائو سندس والد مرزا فريدون بيگ اصل جارجيا جو هو. مرزا صاحب کي علم سان ڏاڍو چاهہ هو. کيس سنڌيءَ سان گڏ انگريزي، فارسي، اردو ۽ تُرڪي ٻولين تي پڻ عبور حاصل هو.

مرزا صاحب شاعري سان گڏ نثر ۾ڪيترن ئي موضوعن تي، ادبي، ڊرامائي، مزاحمتي، اصلاحي آکاڻين توڙي ناولن جا ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. سندس تخليقن سان ٻارن جي ذهني ۽ اخلاقي نشو نما سان گڏ ٻارن جي علم ۽ اخلاق ۾ اضافو پڻ ٿيو. سندس تصنيفن جو تعداد 457آهي، جن ۾ ٻارن لاءِ ٻارهن ڪتاب **'شيطان جي ناني'، 'وامق عذرا'، 'پائي وائي پائي وزو'، 'لباخان درزي ۽ خليفو ڪهنگ'، 'پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون'، 'شهزادي قدم برگ'، 'عجيب طلسم'، 'ٽي ديو يا راڪاس'، 'نيلو پکي'، 'ٻہ جاڙا ٻائر'، 'شهزادي محبوب جي آکاڻي' ۽ 'رستم'** شامل آهن. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشوري ٻاران هنن ڪتابن جا ڪيترائي ڇاپا ڇپجي چُڪا آهن.

مرزا صاحب پهرين هيڊ منشي مقرر ٿيو جنهن ڪانپوءِ ترقي ڪندو ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تائين پهتو. سنڌ جو هي عظيم پٽ 3 جولاءِ 1929ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

## ميران محمد شاهہ اول:

**سيد ميران محمد شاهہ اول**1829ع ۾ ٽکڙ ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان ئي عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ مهارت رکندڙ هو. انگريز سرڪار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شروعاتي دور ۾ چيف ڪمشنر جو مير منشي رهيو. بعد ۾ سيشن جج جو سرشتيدار، تنڊي آدم ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ۽ وڪيل پڻ رهيو. 1853ع ۾ عربي سنڌي صورتخطي رائج ٿيڻ کان پوءِ سيد ميران محمد شاهه ٻارن ۽ وڏو علمي ۽ تدريسي ڪم ڪيو. 'سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه'، 'آڪاسي نروار' ۽ 'مفيد الصبيان' سندس اهم ڪتاب آهن.

سيد ميران محمد شاهه اول 1892ع ۾ وفات ڪئي.

## ڪوڙومل چندن مل کلناڻي:

راءِ بهادر ديوان **ڪوڙومل چندن مل کلناڻي** نوشهري فيروز جي ڳوٺ پريا ۾ 5 آڪٽوبر 1844ع ۾ ڄائو. سندس جنم جو نالو **'پريتم'** هو پر مائٽ کيس **'ڪوڙو'** چوندا هئا. ننڍي هوندي فارسيءَ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائين. ذهين ۽ تيز فهم هئڻ ڪري اسڪولي زماني ۾ کيس سنڌ جي تعليمي انسپيڪٽر **'شاگرد ترجمان'** (Boy Translator) مقرر ڪيو. بعد ۾ ديوان صاحب کي ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر آفيس ۾ ڪلارڪ ڪري رکيو ويو جنهن کان پوءِ حيدرآباد جي نارمل اسڪول ۾ نائب ماستر ۽ پوءِ سکر ۾ حيدرآباد جي نارمل اسڪولن جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو.

**ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻي** 1891ع ۾ سنڌي ٻارن لاءِ سڀ کان پهريون اصلوڪيون آکاڻيون جو ڪتاب **'ٻاراڻيون آکاڻيون'**، ساڳئي سال پهريون شعرن جو ڪتاب **'ٻاراڻا شعر'** لکيا. سچ تہ اهو سندس وڏو ڪارنامو هو. مٿين ڪتابن کان سواءِ ديوان ڪوڙي مل ٻارن لاءِ نصيحتي آکاڻين جو ڪتاب **'قول مالها'** ۽ مزاحيہ ٽوٽڪن جو ڪتاب **'ٽهڪ ٺي ٽهڪ'** پڻ لکيا. ان کان سواءِ هن 1874ع ۾ ٻارن لاءِ درسي ڪتاب **'سنڌي پنجون ڪتاب'** پڻ لکيو. سنڌي ٻارن لاءِ اهڙي بنيادي ۽ اهم ڪم لاءِ کيس سدائين ياد رکيو ويندو. ديوان صاحب 1916ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1853ع کان 1920ع تائين سنڌ ۾ ٻارن لاءِ جيڪي درسي ۽ علمي ادبي ڪتاب شايع ٿيا، هتي سهولت خاطر انهن جي فهرست ڏني پئي وڃي ته جيئن ان دور جي اهم علمي ڪم جو احاطو چڱيءَ طرح ٿي سگهي.

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ مترجم | سال | موضوع |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ٻاٻنامو | منشي اُڌارام ٿانورداس | 1853 | درسي ٻاراڻو ڪتاب |
| 2 | پهريون ڪتاب | منشي اُڌارام ٿانورداس | 1853 | سرڪاري پيو ڪتاب |
| 3 | ٽيون ڪتاب | پريداس رامچنداڻي | 1853 | سرڪاري ٽيون ڪتاب |
| 4 | چوٿون ڪتاب پاڱو پهريون | پريداس رامچنداڻي | 1853 | سرڪاري چوٿون ڪتاب |
| 5 | چوٿون ڪتاب، پاڱو ٻيو | پريداس رامچنداڻي | 1853 | سرڪاري چوٿون ڪتاب |
| 6 | ايسپ جون آکاڻيون | ننديرام ميراڻي | 1854ع | ترجمو ٿيل آکاڻيون |
| 7 | پنهنجي زميندار جي ڳالهه | غلام حسين قريشي | 1854ع | زباني قصو |
| 8 | سنڌي ويا ڪرڻ | اُڌارام ٿانورداس | 1854ع | گرامر |
| 9 | چٽ جي پاڙ | ننديرام ميراڻي | 1854ع | پرائنگ جي سکيا |
| 10 | سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو | ميران محمد شاهه اول | 1855ع | هندي قصي جو ترجمو |
| 11 | ليکي جي پيڙهه | ننديرام ميراڻي | 1855ع | انگي حساب |
| 12 | ڌرتي نروار (1) | ننديرام ۽ ٻيا | 1855ع | جاگرافي |
| 13 | ڌرتي نروار (2) | ننديرام ۽ ٻيا | 1855ع | جاگرافي |
| 14 | پئمائشي حساب | ننديرام ۽ ٻيا | 1855ع | رياضي |
| 15 | دنيا جي تاريخ | اُڌارام ٿانورداس | 1855ع | (تاريخ) ترجمو |
| 18 | سيکائتو نروار | ننديرام ميراڻي | 1856ع | سنڌي سکيا جو ڪتاب |
| 19 | ليکي جو حساب (1) | ننديرام ۽ ٻيا | 1856ع | انگي حسابن جون سمجهاڻيون |
| 20 | ليکي جو حساب (2) | ننديرام ۽ ٻيا | 1856ع | انگي حسابن جون سمجهاڻيون |
| 21 | آڪاسي نروار | ميران محمد شاهه اول | 1856ع | علم هيئت |
| 22 | جبر و مقابله | ننديرام ۽ ٻيا | | آلجبرا |
| 23 | سنڌي صرف ونحو | ميان محمد | 1860ع | گرامر |
| 24 | سنساري نروار . | ننديرام ميراڻي | 1861ع | فطرت جو مطالعو |
| 25 | جغرافيه جديد (1) | ننديرام ميراڻي | 1861ع | دنيا جي جاگرافي |
| 26 | جغرافيه جديد (2) | ننديرام ميراڻي | 1861ع | دنيا جي جاگرافي |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 27 | مفيد الصبيان | ميران محمد شاهه اول | 1861ع | پاراٽيون آکاڻيون |
| 28 | سنڌ جي تاريخ | سيٺ آلو مل | 1862ع | درسي ڪتاب |
| 29 | هندستان جي تاريخ | پريتمداس | 1863ع | درسي ڪتاب |
| 30 | بمبئي ڪاتي جي جاگرافي | گرڌنو مل | 1868ع | درسي ڪتاب |
| 31 | اصول علم طب | ڪوڙومل | 1868ع | درسي ڪتاب |
| 32 | انگي حساب | ڪرشنا شاستري | 1869ع | انگي حساب |
| 33 | دل جا حساب | ڪرشنا شاستري | 1869ع | انگي حساب |
| 34 | پاراٽا شعر | مرزا قليچ بيگ | 1870ع | پاراٽا شعر |
| 35 | ڪٺا ۽ ٻلي | آخوند عبدالرحيم وفا | 1871ع | ٻارن لاءِ قصو |
| 36 | ليکي جي پيڙهه | پريتمداس | 1871ع | انگي حساب |
| 37 | سنڌي پنجون ڪتاب | ڪوڙو مل | 1874ع | درسي ڪتاب |
| 38 | بيتال پچيس | گرداسمل ڪرپلاڻي | 1890ع | الف ليلائي آکاڻيون |
| 39 | پاراٽيون آکاڻيون | ڪوڙومل چندنمل | 1891ع | پاراٽيون آکاڻيون |
| 40 | پاراٽا گيت | ڪوڙومل چندنمل | 1891ع | پاراٽا گيت |
| 41 | واندڪائيءَ جي وندر | لوڪومل پنواڻي | 1895 | پاراٽيون آکاڻيون |
| 42 | عجيب نقطا | روچيرام گجومل | 1895ع | اخلاقي آکاڻيون |
| 43 | قول مالها | ڪوڙومل چندنمل | 1902ع | اخلاقي آکاڻيون |
| 44 | سوڪڙي | ڪيولرام سلامتراءِ | 1905ع | دلچسپ آکاڻيون |
| 45 | گل | ڪيولرام سلامتراءِ | 1905ع | اخلاقي ٽوٽڪا |
| 46 | ٺهڪ ئي ٺهڪ | ڪوڙومل چندنمل | 1906ع | مزاحيه ٽوٽڪا |
| 47 | دل بهار چار پاڳا | پرمانند ميوارام | 1912ع | ونڊرائيندڙ آکاڻيون |
| 48 | سلڇڻائيءَ جو قل | پگوان سڪراڻي | 1913 | نصيحت آموز آکاڻيون |
| 49 | شيطان جي ناني | مرزا قليچ بيگ | 1916ع | پاراٽو ناول |
| 50 | پاراٽا گل ڦل | مرزا قليچ بيگ | 1918ع | پاراٽيون ڪهاڻيون |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قصا ڪهاڻيون
## ۽ ٻاراڻن گيتن جو دور
[1947- 1920]

ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي تائين دنيا سميت سنڌ جون سياسي، سماجي ۽ ادبي حالتون ڪافي حد تائين تبديل ٿي چڪيون هيون. انگريز سرڪار پاران تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ورتل ڪوشش جي نتيجي ۾ سنڌي سماج اندر هڪ نئين شعور جي لهر اڀري. دنيا ۾ هلندڙ سياسي ۽ ادبي تحريڪن جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۾ پڻ نوان لاڙا ۽ موضوع متعارف ٿيڻ لڳا. خاص طور تي سماجي حقيقت نگاري [Social Realism] جي لهر، سنڌي ادب تي پوريءَ طرح ڇانئجڻ لڳي. هن سڄيءَ صورتحال ۾، مجموعي طور سنڌي ادب سان گڏ، سنڌي ٻاراڻي ادب تي پڻ اثر ٿيو ۽ ان جا موضوع ۽ لاڙا پڻ بدلجڻ لڳا. ونڊر سکيا ۽ نصيحت آموزيءَ جي جاءِ تي هاڻي سماجي، سائنسي ۽ معلوماتي موضوعن تي لکجڻ لڳو. 'آکاڻيءَ' جي جاءِ هاڻي '**ڪهاڻي**' والارڻ لڳي. اشاعتي سلسلا ۽ رسالا جاري ٿيڻ لڳا، بزمون ۽ تنظيمون کلڻ لڳيون. اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جي ادبي افق تي سنڌي ٻاراڻي ادب لاءِ هڪ مناسب ماحول ميسر ٿيڻ شروع ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن دور ۾ ٻارن لاءِ پهريون ڪتاب ڏيئي مل محبوب راءِ جو 'اخلاقي تعليم' هو جيڪو 1921ع ۾ شايع ٿيو. جيتوڻيڪ هيءَ ڪتاب اڳ جو لکيل هو ۽ نئين دور جي تقاضائن موجب ان ۾ سماجي يا سائنسي مواد نہ هو پر تنهن هوندي بہ ان ۾ ٻارن لاءِ سليس ٻوليءَ ۾ زبردست آکاڻيون ڏنل هيون. **پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ**، پنهنجي ڪتاب **'سنڌي نثر جي تاريخ'** ۾ هن ڪتاب کي ٻاراڻي ادب جي **'ڳاڻ ڳڻين ڪتابن مان هڪ'** ڪوٺي ٿو.

1922ع ۾ ڄيٺمل پرسرام **'نئين سنڌي لائبرري ۽ سستو عمدو ساهت مالها'** نالي اشاعتي ادارو قائم ڪيو. هن 1926ع کان 1226ع تائين سو کن سنڌي ڪتاب شايع ڪيا. مرزا قليچ بيگ جا ٻاراڻا ڪتاب **'وامق عذرا'، 'لبا خان درزي ۽ خليفو کهنگ'، 'نيلو پکي'، 'طلسمي گُڏي'، 'ٻہ جاڙا پائر'، 'ٽي ديو يا راڪاس'، 'ستن شهزادن جي ڪهاڻي' ۽ 'ٻارن لاءِ وندر يا پروليون'** (1922ع) پهريون ڀيرو هن ئي اداري پاران شايع ڪيا ويا. هن وقت تائين هنن ڪتابن جا ڪيئي ڇاپا منظر عام تي اچي چڪا آهن. هيءَ سمورا ڪتاب نثري ڪتاب آهن، جيڪي مرزا صاحب عربي، انگريزي ۽ فارسي ٻولين مان ترجمو ڪيا يا اخذ ڪيا. مرزا صاحب جي ٻاراڻن ڪتابن کان سواءِ هن اداري پاران 1926ع ۾ پروفيسر ناراڻداس ملڪاڻيءَ جو ڪتاب **'ٻاراڻيون ٻوليون'** پڻ شايع ٿيو جڏهن تہ ڄيٺمل پرسرام پاڻ بہ ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب لکي، ڇپايا، تن ۾ **'ٻال هتيا'، 'سونو گڏهہ' ۽ 'شاهہ جو آکاڻيون'** اهم آهن.

1925ع ۾ پهريون ڀيرو هڪ ٻئي اشاعتي اداري **'سندر ساهتيہ منڊل'** جامع نموني ٻارن جي ڪتابن جي تياريءَ ۽ اشاعت جو هڪ سلسلو شروع ڪيو جيڪو سنڌي ٻاراڻي ادب کي هٿي ڏيڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿيو. هيءُ ادبي-اشاعتي ادارو **ميلارام منگترام واسواڻي** 1925ع ۾ قائم ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ادارو، سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جو پهريون اشاعتي ادارو آهي، جنهن باقاعدي ٻارن جا ڪتابڙا شايع ڪيا. **ميلارام منگترام واسواڻي**، نه صرف بيِن اديبن، عالمن کان ٻارن لاءِ ڪتاب لکائي، هن اداري پاران شايع ڪندو هو پر پاڻ به ٻارن لاءِ ڪيترا ڪتاب لکيا. **ڊاڪٽر غلام علي الانا**، پنهنجي ڪتاب '**سنڌي نثر جي تاريخ**' ۾ ڄاڻايو آهي ته **ميلارام منگترام واسواڻيءَ** جي نالي سان سمورا ڪتاب سندس وڏي ڀاءُ **فتحچند** واسواڻيءَ لکيا ۽ هي ادارو '**سندر ساهتيه منڊل**' به سندس قائم ڪيل هو پر ڇاڪاڻ ته **فتحچند** سرڪاري ملازم هو ان ڪري هو پنهنجي ننڍي ڀاءُ يعني **ميلارام منگترام** جي نالي سان ڪتاب شايع ڪندو هو. جڏهن ته پروفيسر **منگهارام ملڪاڻيءَ** جي ڪتاب '**سنڌي نثر جي تاريخ**' ۽ ادبي تاريخ جي ٻين ڪتابن ۾ ان قسم ڪو اشارو نٿو ملي. بهرحال، هن اداري ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ وڏو ڪم ڪيو. **سُندر ساهتيه منڊل** جو اهو اشاعتي سلسلو 1925ع کان 1947ع تائين هلندو آيو. آخر ۾ هن اداري پاران ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ '**گل ڦل**' رسالو پڻ جاري ڪيو ويو.

هن اداري پاران ڇپيل ڪتابن ۾ ويرومل جو '**موجي آکاڻيون**' (1928ع)، نانڪرام ڌرمداس جو '**گل خوشي**' (1932ع)، ميلارام منگترام جو '**چرچن جي چهر**' ۽ '**ٻال راماڻ**' (1946ع)، ميلارام منگترام واسواڻيءَ جو '**ٻال شري ڪرشن**' (1935ع) ٻيو ڇاپو 1941ع، ٽيون ڇاپو 1947ع، ميلارام منگترام واسواڻيءَ جو '**ٻال مها ڀارت**' (1940ع)، '**انصاف جون آکاڻيون**'، '**اخلاقي دنيا**'، '**پارس مٽي**'، '**گل گاڏي**'، '**ڦلواڙي**'، '**پرياتي تارا**'، '**هندو وير ٻالڪ**'، '**ديوستان**'، '**آنند ڪٽولي**'، '**پرستان**'، '**سندر ڪهاڻيون**'، '**املهه موتي**'، '**مکڙيون**'، '**ڦلواڙي**' ۽ ٻيا شامل آهن.

1925ع ڌاري ٿي ديوان **ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ** جي پُٽ **منوهرداس ڪوڙي مل** پنهنجي پيءُ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي ميڄتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيڻ لاءِ 'ڪوڙومل ساهتيه منڊل' نالي هڪ ادبي اشاعتي ادارو حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. ساڳئي سال جي نومبر مهيني ۾ هن اداري پاران پاران 'منوهر ڪوڙي مل' جي ايڊيٽريءَ ۾ هڪ رسالو 'گلستان' حيدرآباد مان جاري ٿيو.

1926ع ۾ 'نئين سنڌي لائبرري ۽ سستو عمدو ساهت مالها' پاران پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ جي ڪتاب 'ٻاراڻيون ٻوليون' جي اشاعت ڪان پوءِ 1926ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري عالم ۽ اديب پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ٻاراڻن گيتن جو ڪتاب 'نو بهار' ڇپيو جنهن کي تعليم کاتي، درسي ڪتاب طور منظور ڪيو. ان ڪتاب جا 1941ع تائين پنج ڇاپا شايع ٿيا. هن ڪتاب ۾ ڪي نظم انگريزيءَ مان ترجمو ۽ ڪي سنڌس لکيل آهن. پيرومل جي ٻولي سليس ۽ وندرائيندڙ هئي. سندس مشهور گيت ۽ نظم 'منهنجي امڙ'، 'اڇهو اسوءَ جو مهينو آيو'، 'وقت چوي آءُ بادشاهه'، 'ماڪيءَ جي مک' ۽ ٻيا ڪورس ۾ شامل ڪيا ويا، جن مان ڪيترائي اڄ جي نصاب ۾ پڻ موجود آهن. سال 1926ع ۾ ڇپجي جاٽايل ٻنهي ڪتابن جي اشاعت سچ تہ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب لاءِ هڪ اهم ڪارنامو آهن.

1920ع واري ڏهاڪي ۾ ٻارن لاءِ ٻيا جيڪي ڪتاب ڇپيا، تن ۾ پوڪرداس پريس شڪارپور پاران منگهارام ملڪاڻيءَ جو لکيل 'علي بابا چاليهه چور' (1929ع) ۾ پادري فرار جي مشهور اسڪولي زندگيءَ بابت نانڪرام ڏرمداس ميرچندا ڻيءَ جو انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل ناول 'نازڪ گلڙا' (1929ع) ۾ ڪوڙي مل ساهت منڊل پاران منوهر داس ڪوڙي مل جو ڪتاب 'من جا مٽيا' 1927ع ۾ ۽ ٿهلرام لوڪومل پنواڻيءَ جو ڪتاب 'واندڪائيءَ جي وندر' (ٻيو ڇاپو) 1928ع ۾ شامل آهن.

1930ع کان 1947ع تائين ٻارڙن لاءِ ڪيترائي ڪتاب پڻ ڇپيا، جن ۾ ٻارن جي گيتن ۽ نظمن جا مجموعا انتهائي اهم آهن. اهڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعن ۾ ڪشنچند بيوس جو 'شيرين شعر' (1935ع). هري دلگير ۽ ڪشنچند بيوس جو گڏيل شعرن جو مجموعو 'موجي گيت'(1935ع) ۽ جمع خان غريب جو 'گُل نو بهار' (1935ع) شامل آهن. جڏهن ته پيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ جو 'نئوبهار'. ته اڳ ئي 1926ع ۾ شايع ٿي چڪو هو. هي، سنڌ جي ٻارڙن لاءِ اهي بنيادي گيتن ۽ نظمن جا مجموعا آهن. جيڪي نه صرف ان دور ۾ مشهور هئا ۽ درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيا ويا. پر اڄ تائين انهن مان ڪيترائي گيت ۽ نظم سنڌي نصاب ۾ شامل آهن.

هن دور جي ٻين ڪتابن ۾ نارائڻداس ڀنڀاڻيءَ جو باتصوير ڪتاب 'ٻارن لاءِ آکاڻيون' (1946ع). ايم آر مائيداساڻيءَ جو انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪتاب 'ٻچي رمضان' (1946ع). جشن مولچنداڻيءَ جو 'رستم ۽ سهراب' ۽ پڳوان سڪراڻيءَ جو ڪتاب 'لال ٻلي' شامل آهن. مٿين ڪتابن ۾ 'رستم ۽ سهراب' سندر ساهتيہ منڊل پاران ۽ 'لال ٻلي' منوهر ساهتيہ منڊل پاران شايع ڪيا ويا.

اهڙيءَ ريت 1920ع کان 1947ع تائين جي هن دور جيڪو 'قصن ڪهاڻين ۽ ٻاراڻن گيتن' جو دور آهي، سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب کي نهايت مضبوط بنياد فراهم ڪيا. جن جي سهاري هيٺ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ توڙي هند ۾ وڏو ڪم ڪيو ويو.

1920ع کان 1947ع تائين سنڌي ٻوليءَ جي جن عالمن ۽ اديبن سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ اوسر لاءِ ڪم ڪيو ضروري آهي ته هتي انهن عالمن ۽ اديبن جي ٻارن جي ادب لاءِ ڪيل خدمتن تي روشني وجهجي.

## ايم آر مائيداساڻي:

ايم آر مائيداساڻي، سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي نثرنگارن ۽ مترجمن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل ٻاراڻين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاڻين جو ڪتاب **'ٻچي رمضان'** 1946ع ۾ شايع ٿيو. **منگهارام ملڪاڻي** پنهنجي ڪتاب **'سنڌي نثر جي تاريخ'** ۾ هن ڪتاب جو ذڪر اهميت سان ڪيو آهي.

**ايم آر مائيداساڻيءَ** جو پورو نالو ڊاڪٽر **ميلهومل ولد رنگومل مائيداساڻي** هو جيڪو ڳوٺ ابجي ضلعي نوشهري فيروز ۾ 1911ع ڌاري پيدا ٿيو. هن ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ ڪهاڻيون لکيون ۽ ترجمو ڪيون. سندس ڪهاڻين تي ٻڌل ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن 2009ع ۾ هندستان ۾ لاڏاڻو ڪيو.

## پيرومل مهرچند آڏواڻي:

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو اديب ۽ تاريخدان **پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ** جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جي مجموعي **'نوبهار'** کي سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. ٻارن لاءِ شعرن جو هي مشهور ڪتاب 1926ع ۾ ڇپيو جنهن کي تعليم کاتي درسي ڪتاب طور منظور ڪيو. ان ڪتاب جا 1941ع تائين پنج ڇاپا شايع ٿيا. هن ڪتاب ۾ ڪجهه نظم انگريزيءَ مان ترجمو ۽ ڪجهه پنهنجا لکيل شامل آهن.ان زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج اڃا تازو پيو هو. ان ڪري ٻارن لاءِ سولي ٻوليءَ ۾ وندرائيندڙ ۽ سکيا واريون ڪهاڻيون, نظم ۽ گيت لکڻ جي گهڻي ضرورت هئي. پيرومل ان ضرورت کي محسوس ڪندي ٻارن لاءِ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا ۽ شاعري ڪئي. هن انگريزي ۽ هندي ٻوليءَ مان ٻارن لاءِ معياري ادب ترجمو ڪيو.

**پيرو مل مهرچند آڏاواڻيءَ** جو تخلص **'غريب'** هو هو 4 ڊسمبر 1876ع تي, حيدرآباد سنڌ جي آڏواڻي خاندان ۾ ديوان مهر چند آڏواڻيءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن سنڌي ادب جي هر صنف تي قلم کنيو. قصا,



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاڻيون، ناٽڪ، جاسوسي ناول لکيا. هن جو وڏو ڪارنامو **’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ قديم سنڌ‘** ڪتاب آهن. هو **’غريب‘** جي تخلص سان شعر لکندو هو. پيرو مل جي شعرن جو هڪ ڪتاب **’گلزار نظم‘** 1909ع ۾ ڇپيو. شعرن جو هڪ ٻيو انتخاب **’جوهر نظم‘** جي نالي سان ۽ هڪ انتخاب **’چونڊ ڪلام‘** جي نالي سان 1924ع ۾ ڇپايائين.

پيرو مل ٻارن لاءِ ڪيترائي نظم ۽ گيت لکيا جن ۾ **’منهنجي امڙ‘، ’اڇهو اسوءَ جو مهينو آيو‘، ’وقت ڇوي آءَ بادشاهه‘، ’ماڪيءَ جي مک‘** ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪاڪو پيرومل 7 جولاءِ 1950ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌي ادب لاءِ ڪيل سندس خدمتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي.

## جمعخان غريب:

جمعو خان **’غريب‘** سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي. 1933ع ۾ سندس ٻارن لاءِ لکيل گيتن جو مجموعو **’گل نوبهار‘** شايع ٿيو جيڪو هاءِ اسڪولن ۾ ڪورس جي ڪتاب طور منظور پڻ ٿيو.

سندس پورو نالو **جمعو خان پيزادو** هو هن 15 جنوري 1885ع ۾ ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ مريد خان لاکير ۾ **ميان ستار ڏني پيرزادي** جي گهر ۾ جنم ورتو. هن سنڌي فائنل اديب عالم فاضل تائين تعليم حاصل ڪئي. 1905ع کان ادب ۾ جمع خان **’غريب‘** جي نالي سان لکڻ شروع ڪيائين. 1940ع ۾ ماستريءَ تان رٽائر ڪيائين، هن سنڌي ٻوليءَ لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. هو **’اديب سنڌ‘** جو ايڊيٽر، **’مسلمان‘** رسالي جو مدير معاون، ماهنامہ **’طالب المولىٰ‘** سيتا روڊ جو ايڊيٽر، **’جمعيت الشعراءِ سنڌ‘** ۽ **’مجلس علم و ادب‘** هالا جو سرگرم ڪارڪن رهيو. ان ڪانپوءِ 1948ع ۾ سندس ٻيو ڪتاب **’رسومات تباهي‘** ڇپيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**جمعي خان غريب** 7 آگسٽ 1953ع تي دم ڏني حوالي ڪيوءِ هن وقت ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ مريد لاکير لڳ سيتا وليج ۾ ابدي آرامي آهي.

## **جيٺمل پرسرام گلراجاڻي:**

سنڌي ٻوليءَ جي نامور عالم ۽ اديب جيٺمل پرسرام جو شمار سنڌ جي انهن اهم ماڻهن ۾ ٿئي ٿو جن سنڌي ٻاراڻي ادب کي مضبوط بنياد فراهم ڪيا. هن 1922ع ۾ **'نئين سنڌي لائبرري ۽ مستو عمدو ساهت مالها'** نالي اشاعتي ادارو قائم ڪري، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. هن 1922ع کان 1926ع تائين سو کن سنڌي ڪتاب شايع ڪيا. انهن ڪتابن ۾ مرزا قليچ بيگ جا ٻاراڻا ڪتاب 'وامق عذرا'، 'لبا خان درزي ۽ **خليفو ڪهنگ**'، 'نيلو پکي'، '**طلسمي گُڏي**'، 'ٻه جاڙا ڀائر'، 'تي ديو يا راڪاس'، 'ستن شهزادن جي **ڪهاڻي**' ۽ '**ٻارن لاءِ وندر يا پروليون**' (1922ع) به شامل هئا. اهي سڀ ڪتاب ڀيريون ڀيرو هن ئي اداري پاران شايع ڪيا ويا. هن اداري پاران 1926ع ۾ **پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ** جو ڪتاب '**ٻاراڻيون ٻوليون**' پڻ شايع ٿيو جڏهن ته جيٺمل پرسرام پاڻ به ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب لکي، ڇپايا، تن ۾ '**سونو گڏهه ۽ شاهه جو آکاڻيون**' اهم آهن.

**جيٺمل پرسرام گلراجاڻي** 1885ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. هن ادبي دنيا ۾ 1914ع ۾ پير پاتو جڏهن هن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻئي وڏي عالم **لالچند امرڏني** مل سان گڏجي **'سنڌي ساهت سوسائٽي'** قائم ڪري، ننڍڙن ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو. 1917ع ۾ هن سنڌي اخبار **'هندواسي'** جاري ڪئي، جنهن جو ايڊيٽر به پاڻ هو. هڪ سال کان پوءِ جيٺمل پرسرام هن اخبار جو نالو بدلائي **'ڀارت واسي'** رکيو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي هن خدمتگار 1948ع ۾ وفات ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## محمد صديق 'مسافر':

محمد صديق 'مسافر' نامور استاد، تعليمدان ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. جيڪو 8 محرم الحرام 1234هه ۾ ڄائو. ان وقت جي هيڊ ماستر هجري ۽ عيسوي سنن جي پيٽ ڪري اسڪول جي رجسٽر ۾ سندس ڄمڻ جي تاريخ پهرين اپريل 1879ع لکي. سندس والد جو نالو گلاب هو جيڪو ٽنڊي باگي جي شيدين مان هو. 1888ع ۾ پيءُ جي وفات وقت محمد صديق مسافر جي عمر 9 سال هئي. 14 سالن جي عمر ۾ پهرين آگسٽ 1893ع ۾ سندس مامي کيس مڪتب مان ڪڍائي اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتي محمد صديق بنا اٽڪ جي پهرئين ۽ ٻئي ڪلاسن جي ڪتابن جا سبق پڙهي ويو ان ڪري کيس ٻئي ڪلاس ۾ داخل ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت هي اڳتي پڙهندو رهيو ۽ 1895ع ۾ هن پنجون درجو پاس ڪيو ۽ ڇهين ڪلاس ۾ کيس ڇئن رپين جي پگهار ۾ ٽيچر رکيو ويو. سيپٽمبر 1896ع ۾ هن سنڌي فائنل پاس ڪيو جنهن بعد فيبروري 1897ع ۾ ٽنڊي آدم ۾ سنڌي اسڪول جو نائب ماستر مقرر ٿيو.

هو ڊسمبر 1901ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ڪيو ويو. تعليم کاتي جي جاري ڪيل، اخبار تعليم، جا ايڊيٽوريل به محمد صديق مسافر لکيا، ان اخبار ۾ مسافر جا نثري مضمون ۽ نظم ڇپجندا هئا، جن مان ڪيترائي نصابي ڪتابن ۾ شامل ڪيا ويا. ان وقت سنڌي پهرئين، ٻئين ۽ ٽئين ڪتابن جا سڀ نظم ۽ ڪيترائي سبق به مسافر کان تيار ڪرايا ويا. اهو ئي سبب آهي جو نصابي ڪتابن ۾ محمد صديق جا نظم ۽ گيت ٻارن کي اڄ به به زبان ياد آهن. محمد صديق مسافر جي ٻين ڪتابن ۾ 'قرب- قليچ'، 'غلام آزادي'، 'عبرتناڪ نظارا'، 'مناظر مسافر'، 'ڪليات مسافر' ۽ ٻيا شامل آهن.

محمد صديق مسافر 24 سيپٽمبر 1961ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ميلارام منگترام واسواڻي:

سنڌ ۾ ٻارن لاءِ پهرئين اشاعتي اداري **'سندر ساهتيہ منڊل'** جي باني **ميلارام منگترام واسواڻيءَ** جون سنڌي ٻاراڻي ادب لاءِ وڏيون خدمتون آهن.سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو هي وينجهار **ميلارام منگترام واسواڻي** 1901ع ڌاري پيدا ٿيو ۽ 4 ڊسمبر 1972ع ۾ هندستان ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. هن 1924ع ۾ ٻارن جي ادب کي هٿي ڏيڻ لاءِ پهريون پيرو **'سندر ساهتيہ منڊل'** نالي ادبي_اشاعتي ادارو. هي ادارو سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جو پهريون اشاعتي ادارو آهي, جنهن باقاعدي ٻارن جا ڪتابڙا شايع ڪيا. ميلارام منگترام واسواڻي, نہ صرف ٻين اديبن, عالمن کان ٻارن لاءِ ڪتاب لکائي, هن اداري پاران شايع ڪندو هو پر پاڻ بہ ٻارن لاءِ ڪيترا ڪتاب لکيا. سُندر ساهتيہ منڊل جو اهو اشاعتي سلسلو 1925ع کان 1947ع تائين هلندو آيو. آخر ۾ هن اداري پاران ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ **'گل ڦل'** رسالو پڻ جاري ڪيو ويو.

هن اداري پاران ڇپيل ڪتابن ۾ ويرومل جو **'موجي آکاڻيون'** 1928ع , نانڪرام ڌرمداس جو **'گل خوشي'** 1932ع , ميلارام منگترام جو **'چرچن جي چهر'**, **'ٻال رامائڻ'** 1946ع , **'ٻال شري ڪرشن'**1941ع, **' ٻال مها ڀارت'** 1940ع, **'انصاف جون آکاڻيون'**, **'اخلاقي دنيا '**, **'پارس مڻي'**, **'گل گاڏي'**, **'ڦلواڙي'**, **'پرياتي تارا'**, **'هندو وير ٻالڪ'**, **'ديوستان'**, **'اڏند ڪٽولي'**, **'پرستان'**, **'سندر ڪهاڻيون'**, **'املهہ موتي'**, **'مکڙيون'**, **'ڦلواڙي'** ۽ ٻيا شامل آهن.

## منوهر داس ڪوڙومل:

**منوهرداس ڪوڙومل** سنڌي نثر جي ابي **ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ** جو پٽ هو جيڪو پريا شهر ۾ تاريخ 14 ڊسمبر 1879ع تي ڄائو. هن 1925ع ڌاري پنهنجي پيءُ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**'ڪوڙومل ساهتيہ منڊل'** نالي هڪ ادبي اشاعتي ادارو حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. هن اداري پڻ ٻارن جا تمام گهڻا ڪتاب شايع ڪيا. ساڳئي سال جي نومبر مهيني ۾ هن اداري ٻاران ٻاران **منوهر ڪوڙي مل** جي ايڊيٽريءَ ۾ هڪ رسالو **'گلستان'** حيدرآباد مان جاري ٿيو.

ورهاڱي کان پوءِ منوهر ڪوڙومل هندستان لڏي ويو. هندستان ۾ پڻ هن ساڳئي نالي سان اشاعتي ادارو قائم ڪري ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا.

منوهر داس ڪوڙو مل 1984ع ۾ هندستان ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## ڪشنچند بيوس:

جديد سنڌي شاعريءَ جي بنياد وجهندڙ ۽ سنڌي ٻاراڻي ادب جي محسن **ڪشنچند بيوس** کي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي حوالي سان تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. هو بنيادي طور استاد هو ان ڪري هُن ٻارن جي انگل آرن ۽ عادتن توڙي نفسيات کي آڏو رکي شعر لکيا. سندس گيتن کي شاگرد ٽوليون ڪري جهونگاريندا ۽ ڳائيندا هئا. سندس شاعري ٻارن جي مزاج وٽان هئي، جيڪا هڪ دفعو پڙهڻ سان شاگردن کي ياد ٿي ويندي هئي.

**ڪشچند بيوس** لاڙڪاڻي شهر جي کتري خاندان ۾ تيرٿداس کتريءَ جي گهر ۾ 25 هين فيبروري 1885ع تي جنم ورتو. سندس والد هڪ سٺو حڪيم هو ۽ سندس امڙ بہ حڪمت جو ڪم ڪندي هئي. ماءُ پيءُ جي اثر بيوس کي بہ حڪيم بڻائي ڇڏيو ۽ هن نانوءَ جي پڌر لاڙڪاڻي ۾ 1935ع ۾ **'بيوس شفاخانو'** کوليو. ڪشچند ڪامياب حڪيم هوندي بہ شاعر بيوس بڻجي ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا گيت لکيا جو اڄ بہ پنهنجي دؤر يعني ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ جا ڪتاب 'شيرين شعر'، 'ساموندي سپون'، 'موجي گيت'،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'ڦولداني'، 'شعر ٻيوس' ۽ 'ٻيوس گيتانجلي' شايع ٿي چڪا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر ۽ نثر نويس نصير مرزا، ڪشنچند ٻيوس جي ٻارن لاءِ لکيل سمورن شعرن کي سهيڙي 'ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون' جي نالي سان ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري وٽان ڇپايو آهي.

ڪشنچند ٻيوس 23 سيپٽمبر 1947ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## هري دلگير:

نامياري شاعر **هري دلگير** 1935ع ڪشنچند ٻيوس سان گڏ ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **'موجي گيت'** لکيو جيڪو اڄ به ٻارن توڙي وڏن ۾ بيحد مقبول آهي. هو 1946ع ۾ ٻارن جي رسالن **'گلستان'** ۽ **'گل ڦل'** جي شاعريءَ واري پاڃي جو انچارج پڻ رهيو. 1958ع ۾ سنڌ مان لڏي هندستان جي شهر آديپور ۾ آباد ٿيو. 1983ع ۾ سندس ٻيو ٻارن جي گيتن تي ٻڌل ڪتاب **'مزيدار گيت'** هندستان مان ڇپيو. هن ڪتاب تي NCERT پاران اوارڊ به ڏنو ويو.

**هري دلگير** لاڙڪاڻي شهر ۾ گرڏني دريانيءَ جي گهر ۾ 15 جون 1916ع ۾ جنم ورتو. هن 1930ع کان شاعري جي شروعات ڪئي. جديد سنڌي شاعريءَ جي باني ڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس پهريون نظم شڪارپور جي مشهور رسالي 'سنڌوءَ' ۾ ڇپيو. هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1941ع ۾ بي ايس سي پاس ڪئي. 1942ع ۾ B.E (سول) بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. لاڙڪاڻي، دادو ۽ حيدرآباد ۾ انجنيئر رهيو. 1942ع ۾ سنڌ گورنمينٽ سندس ڪتاب **'ڪوڏ'** تي ڪيس انعام ڏنو.

هري دلگير 11 اپريل 2004ع، آديپور هندستان ۾ لاڏاڻو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٽيون

# ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جو ادب

(شعري ۽ نثري ادب)

[1947 - 2015]

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ، جتي مجموعي طور سنڌي ادب کي نقصان پهتو اتي سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب کي تہ ويتر وڏو ڇيهو رسيو. سنڌ جي جن اشاعتي ادارن ٻارن جو ادب شايع ڪرڻ ۽ ٻارن جو سرگرميون منعقد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ مس وڃي پير پُختا ڪيا هئا، تن جي سنياليندڙن ۽ سربراهن جي هندستان لڏي وڃڻ ڪري ٻارن جي ادب جي اشاعت ۽ ٻارن جي علمي ادبي سرگرمين جو سلسلو ڄڻ تہ ختم ٿي ٿي ويو. ميلا رام منگترام واسواڻيءَ جي هندستان لڏي وڃڻ جي ڪري سنڌ ۾ قائم ٿيل ٻارن جو پهريون اشاعتي ادارو **'سندر ساهتيہ منڊل'** بند ٿي ويو جيڪو سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب وڏي اهتمام سان ڇپيندو هو. اهڙيءَ ريت **ڇيتمل پرسرام جي 'نئين سنڌي لائبرري ۽ سستو عمدو ساهت مالها'** بند ٿي وئي، تہ وري ٻئي پاسي ٻارڙن جا رسالا، جيڪي ٻارن جون ڪچيون ڦڪيون لکٽيون ڇاپي، ٻارن ۾ ادب ڏانهن چاهہ پيدا ڪندا هئا، سي بہ بند ٿي ويا: **ٻهاري لال هريرام ڇاٻڙيا جو 'سدرشن'** بند ٿي ويو. (هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحب سنڌي ادبي سنگت جي 1947ع واري پهرين تنظيم جو شيخ اياز سان گڏ جوائنٽ سيڪريٽري رهيو آهي)آر.وي ٽڏاڻيءَ جو 'ٻاراڻيون ٻوليون' بند ٿي ويو ڀڳوان سدارنگاڻيءَ جو رسالو 'ٻالڪ' بند ٿي ويو.جڏهن تہ دادا شيوڪ ڀوڄراج جي اڳ ئي بمبئي شفٽ ٿي وڃڻ ڪري 'ٻالڪن جي ٻاري' ۽ ماهوار 'گلستان' جو ڪم، سنڌ اندر تہ صفا رُلي ويو. اهڙيءَ ريت ورهاڱي کان پوءِ سنڌ اندر جڻ تہ ٻارن جي ادب جي اشاعت جو سلسلو جهڙوڪر ختم ٿي ئي ويو.

ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل انهيءَ خال کي پرڻ لاءِ پهرين جامع ڪوشش غلام مرتضيٰ پنّي ۽ مقبول پنّي حيدرآباد مان ڪئي. هنن 1953ع ۾ دادا شيوڪ ڀوڄراج جي ڇڏيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ 'بزم گلستان' ۽ ماهوار رسالي 'گلستان' جو بنياد وڌو. ڏينوءَ جي پڙ، حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ ٻارن جي ماهوار رسالي 'گلستان' ۽ ادبي تنظيم 'بزم گلستان' سنڌ جي ٻارن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي چاهہ پيدا ڪيو. ان دوران ئي ٻيهر ٻارڙن جي ڪتابن جي اشاعت ۽ سنڌي اخبارن ۾ ٻارن جي علمي ادبي صفحن جي اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو.

ورهاڱي کان پوءِ سڀ کان پهريون ٻارن جو اشاعتي ادارو 'اداره گلشن ادب، ٽنڊو محمد خان' اياز پاتولي 1957ع ۾ ٽنڊي محمد خان ۾ قائم ڪيو. هن اداري پاران ٻارن جا 300 کان مٿي ڪتاب شايع ڪيا ويا، جڏهن تہ 'بزم گلشن سنڌ' جي نالي سان هڪ تنظيم پڻ قائم ڪري، سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ادبي سرگرمين ذاتهن مثبت لاڙو پيدا ڪيو. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب کي ڪيترائي سهارا ملڻ لڳا ۽ ٻارن جي ادب جي اوسر تيز لڳي. 67-1966 ڌاري، حيدرآباد مان ڏينوءَ جي پڙ مان غلام مرتضيٰ پنّي 'شمع سيريز' جي نالي سان ٻارڙن جو اشاعتي ادارو قائم ڪيو جنهن پڻ ٻارن جا 25 کان 30 ڪن ڪتاب شايع ڪرايا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي پاسي سنڌي ادبي بورڊ پاران ٻه ٻارن جي ڪتابن جو سلسلو شروع ڪيو ويو ۽ شروعاتي طور مرزا قليچ بيگ جا ٻاراٽا ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا ويا. ان دوران حيدرآباد جي ڪتاب گهرن آر. ايچ احمد اينڊ برادرس، آر-ايم- فتح اينڊ برادرس، هلال بوڪ ڊيپو ۽ امين ڪتاب گهر، حيدرآباد پاران ٻه ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت شروع ٿي. جيتوڻيڪ ان دور ۾ ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم، گهڻي ڀاڱي تجارتي بنيادن تي ڪيو پئي ويو ۽ ان ۾ سنسني توڙي جاسوسي نوعيت جو مواد شامل هوندو هو تنهن هوندي به اهي ڪتابڙا اڳتي هلي سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جو بنياد ثابت ٿيا.

1970ع وارو ڏهاڪو به حيدرآباد جي پٿي خاندان توڙي حيدرآباد جي ڪتاب گهرن پاران شايع ٿيندڙ ٻاراڻن ڪتابن جي آسپاس گهمندو رهيو. 73-1972ع ڌاري دينوءَ جي پٽ حيدرآباد مان بشير پٿي ۽ صبغت الله ميمڻ پاران ڪهاڻي پبليڪيشن، حيدرآباد نالي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن پڻ ٻارن لاءِ 20 ڪن ڪتاب شايع ڪيا.ساڳئي سال يعني 1973ع ۾ پاڪستان جي نامدار اشاعتي اداري نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران سنڌيءَ ۾ ٻارن جا 10 ڪتاب شايع ڪيا ويا، جن مان سواءِ هڪ اڌ ڪي ڇڏي باقي سڀ مقبول پٿيءَ جا ترجمو ڪيل يا لکيل هئا. ان کان پوءِ نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران ٻيهر سنڌيءَ ۾ ٻارن جا ڪتاب نه ڇاپايا ويا آهن. ان مان محسوس ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ڪتاب ڇپائڻ جو فيصلو شايد ان دور جي فائونڊيشن جي سربراهه جو هويا مقبول پٿي صاحب ذاتي طور تي ڪوششون ورتي نيشنل بڪ فائونڊيشن کان پنهنجا ٻاراڻا ڪتاب شايع ڪرايا، ڇاڪاڻ ته ان کان پوءِ نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران ٻيهر سنڌيءَ ۾ ٻارن جا ڪتاب شايع نه ڪرايا آهن. البته سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻارن جي ڪتابن تي وقت بوقت انعام ڏيندا رهيا آهن، جن ۾ غلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد غازي ۽ مهر خادم جا ڪتاب پڻ شامل آهن. 1970ع واري ڏهاڪي جو ٻيو هڪ اهم اشاعتي ادارو **'سرهاڻ پبليڪيشن'** آهي، جنهن 1975ع کان وٺي 2005ع تائين ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. هي ادارو **پرواني سيوهاڻي**، سيوهڻ ۾ قائم ڪيو جنهن پاران گهڻي ڀاڱي پرواني سيوهاڻيءَ جا ئي ٻارن جا ڪتاب شايع ٿيندا رهيا. هن اداري پاران جو رسالو پڻ شايع ڪيو جڏهن تہ پرواني سيوهاڻي پنهنجي اداري جا ڇپيل ٻاراڻا ڪتاب سنڌ جي ڪيترن ئي اسڪولن تائين پهچائي، سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان دوران حيدرآباد جي ٻن ڪتاب گهرن **'احباب پبليڪيشن حيدرآباد'** ۽ **'صداقت بوڪ ڊپو حيدرآباد'** پاران پڻ ٻارن جا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا ويا.

جيتوڻيڪ 1980ع وارو ڏهاڪو سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو انتهائي اهم ڏهاڪو آهي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻين ۽ نظمن توڙي گيتن جا تمام گهڻا ۽ اهم ڪتاب شايع ٿيا، پر ان جي شروعات دراصل 1979ع کان ئي ٿي چڪي هئي. رڳو سال 1979ع ۾ ئي ٻارن لاءِ شاعريءَ جا ڪيترائي اهم مجموعا ڇپجي پڌرا ٿيا، جن ۾ مختيار ملڪ جو **'ٽم ٽم ٽانڊاڻا'**، نصير مرزا جو **'ڌرتيءَ جا تارا'**، ادل سومري جو **'چنڊ پشم گولو'**، ذالفقار سيال جو **'مڪڙين مالها'**، اياز گل جو **'گل ۽ تارا'** ۽ منظور ظفر جو **'ڌرتيءَ جا گل'** شامل آهن. بعد ۾ 1980ع وارو ڏهاڪو سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب لاءِ ڀاڳوند ثابت ٿيو ۽ ڪيترن ئي اشاعتي ادارن توڙي انفرادي طور اديبن ۽ ليکڪن ٻارن لاءِ ڪتاب لکيا ۽ شايع ڪرايا. هن دور ۾ جيتوڻيڪ گهڻو زور ٻارن جي گيتن ۽ نظمن جي تخليق ۽ اشاعت تي هو تنهن هوندي بہ اهو دور سنڌي ٻاراڻي ادب جي عروج وارو دور سمجهي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت 1980ع کان 1990ع تائين ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا، تن مان جيڪي ڪتاب گهڻو مشهور ٿيا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ۾ استاد بخاريءَ جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **’هي گيت گلابي ٻارن جا‘** (1980ع)، نياز پنهور جو ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن جو مجموعو **’سپون ۽ ڪوڏ‘** (1981ع)، ظفر عباسيءَ جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو **’تارا تارن هيٺ‘** (1981ع)، ذوالفقار سيال جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **’منهنجي ديس جا ٻار‘** (1982ع)، ادل سومري جو ڪتاب **’پتلين جو تماشو‘** (1982ع)، ذوالفقار سيال جو ٻارن لاءِ شاعريءَ مجموعو **’گيت ڪيڏونا‘** (1983ع)، مختيار مگڻهار جو ٻارن لاءِ نظمن ۽ گيتن جو مجموعو **’دنيا آهي گول‘** (1983ع)، اڪبر جسڪاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ناول **’ٻتين واري ناني‘** (1984ع)، پرواني سيوهاڻيءَ جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب **’تماشو‘** (1984ع)، ادل سومري جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو **’جيتن جي ڪانفرنس‘** (1984ع)، مقصود گل جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’ڪرٽا ڪرٽا‘** (1986ع)، ادل سومري جو ٻارن لاءِ لکيل گيتن جو مجموعو **’پوپٽ جهڙا گيت‘** (1986ع)، ذوالفقار سيال جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **’گلڙن جهڙا گيت‘** (1986ع)، زاهد شيخ جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’جيجل تنهنجي جهول ۾‘** (1988ع)، اڪبر جسڪاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **’رمون ڀيڻي‘** (1988ع)، ذوالفقار سيال جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’لفظن جا رانديڪا‘** (1989ع)، اختر درگاهيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’گل ۽ مکڙيون‘** (1989ع)، مختيار مگڻهار جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’ڌرتي روشن ٿيندي‘** (1990ع) ۽ ادل سومري جو ٻارن لاءِ لکيل ڪالم ڪهاڻين جو مجموعو **’نئين دور جا نوان سبق‘** (1990ع) شامل آهن.

1979ع کان وٺي 80 واري پوري ڏهاڪي تائين نہ رڳو نثار حسيني آگم پبليڪيشن ايجنسيءَ پاران **’ٻالڪ ڪتاب لڙي‘** ۽ **’روشن تارا سرڪل‘** جي عنوانن هيٺ اڪبر جسڪاڻي، نصير مرزا، ادل سومري، ذوالفقار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيال، شمس الدين سومري، ج. ع منگھاڻي، الاهي بخش ٻانيڻ ۽ ٻين ان دور جي نوجوان اديبن جا ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪرايا. پر ساڳئي ڏهاڪي ۾ ناميارِي اديب شاعر مقصود گل رتيديري مان **'سنڌڙي ڪتابي سلسلي'** ۽ محبوب علي جوکيي محراب پور مان **'ٻارن جي سنڌي ساهت گھر'** پاران پڻ ٻارن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا ويا. ان کان سواءِ حيدرآباد جي هڪ ٻئي ڪتاب گھر **'نويد بوڪ ڊيو'** پڻ ٻارن لاءِ پنهنجا ڪتاب 1987ع کان شايع ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪي 1990ع تائين شايع ٿيندا رهيا. هن ڪتاب گھر ٻارن لاءِ معلوماتي آکاڻين جا ڪتاب شايع ڪري سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ادبي چاهه پيدا ڪرڻ جي هڪ مثبت ڪوشش ڪئي.

1990ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻاراڻو ادب پنهنجا پير پختا ڪري چڪو هو. هن ڏهاڪي ۾ ٻارن جا ڪيترائي ماهوار ۽ ٻه ماهي رسالا شايع ٿيا، جن نوان ليکڪ پيدا ڪرڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ ريت سنڌ جي سرڪاري ادارن پڻ ٻارن جي ادب تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو، نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٻاراڻو ادب پروان چڙهڻ لڳو. هن ڏهاڪي ۾ ٽن اهم سرڪاري ادارن: **انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي**، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ قائم ڪيل اداري **سنڌي لئنگئيج اٿارٽي** ۽ حڪومت سنڌ جي **ثقافت کاتي** پاران ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو. جڏهن ته **سنڌي ادبي بورڊ** ته اڳ ئي ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪري رهيو هو. 1990ع ۾ هڪ طرف **مهتاب اڪبر راشدي** سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي سيڪريٽري تي آئي ۽ اچڻ سان ئي، کاتي جي ڪتابن جي اشاعت واري سلسلي ۾ **'ٻارن جو ادب'** شايع ڪرايو ته ٻئي پاسي **انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي** ۽ **سنڌي لئنگئيج اٿارٽي** پڻ باقاعدگيءَ سان سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت کي اهميت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيندي اشاعتي سلسلا شروع ڪيا. ثقافت کاتي ٻارن لاءِ آکاڻين ۽ سائنسي ڪتابن سان گڏ سنڌ جي سورمن بابت، ٻارن کي ڄاڻ ڏيڻ جي لاءِ **شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم بلاول، ذوالفقار علي ڀٽي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، علامه آءِ. آءِ. قاضي، مرزا قليچ بيگ، جنرل هوش محمد شيدي، مولانا دين محمد وفائي ۽ پير حسام الدين شاهه راشديءَ** جي زندگيءَ بابت ننڍڙا ڪتابڙا شايع ڪرايا ۽ **'بيسڪ سائنس سيريز'** جي عنوان سان ٻارن کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ معلوماتي ڪتاب شايع ڪيا. اهڙيءَ ريت سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ٻارن لاءِ گيتن، ڪهاڻين ۽ سائنسي ڄاڻ تي ٻڌل ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو ته پاسي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ٻارن جي نظمن ۽ گيتن ۽ ڪتابن جا ترتيب ڏنل ۽ طبعزاد ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا.

1990ع واري هن ڏهاڪي ۾ متين سرڪاري ادارن کان سواءِ جن خانگي اشاعتي ادارن ٻارن جو ادب شايع ڪرڻ شروع ڪيو تن ۾: **سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، روشني پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو، گلشن پبليڪيشنس** حيدرآباد ۽ ٻيا شامل آهن. هنن خانگي اشاعتي ادارن کان سواءِ **دعوه اڪيڊمي، بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي** پاران پڻ ٻارن جو ادب شايع ڪيو ويو. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پنهنجي اشاعتي سلسلي ۾ نئين روايت قائم ڪندي ٻارن لاءِ سيريزن ۽ جُلدن ۾ ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا ته ٻئي پاسي **مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور** ننڍڙين اصلاحي، معلوماتي ۽ اسلامي آکاڻين تي ٻڌل ڪتابن کان سواءِ سائنسي ۽ معلوماتي ڪتاب پڻ شايع ڪيا. **مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور** سنڌيءَ ۾ ٻارن جي شاعريءَ کي گهڻ ڇاپيو. دعوه اڪيڊمي، **بين الاقوامي اسلامي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يونيورسٽي جيئن تہ اسلام جي پرچار جو هڪ وفاقي ادارو آهي، ان ڪري ان اداري پنهنجي دور ۾ جيڪي بہ ڪتاب شايع ڪيا، انهن جو پسمنظر اسلامي معلومات سان لاڳاپيل آهي. ٻئي پاسي حيدرآباد جي سنڌي ساهت گهر ٻارن لاءِ شعرن ۽ گيتن جي ڪتابن کان سواءِ عطا محمد ڀنڀري جا ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل آکاڻين جا ڪتاب پڻ شايع ڪيا، جڏهن تہ گلشن پبليڪيشن پاران ٻارن جي آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب شايع ڪرايا ويا. هن ڏهاڪي ۾ قاسميہ لائبرري ڪنڊياري پاران پڻ ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪيا ويا، جيڪي سمورا نبين جي زندگي ۽ انهن جي پيغامن تي ٻڌل هئا. اهڙيءَ ريت سنڌي ادبي سنگ ۽ ٻالڪ ادبي فورم جي مختلف شاخن پاران پڻ ٻارن جي ڪهاڻين ۽ نظمن جا ڪتاب شايع ٿيا. هن ڏهاڪي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارڙن لاءِ ڪيترائي رسالا پڻ شايع ٿيڻ شروع ٿيا، جن سنڌ جي ٻارن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي چاهہ پيدا ڪيو.

سال 2000ع وارو ڏهاڪو سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي ڏس ۾ اهم ڏهاڪو آهي. هن ڏهاڪي توڙي مجموعي طور سال 2015ع تائين، سنڌ اندر سرڪاري توڙي خانگي اشاعتي ادارن، سنڌي ٻاراڻي ادب تي گهڻو ڌيان ڏنو. هن ڏهاڪي ۾ نہ رڳو سرڪاري اشاعتي ادارن سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي زورو رتو تہ ٻئي پاسي خانگي اشاعتي ادارن اين اي جان فائونڊيشن حيدرآباد، ڪاڇي پبليڪيشن ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فينيڪس بڪ حيدرآباد، سچائي اشاعت گهر دڙي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي ۽ ٻين ادارن پاران ٻارن جي ڪتابن کي تيار ڪري ڇپائڻ جو سلسلو وڏيو پر نئين دؤر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نين تقاضائن کي آڏو رکندي، متي ڄاڻايل سنڌ جي هنن سرڪاري توڙي خانگي ادارن ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ پنهنجو ليءِ آئوٽ تبديل ڪيو ۽ هاڻي ٻارن جا ڪتاب تصويرن سان گڏ رنگين ۽ آرٽ پيپر تي ڇپجڻ لڳا. هنن 15 سالن دوران سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو ان ڪري به وڌيو ته سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) پاران ٻارن جا ڪتاب خريد ڪري سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ لائبريريون قائم ڪيون ويون ۽ ٻارن کي مفت ڪتاب پڻ مهيا ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت يو ايس آءِ ڊي پاڪستان ۾ به پروگرام **'سنڌ ريڊنگ پروجيڪٽ'** ۽ **'پاڪستان ريڊنگ پروجيڪٽ'** شروع ڪيا، جن پڻ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ڪافي ڪتاب خريد ڪري اسڪولن تائين پهچايا. ان کان سواءِ ترديپ رورل ڊولپمينٽ پروگرام پاران ته باقاعدي **'ٻارن جي ادب جو شعبو'** قائم ڪري ڪتاب شايع ڪيا ويا. ان کان سواءِ **'پوپٽ پبلشنگ هائوس'** ۽ **'سنڌ راڻي پبليڪيشن'** حيدرآباد پڻ ٻارن جو ادب شايع ڪرڻ جا ادارا ٿي ايريا.

سال 1953ع کان 2015ع تائين سنڌ اندر ٻارن جو ادب ڇپيندڙ ادارن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## اداره گلشن ادب، ٽنڊو محمد خان:

ٻارن لاءِ هي علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارو ٽنڊي محمد خان ۾ **اياز پاتولي**، جنوري 1957ع ۾ قائم ڪيو. اداري جو بانيڪار **اياز پاتولي** پاڻ هو جڏهن ته سندس ساٿين ۾ **محمد ابراهيم پياسي** ۽ **خواجا محمد اشرف شاد** شامل هئا. هن اداري هيستائين 300 کان مٿي ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جن ۾ اڪثريت ٻارن جي ڪتابن جي آهي. انهن ڪتابن ۾ **محمد ابراهيم جويو، فدا سُرهيي، محمد ابراهيم 'شوق' سنڌي، فضل احمد**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بچاڻي، رشيد احمد لاشاري، پرواني ڀٽي، اياز پاتولي ۽ ٻين ليکڪن جا لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب شامل آهن. هن اداري پاران 76_ 1977 ۾ 'ٻارن جو ڊائجيسٽ' ۽ 'گلشن ڊائجسٽ' پڻ شايع ڪيا ويا. هن وقت هي ادارو غير فعال آهي.

سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ هن اداري جي خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو. هن اداري پاران 'بزم گلشن' نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي، جنهن پڻ سنڌ ۾ ٻارن اندر علمي ادبي جاڳرتا لاءِ وڏو ڪم ڪيو.

**سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو** (ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم):

سنڌ جي معروف علمي ۽ ادبي اداري **سنڌي ادبي بورڊ** جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي اشاعت توڙي واڌاري ۽ سڌاري ۾ تمام وڏو ڪردار رهيو آهي. هن اداري نہ رڳو 1959ع ۾ ٻارن جو علمي ادبي رسالو **'گل ڦل'** شايع ڪرڻ شروع ڪيو پر ٻارن جي ڪهاڻين، مضمونن، گيتن ۽ نظمن سميت پرڏيهي ٻاراڻي ادب جا ترجما پڻ شايع ڪيا. هن اداري ناميارن اديبن سميت نوجوان ليکڪن کي پڻ اهميت ڏني آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ادبي بورڊ جا ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتاب هر دور ۾ مقبول ۽ مشهور رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري پاران هن وقت تائين جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾: ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻيءَ جو **'ايسپ جون آکاڻيون'** (1957ع)، مرزا قليچ بيگ جا **'ٽي ديويا راڪاس'** (1959ع)، **'دلپسند قصا'** (1959ع)، **'وامق عذرا'** ((1960ع)، **'لبا خان درزي ۽ خليفو کهنگ'** (1960ع)، **'نيلو پکي'** (1960ع)، **'شهزادي قدم برگ'** (1960ع)، **'ٻہ جاڙا پائر'** (1960ع)، **'رستم'** (1963ع)، **'پٽيل اکيون ۽ پوريل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪيون' (1964ع)، **'پائي پائي وزو'** (1964ع)، **'شهزادي محبوب جي آکاڻي'** (1964ع) ۽ **'گِرم جون آکاڻيون-1'** (1964ع)، مراد علي مرزا جو ٻارن جي آکاڻين تي مشتمل ڪتاب **'ٻارن لاءِ آکاڻيون'** (1977ع)، خليل عارف سومري جو **'مهڪار'** (1995ع)، 'مخدوم محمد صالح ڀٽي جو **'واندڪائيءَ جي ونڊر'** (1995ع)، غلام محمد غازي جو **'سائنس بخشي سونهن'** (1999ع)، ڪشنچند بيوس/ نصير مرزا جو **'ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون'** (2001ع)، ولي محمد طاهرزادي جا ڪتاب **'شخصيتون'** (2005ع) ۽ **'آکاڻيون-1'**، **'آکاڻيون-2'** (2005ع)، سيد اظهر گيلانيءَ جو **'سرها گل'** (2005ع)، خالد آزاد جو **'سچ اپرڻ کان پوءِ'** (2005ع)، غلام محمد غازي جو **'رنگا رنگي گيت'** (2006ع)، ولي محمد طاهرزادي جا ڪتاب **'سنڌي ديس جون رانديون-1'** ۽ **'سنڌي ديس جون رانديون-2'** (2006ع)، جيڪب گرم ۽ وليم گرم جي لکيل ۽ رفيعه ملاح جو ترجمو ڪيل **'گِرم جون آکاڻيون-2'** (2007ع)، شوڪت چاچڙ جو **'اڌوري تصوير'** (2008ع)، نثار بزمي/ غلام محمد غازيءَ جو **'ڌرتي تارا'** (2008ع)، دين محمد ڪلهوڙي جو **'گل ڦل چونڊ ڪهاڻيون'** (2008ع)، خليل عارف سومري جو **'موتي ۽ مکڙيون'** (2010ع)، استاد امير علي خان جو **'رنگ موسيقي، خوشبو'** (2012ع)، زيب نظاماڻيءَ جو **'هلو هلون اسڪول'** (2013ع)، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو **'پنهنجي ٻولي پياري ٻولي'** (2013ع)، يوسف سنڌيءَ جو **'مريخ جا مسافر'** (2013ع)، پريل دايي جو **'ٻار اکين جا تار'** (2014ع) ۽ دادا سنڌيءَ جو **'سنڌ جا درسگاهه'** (2014ع)، راز شاهاڻيءَ جو **'ٻارڙن جو شاهه'** (2014ع)، مقصود گل جو **'اکڙيون نيل ڪنول'** (2014ع)، دادا سنڌيءَ جو **'سنڌ جا درسگاهه'** (2015ع) شامل آهن.

مٿين ڪتابن کان سواءِ سنڌي ادبي بورڊ، وفاقي حڪومت جي تعليم واري وزارت جي سهڪار سان، ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معلوماتي ۽ ادبي ڪتاب شايع ڪرايا. تن ۾: رشيد ڀٽيءَ جو 'پاڪستان جا پراڻا شهر' (1981ع)، پروفيسر محمد امين جو 'ڪڇ جي ڪهاڻي' (1981ع)، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جو 'شهري حياتي ۽ ڳوٺ' (1981ع)، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو 'برڪ سائنسي ڪوجنائون' (1981ع)، تنوير عباسيءَ جو 'سنڌ جا عظيم صوفي بزرگ' (1981ع)، غلام نبي ميمڻ 'ڏارين ٻولين جون ڪهاڻيون' (1981ع)، حبيب الله صديقيءَ جو 'دريا ۽ ساموندي ڪنارن سان زندگي' (1981ع)، علي مرتضيٰ ڏاريجي جو ڪتاب 'بدن ۽ ان جو ڪم' (1981ع)، قاصي خادم جو 'شهري حياتي ۽ ڳوناڻي حياتي' (1981ع)، سيد سردار علي شاهه 'ذاڪر' جو 'حضور صلعم جي حياتيءَ جو مختصر احوال' (1981ع)، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ جو 'پورهيي جو مان' (1981ع)، محبوب علي جوکيي جو 'مثالي شاگرد' (1981ع)، اياز قادريءَ جو 'پکين ۽ جانورن جون نصيحت ڀريون ڪهاڻيون' (1981ع)، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو 'وڏن جو ادب' (1981ع)، اياز قادريءَ جو 'پرين جون ڪهاڻيون' (1981ع)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو 'لوڪ شاعري' (1981ع)، ڊاڪٽر هارون رشيد ميمڻ جو 'ماڪوڙي، ماکيءَ جي مک ۽ ڪوريئڙي جي حياتي' (1981ع)، محبوب علي جوکيي جو ڪتاب 'استادن جو ادب' (1981ع)، گوهر ممتاز قاضيءَ جو 'پولڙي جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون' (1981ع)، علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو 'متو مرسل' (1981ع)، محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو 'ننڍا ناٽڪ' (1981ع) ۽ استاد بخاريءَ جو ٻارن جي گيتن تي مشتمل ڪتاب 'ٻاراڻا گيت' (1981ع) شامل آهن.

مٿين ڪتابن مان ڪيترن ئي ڪتابن جا ٻيا ۽ ٽيان ڇاپا پڻ شايع ٿيل آهن. ٻارن جي ادب ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو هي ڪم، بنيادي ڪم ۾ شمار ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## آر. ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدر آباد:

هي اشاعتي (درسي ۽ ادبي) ادارو ڪاٺياواڙي واپارين **حاجي قاسم ۽ حاجي رحمت الله** ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد ۾ قائم ڪيو جيڪو درسي ڪتابن جي اشاعت جي ڪري مشهور ٿيو. هن اداري جو پورو نالو **'رحمت الله هدايت الله احمد اينڊ برادرس'** هو. شاهي بازار حيدرآباد ۾ قائم هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ پڻ وڏو ڪم ڪيو. هن اداري مختلف موضوعن تي لکيل ۽ ترجمو ڪيل تقريباً 100 کان مٿي ڪتاب شايع ڪرايا. هن اداري جي اهم ڪتابن ۾ حاجي حقير ابن مگڻ جا **'جادوءَ جي گُڏي'** ۽ **'جادوءَ جي مُنڊي'**، شوق سنڌيءَ جو **'ڪرامتي تخت'**، بلاول پرديسيءَ جو **'جادو جو گلاب'**، حُسام سومري جو **'جادوءَ جي پينگهه'**، فدا سرهيي جو **'غيبي خزانو'** قاضي صابر مصطفيٰ جو **'گل گلاب پري'**، گل محمد آزاد صوفيءَ جو **'الادين ۽ ان جو ڪرامتي ڏيئو'** محمد بخش جوهر جو **'جادو جو پنکو'**، نذير حسين پنيءَ جا **'جادوءَ جا صوف'** ۽ **'خوفناڪ جزيرو'** ۽ ستار پنيءَ جا ڪتاب ذڪر لائق آهن. بعد ۾ 1980ع کان پوءِ هي ادارو بند ٿي ويو.

## آر. ايم. فتح اينڊ برادرس، حيدر آباد:

حيدرآباد جو هي اشاعتي ادارو عموماً درسي ڪتاب شايع ڪندو هو جيڪو ورهاڱي کان پوءِ قائم ڪيو ويو. حيدرآباد جي هير آباد ۾ قائم هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي سلسلي ۾ **نثار احمد مفتي ۽ پير محمد عالم صديقيءَ** جا پنج کن ڪتاب شايع ڪرايا.

## هلال بوڪ ڊپو، حيدر آباد:

حيدرآباد جي هن اشاعتي اداري طرفان 70 واري ڏهاڪي ۾ سنڌي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو ويو. هن اداري ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ عبدالعليم اي پٺيءَ جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو لکيل ڪتاب 'سهڻو خواب' (1978ع)، نذير حسين پٺيءَ جو ترجمو ڪيل ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب 'سلطان ڏاڙيل' (1978ع) ۽ ڪي ٻيا شامل آهن.

**امين ڪتاب گهر، حيدرآباد:**

**'امين ڪتاب گهر'** نالي هيءَ اشاعتي ادارو اصل ۾ **رحمان بڪ بائينڊنگ ورڪس** جي مالڪ **احمد نبي بخش شيخ** قائم ڪيو. هي ادارو خاص طور تي درسي ڪتاب شايع ڪندو هو ۽ حيدرآباد جي گاڏي ڪاتي واري علائقي ۾ قائم ٿيل هو. هن اداري پنهنجي حيثيت آهر، **حسام سومري، محمد بن واصف** ۽ **نذير حسين پٺيءَ** جا ٻارن لاءِ لکيل اٺ ڪتاب شايع ڪرايا.

**ڪهاڻي پبليڪيشن، حيدرآباد:**

ٻارن لاءِ هيءَ علمي ادبي ڪتابي سلسلو ڏينوءَ جي پڙ حيدرآباد مان **بشير پٺي** ۽ **صبغت الله ميمڻ** 73-1972ع ڌاري شروع ڪيو. **بشير پٺي،** هن پبليڪيشن کي **نيشنل بوڪ فائونڊيشن** جي طرز تي شروع ڪيو ۽ ٻارن جي ڪهاڻين کي باتصوير شايع ڪيو. ڪتابن تي تصويرون **خدابخش ابڙو** ۽ **ساجد قريشي** ٺاهيندا هئا.

هن اداري، **شمس الدين سومري، بشير پٺي، صبغت الله ميمڻ** ۽ **نذير پٺيءَ** جا ٻارن جي آکاڻين جا 20 کن ڪتاب شايع ڪيا. هي اهو واحد ادارو هو جنهن پاران شايع ٿيندڙ ڪتابن جون ٻه ٻه هزار ڪاپيون ڇاپيون وينديون هيون. پبليڪيشن پاران شايع ٿيندڙ ڪتابن جي سائيز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرائون هوندي هئي، اڪثر ڪتابن جا هڪ ڪان وڌيڪ ڇاپا شايع ٿيا. هر ڪتاب جو ٽائيٽل ٻن رنگن وارو هوندو هو.

## نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد:

(سنڌي ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد، پاڪستان ۾ ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت جو قومي ادارو آهي. هي ادارو عام طور تي اردو ٻوليءَ ۾ ڪتاب شايع ڪندو آهي، جڏهن تہ سنڌيءَ سميت پاڪستان جي ڪن ٻين قومي ٻولين ۾ پڻ ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. ڪتابن جي اشاعت کان سواءِ هي ادارو اردوءَ سميت ٻين قومي ٻولين ۾ ادبي انعام بہ ڏيندو رهندو آهي. هن اداري 1973ع ۾ ٻارن جا 10 ڪتاب شايع ڪيا، جن مان 9 ڪتابن جو تفصيل ملي سگهيو آهي. انهن نون ڪتابن ۾ ناهيد جعفريءَ جو ترجمو ڪيل ٻارن جي آکاڻين جو ڪتاب **'باغ بهار'** (1973ع)، سيف الملوڪ جو ڪهاڻين جو ترجمو ڪيل ڪتاب **'ستا اخلاق'** (1973ع)، مقبول پٺيءَ جا ترجمو ڪيل ٻارن جي ڪهاڻين جا ڪتاب **'ڪتو نوريٽڙي جي کِٽ کِٽ'، 'چنگيا اهي تي ڪير هئا'، 'ڪتو نوريٽڙو ۽ چُٽ چُٽ'، 'ڪتو نوريٽڙي جو پهريون سفر'، 'انوکا پکي'، 'هڪ هئي ڊنڊ'، 'چنگيا جي اڏامر ڪٽوري'** (1973ع) شامل آهن. هنن ڪتابن کان سواءِ نيشنل بڪ فائونڊيشن غلام محمد غازي، مهر خادم ۽ ٻين سنڌي اديبن جي ٻارن جي ڪتابن کي انعام پڻ ڏنا.

## سرهاڻ پبليڪيشن، سيوهڻ:

**'سرهاڻ پبليڪيشن'** جي نالي سان سيوهڻ مان1975ڌاري سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر استاد بخاريءَ جي تجويز تي، **پرواني سيوهاڻي** ٻارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو جنهن جي پليٽ فارم تان ٻارن لاءِ ماهوار 'سرهاڻ' رسالي سان گڏ ٻارن جا ڪتاب شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. 'سرهاڻ پبليڪيشن' پاران ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا، تن ۾ **'تياسي جا ٽي ناٽڪ'**– 1983ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ناٽڪ)، **'تماشو'**– 1985ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'پکين جي ديس ۾'**– 1986ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'چنڊ ۽ چڪور'**– 1989ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'هل تہ هلون چنڊ تي'**– 1992ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ سفرنامو)، **'ٻارن جون چونڊ ڪهاڻيون'**– 1994ع (مرتب: پروانو سيوهاڻي)، **'ٻارن جا گيت'**– 1994ع (شاعر: پروانو سيوهاڻي)، **'منهنجون يادون منهنجو ننڍپڻ'**– 1993ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ آتم ڪهاڻي)، **'اڏام'**–2001ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'ڌرتيءَ جو تارو'**– 2004ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'انڌي فقيرياڻي'** – 2004ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'خيرو خيالي'**– 1995ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'سهڻي صلاح'**– 2005ع (ليکڪ: پروانو سيوهاڻي- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'هنيلي هرڻي'**– 1991ع (ليکڪ: مقصود گل- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'روبوٽ'** – 1984ع (ليکڪ: مقبول گهلو- ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ۽ **'گيت پروليون'** – 1985ع (شاعر: منثار ملاح) شامل آهن. متين ڪتابن ۾ ڪتاب **'منهنجون يادون منهنجو ننڍپڻ'** کي سنڌي ادبي سنگت ۽ ڪتاب **'اڏام'** کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ايوارڊ ۽ انعام بہ مليل آهن.

هي اشاعتي سلسلو سنڌ ۾ ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. هن اداري جو روح روان **پروانو سيوهاڻي** آهي، جنهن کي ٻارن جي ادب ۾ خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**احباب پبليڪيشن، حيدر آباد:**

حيدرآباد ۾ قائم ڪيل هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ پڙهڻ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا. هن اداري ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ عبدالعزيز پٺيءَ جا ڪتاب **'پوتن جو آستانو'** (1978ع)، **'پوتن جون شرارتون'** (1978ع) ۽ **پوتن جو بنگلو'** (1978ع) شامل آهن.

**صداقت بوڪ ڊيپو، حيدر آباد:**

حيدرآباد جي هن اداري طرفان سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب ڇپايا، تن ۾ **عبدالعزيز اي پٺيءَ** جو ٻارن جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب **'سهڻو خواب'** (1978ع). ساڳئي سال عبدالعزيز اي پٺيءَ جو ٻارن جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب **'اداس شهزادو'** (1978ع). عزيز پٺيءَ جو ئي **'ڪاري ٽوپي'** (1983ع) ۽ منظور ابڙي جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب **'علم بادشاهه'** (98_1997) شايع ڪيا ويا آهن.

**آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدر آباد:**

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

ناميارو اديب نثار حسينيءَ پاران قائم ڪيل سنڌي ڪتابن جي اشاعتي اداري آگم **پبلشنگ ايجنسيءَ** سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ پڻ وڏو ڪم ڪيو ويو آهي. هن اداري **'ٻالڪ ڪتاب لڙي'** ۽ **'روشن تارا سرڪل'** جي عنوان سان ٻارن لاءِ ڪهاڻين، شعرن ۽ مضمونن جا ڪتاب شايع ڪيا. هن اداري جي ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن ۾ نصير مرزا جو ٻارن لاءِ لکيل نظمن ۽ گيتن جومجموعو **'ڌرتيءَ جا تارا'** (1979ع). اڪبر جسڪاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتابڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'**ٻتين واري ناني**'. ادل سومري جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو ڪتاب '**پتلين جو تماشو**'. اڪبر جسڪاڻيءَ ٻارڙن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب '**رمون پيٽي**'. ذوالفقار سيال جو ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جو مجموعو '**منهنجي ديس جا ٻار**'. سوسن مرزا جي ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو '**سيان جا ٻيجل**'. شمس الدين سومري جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو '**ماسي ڪتو**'. رضيہ صديقيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب '**جيتن جي ڪانفرنس**'. سرهيا سوز ڏيپلائيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب '**چمڪندڙ چنڊ**'. ج ع منگهاڻيءَ جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو '**پتنگ پويان ڊوڙ**'. اڪبر جسڪاڻيءَ جو ٻارن جي ڪهاڻين جو ڪتاب '**خير و حجر**' ۽ ٻيا شامل آهن.

## ٻارن جو سنڌي ساهت گهر (محرابپور):

ٻارن لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪتابن جي اشاعت جو هي ادارو **محبوب علي جوکيي** 1980ع ڌاري محرابپور ۾ قائم ڪيو. هن اداري جيڪي ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ محبوب علي جوکيي جو ٻارن لاءِ مرتب ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب '**سفيد ٻانڊر**' (1980ع)، اخلاق حسين جوکيي جو '**موتين مالا**' (1980ع)، محبوب علي جوکيي جا '**انڌن جو ديس**' (1980ع)، '**گلڙن جي گفتار**' (1981ع)، '**دلچسپ معلومات**' (1981ع)، '**دوستيءَ جي هام**'، '**گڏهہ ۽ موسيقي**' (1981ع) ۽ ٻيا شامل آهن.

## روشني پبليڪيشن:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم):

سنڌ جو مشهور اشاعتي ادارو '**روشني پبليڪيشنس**'، سال 1981ع ۾ علي نواز گهانگهري ڪنڊياري ۾ قائم ڪيو جيڪو پوءِ



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. هن اداري مجموعي طور سنڌي ادب جي مختلف موضوعن ۽ صنفن تي ڪتابن جي اشاعت سان گڏ، ٻارن لاءِ ڪتابن جي اشاعت تي پڻ ڌيان ڏنو. اداري پاران ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ مولانا محمد قاسم سومري جا **'ڍڳي ۽ گڏھ جي ڳالھ'، 'شينھن ۽ ڪوئي جي ڳالھ'، 'لالچي دربان'، 'سياڻو ڳيرو'، 'ھرڻ ۽ لومڙ جي ڳالھ'** ۽ الطاف شيخ جا **'مينھن ۽ ڍڳي جي ڳالھ'، 'ڏاھي جھرڪي'** ۽ **'جادوءَ جي ديڳڙي'** شامل آھن. ھنن ڪتابن ڪان سواءِ روشني پبليڪيشن پاران **'شاھ لطيف ڪتاب گھر'** جي نالي سان پڻ ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آھن.

ٻارن جي مٿي ڄاڻايل ڪتابن ڪان سواءِ **'روشني پبلڪيشنس'** جا سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اھم ڪتاب شايع ٿيل آھن.

## سنڌڙي ڪتابي سلسلو:

ھي ادبي اشاعتي ادارو ناميار شاعر ۽ اديب **مقصود گل** 1983ع ڌاري، رتي ديري ۾ قائم ڪيو. ھن اداري پاران ٻارن جا ٽي ڪتاب شايع ڪيا ويا آھن. پھريون ڪتاب مقصود گل جي ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو **'ڪرٽا ڪرٽا'** ھو جيڪو 1986ع ۾ ڇپيو. بعد ۾ ھن اداري پاران وڏي عرصي کان پوءِ سال 2001ع ۾، مختار گھمري جو ڪتاب **'چنڊ ستارا جھوليءَ ۾'** (ٻارن لاءِ شاعري) شايع ڪيو ويو. ٽيون ڪتاب **ياسر قاضيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'اُٺ ماما گوگڙو'** آھي، جيڪو 2014ع ۾ شايع ٿيو.

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جي ڪتاب **'اٺ ماما گوگڙو'** کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ايوارڊ پڻ ڏنو ويو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽيءَ ٻاران ٻارن لاءِ هيستائين جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾: ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جو **’حضرت قائد اعظم محمد علي جناح‘** (1983ع)، تنوير عباسيءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب **’ٻاراڻا ٻول‘** ڇاپو ٻهريون (1991ع)، ادل سومري جو **’رنگ برنگي ڦوڪڻا‘** (1995ع)، بشير ٻيٽيءَ جو **’مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان‘** (1995)، غلام محمد غازيءَ جو **’سائنس ٻئي سمجهائي‘** (2003)، غلام محمد غازيءَ جو ٻيو ڪتاب **’راند يڪن سان راند‘** (2003) شامل آهن.

**انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ** جي نالي سان سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت ۽ تهذيب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ هي ادارو 1963ع ۾ **’سنڌي اڪيڊميءَ‘** جي نالي سان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَقائم ڪيو. جنهن بعد اڳتي هلي هن اداري کي **انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي** جو نالو ڏيئي باقاعدي ڪم شروع ڪيو ويو. هي ادارو پنهنجي اشاعتي ڪم سان گڏ، ميوزيم ۽ هڪ جامع لائبريري ٻه رکي ٿو جيڪا محققن لاءِ نهايت ئي ڪارآمد رهندي پئي آئي آهي.

### نويد بوڪ ڊيپو، حيدرآباد:

حيدرآباد جي گاڏي کاتي ۾ واقع هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ پڙهه ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن ۾: محمد بخش جوهر جو ٻارن جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب **’تارزن‘** (1987ع)، عبدالستار درس جو لوڪ ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب **’هير رانجهو‘** (1990ع)، حڪيم محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صالح سنڌيءَ جو ٻارن لاءِ لطيفن تي لکيل ڪتاب **'دل جي ونڊر'** (1990ع).
عبدالستار درس جو ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب **'خوني ڪنڊر'** (1990ع).
عبدالستار جو ئي ٻارن جي ڪهاڻين تي هڪ ٻيو لکيل ڪتاب **'جاٻلو راڻيءَ جو تحفو'** (1991ع) شامل آهن.

### دعوه اڪيڊمي، اسلام آباد:

(ٻارن جي ادب جو شعبو)

دعوه اڪيڊمي، دراصل ۾ اسلامي تعليمات جي پرچار لاءِ قائم ڪيل بين الاقوامي، اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو هڪ شعبو آهي، جيڪو پنهنجن اشاعتي سلسلن سان گڏ، نوجوان ليکڪن، استادن، عالمن ۽ سماج جي ٻين شعبن سان واسطيدار ماڻهن جي تربيت ڪندو آهي.

دعوه اڪيڊميءَ جي انتظام هيٺ تاريخ 25 مئي 1987ع هڪ نوٽيفڪيشن موجب **'ٻارن جي ادب جو شعبو'** قائم ڪيو ويو جنهن جو انچارج **ڊاڪٽر محمد افتخار کوکر** کي ڪيو ويو. جڏهن تہ **محمد شاهد رفيع** ۽ **عبدالعزيز خالد** کي معاون مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت **شهزاد چنا**، عبدالفريد بروهي ۽ ٻيا پڻ هن شعبي جا سربراهہ رهيا آهن. پر ڊاڪٽر محمد افتخار کوکر پنهنجي سموري دور ۾ ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون ۽ هو پنهنجن انهن ڪوشش ۾ گهڻي حد تائين ڪامياب پڻ ويو.

گذريل پنجويهن سالن دؤران، پاڪستان ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾، دعوه اڪيڊمي اسلام آباد جي هن **'ٻارن جي ادب'** واري شعبي جو وڏو ڪردار آهي. جيتوڻيڪ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ هن شعبي جي هر اشاعتي توڙي تربيتي سرگرمي، مذهبي پرچار جي دائري ۾ اچي ٿي، پر تنهن هوندي بہ ٻارن جي ادب جي ڏس ۾ هن شعبي جي ڪم ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪارڪردگيءَ کي قطعي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان ليکڪن جي ساليانن تربيتي ڪئمپن جو انعقاد، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ذهين شاگردن لاءِ ليڊرشپ ڪئمپن جو انعقاد، اسڪائوٽن جي تربيت، سڄي ملڪ مان شايع ٿيندڙ رسالن لاءِ سال ۾ هڪ ڀيرو 'خاص نمبر' جو اعلان ڪرڻ ۽ رسالا خريد ڪرڻ، ٻارن لاءِ اردو انگريزي، سنڌي ۽ پشتو ٻولين ۾ انعامي تقريري مقابلا ڪرائڻ، ٻارن جي اديبن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ انهن جي مسودن تي انعام ڏيڻ ۽ ٻيا علمي ادبي ڪم دعوه اڪيڊمي، بين الاقوامي يونيورسٽي، اسلام آباد جي ڪريڊٽ تي آهن.

هن اداري سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي ٻارن جا ڪتاب شايع ڪرايا آهن، تن ۾ پروفيسر عبدالرحمان جتوئيءَ جي چونڊ اسلامي آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب 'مانڪ موتيءَ' جا چار ڀاڱا (سال 1995ع)، مختلف ليکڪن جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو 'آزاديءَ جو ڏينهن' (سال 1995ع)، عبدالوهاب مگريي جو نظرثاني ڪيل مختلف ليکڪن جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو 'ڏاهو ڪير' (سال 1995ع)، خواجہ عابد نظاميءَ جو لکيل ۽ محبوب عالم ٻجير جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'اخلاقي آکاڻيون' (سال 1997ع)، اعجاز احمد جو لکيل ۽ عبدالوهاب مگريي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب 'ست ڪهاڻيون' (سال 1997ع)، حافظ عبدالقدوس جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو 'الله جو دوست' (سال 1998ع)، سيرت النبيءَ جي آکاڻين جي سلسلي ۾ ٽن ڀاڱن تي ٻڌل عبيد الله غازي ۽ تسنيم ڪي غازيءَ جا لکيل ۽ مولا بخش برهمانيءَ جا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب 'عظيم جشن'، 'جنگي قيدي' ۽ 'غار جو ساٿي' (سال 2000ع) ڇپيل آهن.

## مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

سنڌ جو علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارو **'مهراڻ اڪيڊمي'** سال 1989ع ۾، قمر ميمڻ شڪارپور ۾ قائم ڪيو. جيئن تہ هن اداري جي مکيہ مقصد سنڌي ٻوليءَ ۾ مذهبي تعميري مواد جي اشاعت هو ان ڪري هن اداري ٻاراڻ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ بہ ان مقصدن کي ترجيح ڏني وئي، پر تنهن هوندي بہ هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرڻ سان گڏ ٻارن جو زبردست رسالو ماهوار **'سنگتي'** بہ جاري ڪيو جنهن سنڌي ٻاراڻي ادب جي وڏي خدمت ڪئي.

**مهراڻ اڪيڊمي**، شڪارپور ٻاراڻ ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ خالد ڀٽيءَ جو **'چا، چو ۽ ڪيئن'** (سڀيءَ ڪان انٽرنيٽ تائين معلومات) (1999ع)، خالد ڀٽيءَ جو ئي ساڳئي سلسلي جو ٻيو ڪتاب **'چا، چو ۽ ڪيئن'** (جاندارن جي دنيا) 2000ع، محمد صالح کهڙي جو ترجمو ڪيل ڪتاب **'ايجادن جون آکاڻيون'** (2000ع)، امداد علي قادريءَ جو **'امن جو پيڙو'**، احمد مرتضيٰ لالا جو **'نادان شينهن'**، امداد علي قادريءَ جو **'الله جا سپاهي'**، غلام محمد شهواڻي ۽ محمد صديقي مسافر جو **'رحمدل بادشاهہ'**، غلام محمد شهواڻي ۽ محمد صديقي مسافر جو ئي **'سوپ'**، انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جو **'ڀينڊو بادشاهہ'**، احمد مرتضيٰ لالا جو **'تڪڙ ڪم شيطان جو'**، عبدالرحمان جتوئيءَ جو **'حجم ۽ ديو'**، غلام مصطفيٰ ميمڻ جو **'شمن جو وظيفو'**، انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جو **'گهامڻ خان'**، محمد صالح کهڙي جو **'شام جا ٽڪ'** (1991ع)، نذير احمد ناز جو **'گدڙ ۽ جهرڪي'** عبدالجبار عبد جو **'پراسرار حويلي'**، عبدالغفار ڏڪڻ سومري جو **'لُنڊي گدڙ جي حڪومت'**، غلام محمد شهواڻيءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’فيصلو‘، غلام محمد شهواڻيءَ جو ئي ’شهزادي‘، احمد مرتضيٰ لاڙ جو ’ٺهڪن جي نوڪري‘، محمد صالح کهڙي جو ’ٺهڪ ئي ٺهڪ‘ عاجز علي اڪبر ٻرڙي جو ’ٻوڙ بازار‘، عبدالرحمان ميمڻ جو ’هٺيلا جن‘، امداد علي قادريءَ جو ’ڦهريون خون‘، ارباب علي عادل چوهاڻ جو ’شرارت‘، عبدالرحمان جتوئيءَ جو ’هيڻن جو همدرد‘، انجنيئر عبدالمالڪ جو ’گامونءَ جا گفتا‘، مخفي ميمڻ جو ’آخري غلطي‘، مخفي ميمڻ جو ئي ’دال جا دڙڪا‘، نذير احمد ناز جو ’ايماندار حجم‘، محمد ابراهيم سومري جو ’ٽي پُتلا‘، عبدالرحمان جتوئيءَ جا ’ٽي ساڙيل‘ ۽ ’سچيون ڪهاڻيون‘، ڊاڪٽر سليم مصطفيٰ ميمڻ جو ’مسخرو جاسوس‘، سردار احمد گڏاڻيءَ جو ’قاتل جي ڳولا‘، عبدالرحمان جتوئيءَ جو ’سياڻو گدڙ‘، ارباب علي عادل چوهاڻ جو ’ڪانءُ مينهن ماري‘، عبدالجبار عبد جو ’جادوءَ جو ڏنڊو‘، امداد علي قادريءَ جو ’خدا جو دوست‘، امداد علي قادريءَ جو ئي ’درياءَ ۾ صندوق‘، انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جو ’مسٽرمور‘، محمد صالح کهڙي جو ’پوڙهو جن‘ (1996ع)، محمد صديق مسافر جو ’خوني‘ (1994ع)، محمد صالح کهڙي جو ’مور ۽ سهي جي ڳالهه‘ (1999ع)، نياز مسرور بدويءَ جو ’آخرڪيستائين‘، حسام ميمڻ جو ترجمو ڪيل ڪتاب ’جنت ڏانهن سفر‘، غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ جو ’الله جو شينهن‘، غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جا ترجمو ڪيل ڪتاب ’ٽي ڪارڪون‘ ۽ ’سياڻو شاگرد‘، احمد مرتضيٰ لاڙ جو ’قيمتي منڊي‘، خالد پنهيءَ جا ٽي ڪتاب ’شيطان جون ڪهاڻيون‘، ’شيطان جون شرارتون‘، ۽ ’جنن سالن جو پوڙهو‘، سردار احمد گڏاڻيءَ جو ’سچا ٻول‘ ارشاد ساگر گڏاڻيءَ جو ’بکيو شينهن‘، روشن ضمير جو ’چالاڪ ٻلو‘، محبوب علي اي بلوچ جو ’تاڙ بلا‘، احمد مرتضيٰ لاڙ جو ’زهريلا نانگ‘، عبدالرحمان ڪمبوهه جو ’سياڻو ٻڪرار‘، ساحل شاهه جو ’موالي رڇ‘ سڪندر انڙ جو ’ننڍڙي چوري‘، شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متين ڪتابن کان سواءِ مهراڻ اڪيڊميءَ پاران ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ رنگين تصويرن سان سينگاريل 30 **'قراني آکاڻيون'** شايع ڪيون ويون آهن. هن اداري مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جيڪي سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ زبردست واڌاو آهن. جڏهن ته مهراڻ اڪيڊميءَ پاران ٻارن جو رسالو **'سنگتي'** سال 2000ع ۾ جاري ڪيو ويو. جنهن جو 33 کان مٿي ڪڙيون شايع ٿيون.

## سنڌي ادبي سنگت، سنڌ

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

سنڌي اديبن جي نمائنده تنظيم **'سنڌي ادبي سنگت'** جي مختلف شاخن پاران پڻ ٻارن لاءِ مختلف ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو هلندو رهيو آهي. سنڌ ۾ قائم ڪيل مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي شاخن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻارن جا ڪتاب پڻ شايع ڪيا آهن. اهڙيءَ ريت سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي ڄام پاران **مختيار مگھار** جو ڪتاب **'ڌرتي روشن ٿيندي'** (1990ع)، سنڌي ادبي سنگت شاخ عبدو پاران **غلام محمد غازيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'ٻار گلن جا هار'** (1992ع)، سنڌي ادبي سنگت شاخ رستم پاران **وحيد محسن** جو ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب **'برائيءَ جو بدلو'** (2003ع)، سنڌي ادبي شاخ باڊهه پاران **غلام محمد غازيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'رنگ برنگي گيت'** (2004ع)، سنڌي ادبي سنگت شاخ شڪارپور پاران **سميع ساجد جوٽيجي** جو ٻارن لاءِ شعرن ۽ گيتن جو مجموعو **'لفظن جا پوپٽ'** (2007ع) ۽ شاخ ميهڙ پاران جوهر بروهيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل نظمن ۽ گيتن جو مجموعو **'گل ڦل گيت'** (2014ع) ۽ ٻيا ڪتاب شايع ڪري پڌرا ڪيا ويا آهن. ٻئي پاسي سنڌي ادبي سنگت پاران سال 2015ع ۾ ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي سيڪريٽري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنرل طور سرواٽيءَ ۾ ٻارن جو علمي ادبي رسالو **'ٻارن جي سنگت'** پڻ شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جو اعزازي ايڊيٽر **خالد آزاد** آهي. سنڌي ادبي سنگت, سنڌ مختلف وقتن تي پنهنجي ساليانن ادبي انعامن واري سلسلي ۾ ٻاراڻي ادب تي ايوارڊ پڻ ڏيندي رهي آهي.

### ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

سنڌ سرڪار جي **ثقافت ۽ سياحت** کاتي، سال 1990ع ۾ باقاعدي ٻارن جو ادب ڇاپڻ شروع ڪيو جڏهن هن کاتي جي سيڪريٽري، سنڌي ميڊيا ۽ ادب جي ناماري شخصيت **مهتاب اڪبر راشدي** مقرر ٿي. ثقافت کاتي سڀ کان پهرين **ڊاڪٽر نواز علي شوق** جو مرتب ڪيل ڪتاب **'سياڻو سهو ۽ بيوقوف بگهڙ'** شايع ڪيو جنهن کان پوءِ سنڌ جي سورمن بابت ٻارڙن جي معلومات لاءِ **'سنڌ جا سپوت'** جي عنوان سان ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو. هن سلسلي ۾ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا، تن ۾: **'شاهه عبداللطيف ڀٽائي'** (ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر)، **'مخدوم بلاول'**(ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق)، **'سچل سرمست'** (اسلم سنديلو)، **'قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو'** (سراج)، **'ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي'** (سهيل سانگي)، **'ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو'** (گوهر دائودپوٽو)، **'علامه آءِ آءِ قاضي'** (آفتاب ابڙو)، **'مرزا قليچ بيگ'** (ڊاڪٽر نواز علي شوق)، **'جنرل هوش محمد شيدي'** (نصير اعجاز)، **'دولهه دريا خان'** (ڊاڪٽر غلام محمد لاکو)، **'مولانا عبيدالله سنڌي'**، **'مولانا دين محمد وفائي'** (حبيب ابڙو) ۽ **'پير حسام الدين راشدي'** شامل آهن. هن سيريز کان علاوه **'بيسڪ سائنس سيريز'** جي عنوان سان علي مرتضيٰ ڌاريجي جا چار ڪتابڙا: **'جاندار شيون'** (ماٺهو)، **'جاندار شيون'** (ٻوٽا)،**'گرمي'** ۽ **'هوا'** پڻ شايع ڪيا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ثقافت کاتي ٻاران ٻارن جي ادب جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ ان وقت جي سيڪريٽري ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ جو هٿ هو. ثقافت کاتي، ٻارن جي مٿين ڪتابن کان سواءِ لطيفيات، ٻولي، اياز شناسي ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي ٻيا ڪتاب پڻ شايع ڪيا آهن.

## سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ قائم ڪيل اداري **'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي'**، حيدرآباد جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. سنڌ جو هي واحد سرڪاري ادارو آهي، جنهن نه رڳو سنڌي ٻاراڻي ادب لاءِ باقاعدي شعبو قائم ڪيو پر ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ صلاحڪاري ڪميٽي قائم ڪري، ٻارن جي علمي، ادبي ۽ معلوماتي ڪتابن جي اشاعت کي يقيني بڻايو. هن اداري هڪ طرف سائنس، عام معلومات، ٻارن لاءِ شاعري، ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪتاب شايع ڪيا ته وري ٻئي پاسي ٻارن جي گيتن جون سي ڊيون تيار ڪرائي، پڌريون ڪيون. هن اداري ٻارن لاءِ ڪتابن جي اشاعت کان سواءِ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سيمينار ۽ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ سان گڏ هر سال سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن تي ادبي انعام ڏيڻ واري سلسلي ۾ ٻارن جي ادب کي شامل ڪيو ۽ هر سال ٻارن جي ڪنهن هڪ ڪتاب تي بهترين ڪتاب جو انعام ۽ ايوارڊ ڏيڻ جو پڻ سلسلو شروع ڪيو. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جا ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتاب نه رڳو مواد جي حوالي سان اهم آهن، پر باتصوير ۽ رنگين ڇپجڻ ڪري ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيندا رهيا آهن.

مجموعي طور تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جن دورن ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب تي وڌيڪ ڌيان ڏنو تن ۾ **ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جي چيئرمينيءَ وارا دور اهم آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي پنهنجي چيئرمينيءَ واري دور ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران خالد آزاد جي ايڊيٽريءَ ۾ ٻارن جو ماهوار رسالو 'چنڊ ستارا' شايع ڪرڻ جي رٿا ناهي پر پوءِ اڳتي هلي اِها رِٿا عملي شڪل اختيار نه ڪري سگهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻارن لاءِ بنيادي طور معلومات ۽ شاعري توڙي ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ڪيا ته ڊاڪٽر غلام علي الانا، اٿارٽيءَ جي چيئرمين ٿيڻ شرط ئي سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ صلاحڪاري ڪاميٽي قائم ڪئي. اڳتي هلي سال 2001ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا ٻاراڻي ادب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي باقاعدي ٻارن جي ادب جو شعبو قائم ڪيو جنهن جو باني انچارج خالد آزاد کي مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر غلام علي الانا نه رڳو ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت تي زور ڏنو پر ٻارن جا ميلا منعقد ڪرائڻ ۽ ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ ٻارن جي ادب تي تحقيقي مقالا پيش ڪرائڻ جو رواج پڻ وڌو. اڳتي هلي جڏهن ڊاڪٽر فهميده حسين سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن تي آئي ته ان ڊاڪٽر غلام علي الانا جي قائم ڪيل سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت تي زور ڏنو ٻارن جي گيتن جون سي ڊيون تيار ڪرايون ۽ ٻارن جي ادب بابت سيمينار منعقد ڪرايا. ڊاڪٽر غلام علي الانا توڙي ڊاڪٽر فهميده حسين جي چيئرمينيءَ واري دور ۾ ٻارن جي ادب تي وڌو ڌيان ڏيڻ جو هڪ سبب ناميار اديب تاج جويي جي ذاتي طور سنڌي ٻاراڻي ادب سان دلچسپي پڻ هئي، جو هو صاحب ان دوران سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو سيڪريٽري رهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، استعمال ۽ واڌاري لاءِ هي ادارو سنڌ سرڪار پاران 1991ع ۾ قائم ڪيو ويو جڏهن ته 1993ع کان ئي سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لئنگئيج اٿارٽي ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا. هن اداري ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ **ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجي** جو شاگردن لاءِ معلوماتي ڪتاب **'اسان جون اکيون'** (1992ع)، الحاج رحيم بخش قمر جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو ڪتاب **'ٻاراڻا گيت'** (1993ع)، جاويد عباسيءَ جو ٻارن جي ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب **'ناني سڳوران'** (1993ع)، بيخود بلوچ جو ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو **'لوليون ٻوليون ٻارن جون'** (1995ع)، عطا محمد ڀنڀري جو ترجمو ڪيو ڪتاب **'سياڻو ڪوري'** (1995ع)، جاويد عباسيءَ جو شاگردن لاءِ سائنسي علم ۽ عام مطالعي جو ڪتاب **'جاندار'** (1995ع)، پروفيسر شيخ محمد فاضل جو ٻارن لاءِ ڪتاب **'مثالي ٻاراڻو ڪتاب'** (1995ع)، هاءِ اسڪول سطح جي ٻارڙن لاءِ سائنسي معلومات تي ٻڌل. بدر رضوان عباسيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب **'اسان جو جسم'** (1996ع)، هاءِ اسڪول سطح جي ٻارن لاءِ بنيادي معلومات تي ٻڌل خير محمد بلوچ جو ڪتاب **'بنيادي ايجادون'** (1999ع)، ٻارن جي سائنسي راندين تي نصير سارنگ جو ترجمو ڪيل ڪتاب **'هڪ سو هڪ سائنسي رانديون'** (2000ع)، عطا محمد ڀنڀري جو ترجمو ۽ خالد آزاد جو ٻارن لاءِ ترتيب ڏنل ڪتاب **'ڏاها ڀائر'** (2001ع)، خير محمد بلوچ ۽ خالد آزاد جو ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل ڪتاب **'جانورن جو بادشاهه'** (2001ع)، انگريزيءَ جي جڳ مشهور ليکڪ **ايڇ جي ويلز** جو لکيل ۽ نصير سارنگ جو ترجمو ڪيل ٻارن جو سائنسي ناول **'مريخ جو حملو'** (2003ع)، بشير احمد منگيءَ جي **'ٻارن لاءِ سنڌي انگريزي باتصوير لغت'** (2004ع)، ٻارن جي شاعريءَ جي انتخاب (Anthology) تي ٻڌل غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب **'سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي'** (2007ع)، دنيا جي نامور سائنسدانن جي خاڪن تي ٻڌل قاضي منظر حيات جو ٽن جلدن تي ٻڌل ڪتاب **'ناميارا سائنسدان'** (2009ع)، هاءِ اسڪول سطح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ٻاران لاءِ دنيا جي معلومات تي ٻڌل خير محمد بلوچ جو ڪتاب **’دنيا جا عجوبا‘** (2009ع)، بشير احمد منگيءَ **’ٻارن لاءِ سنڌي انگريزي باتصوير لغت‘** جو ٻيو ڇاپو (2009ع) ، بلب ايجاد ڪندڙ دنيا جي مشهور سائنسدان **ٿامس ايڊيسن** جي زندگيءَ تي آڌاريل، قاضي منظر حيات جو ترجمو ڪيل ناول **’وقت ۽ امتحان‘** (2010ع)، بيخود بلوچ جو ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو **’جاڳو ٻارو‘** (2010ع)، خير محمد لغاريءَ جو شاگردن لاءِ معلوماتي ڪتاب **’ٻليءَ جي نسل جا جانور‘** (2010ع)، محمد صديق مسافر جي ٻارن لاءِ لکيل ۽ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب **’اسيمبليءَ جو راڳ‘** (2010ع)، نصير مرزا جو ريڊيائي گيتن جو مرتب ڪيل ڪتاب **’ٻلي ٿي ڇٽڪي‘** (2011ع)، منوج ڪمار جا ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل ڪتاب **’برف شهزادي‘ ۽ ’موگو مٽر ۽ سوني ڪڪڙ‘** (2011ع)، شمشير الحيدريءَ جو ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو **’روشن تارا‘** (2012ع)، قاضي منظر حيات جو معلوماتي ڪتاب **’سائنسي چارٽ‘** (2012ع)، ڊاڪٽر فهميده حسين پاران شاگردن لاءِ لطيف سائينءَ جي فِڪر ۽ پيغام کي پهچائڻ لاءِ پنج ننڍا ڪتابڙا **’اسان جو شاهه لطيف‘** جي عنوان سان سال 2012ع (ڇاپو پهريون)، مرزا قليچ بيگ جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ کي سهيڙي مخمور بخاريءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب **’علم جي دولت‘** (2012ع)، اسرار شام جو ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جو مجموعو **’وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس‘** (2012ع)، وفا مولا بخش قمبرانيءَ جو ٻارن لاءِ شاعري تي ٻڌل ڪتاب **’پوپٽ رنگ رنگ رنگيلا‘** (2013ع)، احسان لغاريءَ جو ٻارن لاءِ ترتيب ڏنل ڪتاب **’جدولي حساب‘** (2013ع)، ولي رام ولڀ جو ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل معلوماتي ڪتاب **’جانورن جي عجيب دنيا‘** (2013ع)، خير محمد لغاريءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب **’دنيا جون ايجادون‘** (ڇاپو ٻيو 2013ع)، نصير سارنگ جو ٻارن جي راندين لاءِ ترجمو ڪيل ڪتاب **’سائنسي رانديون‘** (2014ع) ۽ فقير شهمير چانڊيي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **’هڙٻڙ آئينڊو‘** (2015ع) شامل آهن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت سان گڏ پهرئين ڪان پنجين ڪلاس تائين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ڪتابن جي گيتن ۽ نظمن تي ٻڌل پنج سي ڊيون ۽ ٻاراڻن ٻولن تي ٻڌل هڪ آڊيو سي ڊي پڻ جاري ڪئي وئي آهي.

## سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

سنڌ جي معروف علمي – ادبي ۽ اشاعتي اداري **’سنڌيڪا اڪيڊمي‘** پڻ سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ جي ڏس ۾ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. هن اداري پنهنجي ابتدا ۾ ئي نئين روايت قائم ڪندي ٻارن لاءِ سيريزن ۾ جُلدن تي ٻڌل ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا. **’سنڌيڪا اڪيڊمي‘**، پنهنجي ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جي مواد ۾ خاص طور تي معلومات ۽ سائنس کي اوليت ۽ اهميت ڏيندي پئي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران شايع ٿيل سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جا ڪتاب هر دور ۾ مقبول رهيا آهن.

**سنڌيڪا اڪيڊمي**، 1991ع ۾ نامياري اديب ۽ پبلشر **نور احمد ميمڻ** ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي، جڏهن تہ هن اداري ٻارن جا ڪتاب بہ ساڳئي سال يعني 1991ع کان شايع ڪرڻ شروع ڪيا. سنڌيڪا اڪيڊمي هن سلسلي ۾ نئين روايت قائم ڪندي ٻارن لاءِ سيريزن ۽ جُلدن ۾ ڪتاب شايع ڪيا آهن. ٻارن لاءِ سيريزن ۽ جلدن تي ٻڌل ڪتابن ۾ **نور احمد ميمڻ** جي مرتب ڪيل سنڌيڪا سائنس سيريز ۾ ترتيبوار (1) **’ڪائنات جو مطالعو‘** (1994ع) (2) **سائنس ۽ ايجاد جي دنيا** (1994) ۽ (3) **بنيادي سائنس** (1994) شامل آهن. اهڙيءَ ريت هن سلسلي ۾ فضل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الرحمان ميمڻ جو ٽن جُلدن ۾ مرتب ڪيل ڪتاب 'ٻارن لاءِ لوڪ آکاڻيون'، (2008ع)، ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي، محمد بخش سومري ۽ نديم گل عباسيءَ جو پنجن جلدن ۾ ڳڌيل ترجمو ڪيل ڪتاب 'سنڌيڪا جونيئر نالیج بئنڪ'، (1996ع)، دنيا جي مشهور شخصيتن تي ٻڌل، نوراحمد ميمڻ جو ڇهن جلدن ۾ مرتب ڪيل ڪتاب 'مشهور پيغمبر ۽ سڌارڪ'، (1994ع)، 'مشهور عالم ۽ مفڪر'، (1994ع) 'مشهور قومي اڳواڻ'، (1994ع)، 'مشهور فاتح ۽ سورما'، (1994ع) 'مشهور حڪمران' ۽ 'مشهور سنڌي سپوت' (1994ع) شامل آهن. اهڙيءَ ريت سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي ٻارن لاءِ شايع ڪيل ٻين ڪتابن ۾: خالد ڀٽيءَ جو ٻارڙن جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب 'نصيحت ڀريون ڪهاڻيون'، (2016ع) نديم احمد سولنگيءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب 'روشن تارا گيت'، (1996ع) احمد خان آصف مصراڻيءَ جو ٻارن جي شاعريءَ تي مرتب ڪيل ڇهن جلدن ۾ ڪتاب 'ٻاراڻا ٻول'، (1997ع) آفتاب ابڙي جو ٻارن لاءِ ترجمو ڪيل ڪتاب 'ماحول بابت ٻاراڻو ڪتاب'، (1996ع) علي مرتضيٰ ڌاريجي، محمد بخش سومري ۽ نديم گل عباسيءَ جا ڳڌيل ڪتاب 'اسان جي دنيا'، (1996ع) 'ڌرتيءَ تي ساهوارا'، (1996ع) 'انسانذات ۽ جسم'، (1996ع) 'ابتدا ڪيئن ٿي؟' (1996ع) ۽ 'ٻڌايو تہ ائين ڇو' (1996ع شامل آهن.

سال 2015ع ۾ نئين دور جي تقاضائن کي آڏو رکندي سنڌيڪا اڪيڊمي ٻارن لاءِ 'سنڌيڪا چلڊرين سيريز' جي عنوان سان ٻارن لاءِ رنگين ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو. هن ڏس ۾ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾ نور احمد ميمڻ جي مرتب ڪيل آکاڻين جا ڪتاب 'وتايو فقير ۽ خيرات جي ماني'، (2015ع)، 'قدرت جا نظارا' (2015ع)، 'ڪانءَ جا مِٽ ۽ مائٽ' (2015ع) ۽ 'احسان جو بدلو' (2015ع) ۽ غلام مصطفيٰ ڳرڳيز جا 'سائنس ڇا آهي' (2015ع)، 'ٻوٽن جي زندگي'، (2015ع) 'شيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئن ٿيون ڪم ڪن' (2015ع)، 'اوهان جو جسم ڪيئن ٿو ڪم ڪري' (2015ع) 'جانورن جي دنيا' (2015) ۽ 'خلا شمسي نظام ۽ ڪهڪشائون' (2015) شامل آهن. اهڙيءَ ريت سال 2015ع جي آخر ۾ 'ٻارن جو پيٽائيءَ' جي نالي نور احمد ميمڻ جو مرتب ڪيل ڪتاب شاندار تصويري خاڪن سان پڻ ڇپايو ويو آهي. لطيف فهميءَ تي هي سڀ کان سولو ۽ سهڻو ڪتاب آهي. اهڙي طرح ڪهاڻين جو رنگين تصويرن سان ڪتاب 'سنڌيڪا تصويري ڪهاڻيون' (2016) سبق آموز ڪهاڻين جو بهترين ڳٽڪو آهي.

ٻارن لاءِ ادبي ڪتابن کان سواءِ سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران ٻارن لاءِ ڊڪشنرين، معلومات ۽ انگريزي گرامر تي پڻ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. اهڙن ڪتابن ۾ 'سنڌيڪا پرائمر' 2015ع، 'سنڌيڪا الف ب' 2015ع، 'اسلام ڪيئن شروع ٿيو؟' 1998ع، 'اسلام ڪيئن پکڙيو؟' 1998ع، 'نبي پاڪ ﷺ جن ڪير هئا؟' 2001ع، 'قرآن پاڪ ڇا آهي؟' 2001ع 'پتڪڙن پکين هاٿي ماريا' (1998)، 'مڇيءَ جي پيٽ ۾ چاليهه ڏينهن' (1998)، 'سچ جا سپاهي ڪوڙ جا لشڪر' (1998)، 'ٻارن لاءِ تصويري ڪهاڻيون' 2016ع ۽ 'ٽپنڊڙ ڏرتي متجنڊڙ منڊون' 2011ع شامل آهن.

## گلشن پبليڪيشن، (حيدرآباد)

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

'گلشن پبليڪيشن' جي نالي سان هي اشاعتي ادارو حيدرآباد ۾ قائم ٿيل آهي. هن اداري پاران ٻارن جا جيڪي ڪتاب تيار ڪيا ويا آهن تن ۾: شمس الدين سومري جي ڪهاڻين جا مجموعا 'شيري ۽ پوري' (1997ع)، 'جنهن کي رب رکي' (1998ع)، 'نيڪيءَ جو بدلو نيڪي' (2000ع)، 'روبي آئي خوشبو آئي' (2000ع) ۽ يوسف سنڌيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'پورو بگهڙ' (2001ع) شامل آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿين ڪتابن کان سواءِ مختلف موضوعن تي هن اداري جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

## سنڌي ساهت گهر، حيدر آباد:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم):

سنڌ جو هي اهم اشاعتي ادارو **'سنڌي ساهت گهر'** سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب ۽ پبلشر **ناز سنائي** حيدرآباد ۾ قائم ڪيو آهي. هن اداري ٻاران سال 1993ع ۾ ٻارن جو مشهور رسالو **'گلستان'** جاري ڪيو ويو جڏهن ته هن اداري جيڪي ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪيا آهن، تن ۾ غلام محمد غازيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو **'وطن گل آ مون لاءِ'** (2002ع)، آزاد قاضيءَ جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعريءَ جو مجموعو **'گلابي گل'**(2002ع) شايع ڪيا آهن.

سال 1998ع ۾ **ناز سنائي** پنهنجي سمورن ذيلي اشاعتي ادارن کي گڏ ڪري **'ڌرتي گروپ آف پبليڪيشن'** جو بنياد وڌو جنهن جي سهاري هيٺ ٻين اشاعتي ڪمن سان گڏ ٻارن جي ادب تي ڌيان ڏيندي **'ٻاراڻي سيريز'** شروع ڪئي وئي، جنهن جا چارڪتاب شايع ويا. شايع ٿيل ڪتابن ۾: **'ڪاٺ راڻي'** (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو- 1999ع)، **'بسنتي'** (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو- 1999ع)، **'سورهيه ساٿوڻ'** (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو- 1999ع)، **'سونهن ديوي ۽ ست چامڙا'** (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو- 1999ع) شامل آهن. بعد ۾ ڪن سببن جي ڪري هي اشاعتي سلسلو ڪو گهڻو وقت هلي نه سگهيو.

مٿين ڪتابن کان سواءِ هن اداري لطيفيات، اسلاميات، ادب ۽ تاريخ، آتم ڪٿائن، شخصيتن، شاعري، ڪهاڻين ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي اهم ڪتاب شايع ڪيا آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## قاسميہ لائبريري، ڪنڊيارو:

قاسميہ لائبرري، ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ مولانا محمد قاسم سومري جي قائم ڪيل آهي. هن لائبرريءَ پاران اشاعتي سلسلو پڻ هلندڙ آهي. ان اشاعتي سلسلي ۾ هن اداري پاران ٻارن لاءِ مذهبي ۽ قرآني قصن تي ٻڌل ڪتابڙا پڻ شايع ڪيا ويا آهن. انهن ڪتابن ۾ محمد قاسم سومري جا ئي اسلامي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب 'حضرت صالح عليہ السّلام جو قصو' (1995ع)، 'حضرت هود عليہ السّلام جو قصو' (1995ع)، 'حضرت نوح عليہ السّلام جو قصو' (1995ع)، 'حضرت ادريس عليہ السّلام جو قصو' (1995ع)، 'آدم عليہ السّلام جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جي آکاڻي' (1995ع)، 'حضرت ابراهيم عليہ السّلام جو قصو' (1996ع) 'حضرت لوط عليہ السّلام جو قصو' (1996ع)،'حضرت يعقوب عليہ السّلام جو قصو' (1997ع)، 'حضرت اسحاق عليہ السّلام جو قصو' (1997ع)، 'حضرت شعيب عليہ السّلام جو قصو' (1998ع)، 'حضرت ايوب عليہ السّلام جو قصو' (1998ع)، 'حضرت يوسف عليہ السّلام جو قصو' (1998ع) ۽ 'حضرت آدم عليہ السّلام جو قصو' (1998ع)، شامل آهن. ان کانسواءِ هن اداري پاران عطاءَ الله سومري جو ٻارن لاءِ ڳجهارتن تي لکيل ڪتاب 'ڳجهارتون ۽ پروليون' (2000ع) پڻ شايع ڪيو ويو آهي.

## سچائي اشاعت گهر، دڙو:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

سچائي اشاعت گهر نالي هي اشاعتي ادارو، ناميارو اديب يوسف سنڌي دڙي ۾ قائم ڪيو. هن اداري ٻارن لاءِ پنج ڪتاب شايع ڪيا آهن، تن ۾ يوسف سنڌيءَ جو ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو 'شهيد جي ماءُ'، طارق قريشيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل زبردست ناول 'ٻالڪ فورس ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوٽ بلڊنگ‘ (1993ع). منتار سولنگيءَ جو ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو ’آءُ ٻه جيڪر پڙهڻ وڃان ها‘ (2006ع). منتار سولنگي جو ئي ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪتاب ’ٻارن لاءِ آکاڻيون‘ (2006ع) ۽ پريل دايي جو ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو ’ٻاتا جنين ٻول‘ (2007ع) شامل آهن.

## آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي:

(سنڌي ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس هڪ جڳ مشهور اشاعتي ادارو آهي، جنهن جي هڪ شاخ ڪراچيءَ ۾ پڻ قائم ٿيل آهي. هن اداري جو گهڻو اشاعتي ڪم اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ آهي، پر ڪي ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڻ شايع ٿيل آهن. اهڙيءَ ريت آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران سنڌيءَ ۾ ٻارن جا جيڪي ڪتاب، مختلف وقتن تي شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾ سهيل سانگيءَ جو ترجمو ڪيل معلوماتي ڪتاب ’سج ۽ چنڊ‘ (1995ع)، زبيده ڊوسل جو معلوماتي ڪتاب ’دنيا جون مشهور مسجدون‘ (1995ع)، فهميده رياض جو ترجمو ڪيل معلوماتي ڪتاب ’سمنڊ‘ (1995ع)، آفتاب ابڙي جو ترجمو ڪيل ڪتاب ’ايجادن جون ڪهاڻيون‘ (1995ع)، سيف بنويءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب ’ڏهه اسلامي آکاڻيون‘ (1995ع)، ڊاڪٽر حميده کهڙو جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب ’سنڌ جي ڪهاڻي‘ (2011ع) جاويد پنيءَ جي ترجمو ڪيل ’آڪسفورڊ باتصوير لغت‘ ۽ ’آڪسفورڊ انگريزي –سنڌي ابتدائي لغت‘ سميت ٻيا ڪتاب شامل آهن.

## ٻالڪ ادبي فورم، سنڌ:

(ٻارن جي ادب تي ٿيل ڪم)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ٻالڪ ادبي فورم، سنڌ** ۾ ٻارن جي علمي ۽ ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جي سلسلي ۾ قائم ڪيل هڪ تنظيم آهي. هن تنظيم **'ٻالڪ ادبي فورم'** پاران پڻ مختلف وقتن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جا ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. اهڙن ڪتابن ۾ **عبدالحئي پُٺي** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'گلابن جي خوشبوءِ'** (2000ع)، **ملهار سنڌيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **'ٻالڪ چنڊ ستارا'** (2006ع)، **عبدالحئي پُٺي** جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'سهڻا ٻالڪ سنڌ جا'** (2010ع) ۽ **عبدالحئي پُٺي** جو ٺئي مضمونن تي ٻڌل ڪتاب **ماڻڪ هر هڪ هٿن ۾'** (2013ع) شامل آهن.

## ٻالڪ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي:

ٻالڪ ادبي اڪيڊمي، اصل ۾ نئون نياپو اڪيڊميءَ جو ذيلي اشاعتي ادارو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب ڇپيندو آهي. هن اداري هيستائين ٻارن جا جيڪي ڪتاب شايع ڪيا آهن، تن ۾: اويس پُٺي جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'جهرڪيءَ ڪان انٽرويو'** (2011ع)، ساڳئي ليکڪ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'رانديڪو'** (2014ع) ۽ اياز پُٺي جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'ڳوليا جو سفر'** (2012ع) شامل آهن.

ٻالڪ ادبي اڪيڊمي ڪراچيءَ وٽ ٻارن جي ماهوار رسالي جي هڪ رٿا پڻ غور هيٺ آهي.

## اين اي جان فائونڊيشن، حيدرآباد:

هن علمي، ادبي ۽ اشاعتي اداري جو بنياد 10 فيبروري 2001ع تي حيدرآباد ۾ پيو. هن اداري جو بانيڪار نوجوان ليکڪ احسان لغاري ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيڪريٽري راجا ادريس لغاري آهي. هن اداري، ويجهڙائيءَ ۾ ٻارن کي ٻارن جي ادب جي اداري طور متعارف ڪرايو آهي. اداري پاران آگسٽ 2003ع کان سالن کان وٺي بند پيل ٻارن جو مشهور رسالي **’گلستان‘** ٻيهر جاري ڪيو ويو جنهن جا ڊسمبر 2003ع تائين پنج پرچا شايع ٿي سگهيا. جنوري 2004ع کان وٺي، **’گلزار سنڌ‘** نالي سان هن اداري پاران ٻارن جو هڪ رسالو جاري ڪيو ويو جنهن جا 2005ع تائين 11 شمارا شايع ٿيا. هن اداري پاران 2004ع ۾ غلام محمد غازيءَ جو ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **’گيت پنهنجي ديس جا‘** 2008ع ۾ ساڳئي شاعر جو مجموعو **’پنپوري‘** ۽ 2008ع ۾ ثي آزاد بخاريءَ جو ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **’گل خوشبوءِ ٻار‘** شايع ڪيو ويو. هن اداري 2007 ۾ **غلام محمد غازي** ۽ 2008ع ۾ **عبدالحئي پُٽي** جي سالگره جي سلسلي ۾ سووينيئر پڻ شايع ڪيا.

## فينيڪس بوڪس، (حيدرآباد)

**’فينيڪس بوڪس‘**، سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب ڇپيندڙ ادارو آهي، جيڪو 2007ع ۾ **روزينا جوڻيجو** ۽ **ظفر جوڻيجو** قائم ڪيو. هڪ نئين انداز سان ٻارن لاءِ ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائيءَ جي ڏس ۾ هن اداري نوان لاڙا پيدا ڪيا آهن ۽ ٻارن لاءِ ڏاڪن تي ٻڌل، عمر وار ڪتابن جي اشاعت کي يقيني بڻايو آهي.

**فينيڪس بوڪس** پاران پنهنجي ڪتابي رٿا کي ٽن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ ٽئين کان پنجين درجي، ٻئين ڏاڪي ۾ ڇهين کان اٺين درجي ۽ ٽئين ڏاڪي ۾ نائين کان ڏهين درجي تائين جا ٻار شامل آهن. هن اداري جي ڇپيل ڪتابن ۾ **’ڏاها ٻار‘** (2014)، **’روئڻو چنڊ- ڪهاڻي‘** (2012)، **’سِجُ‘-سائنس‘** (2013)، **’ڇا تون، ’منهنجي امڙ آهين‘**، ڪهاڻي (2007)، **’ٻه سها: لالچي ۽ پُڇ-پٽو‘** تصويري ڪهاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(2014)، **'تصويري ڪهاڻيون'** (ڇاپو پهريون 2007_ ٻيو 2015)، **'آڳرين جا نشان'** (ڇاپو پهريون 2011_ٻيو 2015)، **'ايسپ جون آکاڻيون'** (ڇاپو پهريون 2011_ٻيو 2015)، **'ٻُچ لاڙ'**، (ڪهاڻي _2013)، **'ڏنو شاعر'** (2007)، **'ڏنو موسيقار'** (2007) **'جاڪوڙي ٻالڪ'** (2011)، **'گلن جو ڦوٽهڙو'**، **'ڏنو چترڪار'** (2007)، **'پوپري ۽ ڏيڏر'**، **'ٻارن لاءِ اقوامِ متحده جا واعدا'**، **'پنڊ پهڻ'**، **'جيتو جي جيءَ جيئار'**، **'چڪر ۽ چٽو'** ۽ **'رانديڪا ۽ سائنس'** شامل آهن.

## ڪاڇو پبليڪيشن(ڪراچي):

(ٻارن جي ادب تي ٿيل ڪم)

**'ڪاڇو پبليڪيشن'** ڪراچي، ليکڪ ۽ پبلشر **محمد علي ماجد** جو اشاعتي ادارو آهي، جيڪو هن ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيو آهي. هي ادارو مجموعي طور تي سنڌي ادب جا ڪتاب شايع ڪندو آهي، پر ٿوري ئي وقت ۾ هن اداري پاڻ کي سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ سُڌاري جي هڪ اداري طور بہ متعارف ڪرايو آهي. اداري جي سربراهہ **محمد علي ماجد** ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ خاص طور تي انهن اهم ڪتابن جي اشاعت ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو آهي، جيڪي ماضيءَ ۾ ٻارن لاءِ وڏا مقبول ڪتاب ثابت ٿيا آهن. اهڙيءَ ريت هن اداري **اڪبر جسڪاڻي** ۽ **ادل جي سومري** جا ٻارن لاءِ اڳ ڇپيل مشهور ڪتاب پڻ شايع ڪيا آهن. هن اداري هيستائين ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا آهن، تن ۾: محمد علي ماجد جو ٻارن لاءِ شاعري جو مجموعو **'ڌرتيءَ جا ٻار'** (2003ع)، انور ابڙي جو ٻارن لاءِ لکيل ناول **'ٻگهل رانديڪو'** (2008ع)، ادل سومري جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب **'آچر جا احوال'** (ٻيو ڇاپو – 2009ع)، اڪبر جسڪاڻيءَ جي ناوليٽ **'ٻتين واري نانيءَ'**، جو ٽيون ڇاپو (2011ع)، اڪبر جسڪاڻيءَ جي ٻارن لاءِ ڪهاڻين جي ڪتاب **'رمون پيتيءَ'** جو ٽيون ڇاپو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(2011ع)، طارق قريشيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'سپر مين'** (2011ع)، اڪبر جسڪاڻيءَ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'خيرو حجم'** (2011ع)، ادل سومري جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'مٽيءَ جا رانديڪا'** (2011ع)، محمد علي ماجد جو ٻارن لاءِ مرتب ڪيل ڪتاب **'سنڌ ۽ هند جون ٻاراڻيون ڪهاڻيون'**، اڪبر جسڪاڻيءَ جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب **'گلڙن جهڙا ڳهاءَ'** (ٻيو ڇاپو- 2011ع) ۽ ادل سومري جي ٻارن لاءِ لکيل مزاحيه سبقن جو مجموعو **'نئين دور جا نوان سبق'** (ڇاپو ٻيو- 2011ع) شامل آهن.

## ٿرديپ رورل ڊولپمينٽ پروگرام:

(ٻارن لاءِ ڇپايل ڪتاب)

سنڌ جي هن اهم غير سرڪاري ۽ ترقياتي اداري **'ٿرديپ رورل ڊولپمينٽ پروگرام'** پاران پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪتاب ۽ سي ڊيون تيار ڪرائي پڌرا ڪيا ويا آهن. ٿرديپ پاران ڇپايل ڪتابن ۽ سي ڊين ۾ ڪملا ياسين جو لکيل ۽ حميد ڏيپلائيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب **'ٽرنڊڙ ڇوڪرا ۽ ڪومائجندڙ ڇوڪريون'** (2002ع)، اشوڪ سوٿهڙ جو قالين سازيءَ جو پورهيو ڪندڙ ٻارن جي طبي مسئلن ۽ انهن جي حل تي لکيل ڪتاب **'ٿر جي قالين سازيءَ جي هنرمندن ۾ متوقع بيماريون ۽ ڪل'** (2004ع)، دليپ ڪوناريءَ جو ٻارن جي منفي روين جي مطالعي، ڇيد ۽ انهن جي حل تي لکيل ڪتاب **'ٻار گهرن ٿا پيارا'** (2005ع)، ومي سدارنگاڻيءَ جو ٻارن لاءِ ڪتاب **'امان ائين ڇو آهي'** (2005ع)، ومي سدارنگاڻيءَ جو ٺي ٻارن جي نصيحت آموز ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب **'سڀاڃهي راڻي'** (2005ع)، اشوڪ سوٿهڙ جو ٻارن جي پورهيت بابت لکيل ڪتاب **'اڇو ته هنر سکون'** (2007ع)، ٻاراڻن گيتن تي مشتمل صادق فقير ۽ ديبا ڪنول جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چونڊ ڪلامن تي ٻڌل سي ڊي **'ٻار وٽن ٽا اسڪول ۾'** (2011ع)، دليپ ڪوٺاريءَ جو ٻوڙ متاثر ٻارن تي لکيل ڪتاب **'مٽي- هٿڙن جي ڪلا ۽ ٻوڙ سنٽيل ٻارڙا'** (2011ع)، دليپ ڪوٺاريءَ جو سنڌي لولين ۽ هوراڻن تي ٻڌل ڪتاب **'پيار منجهان ڏيان پينگهو لوڏي'** (2011ع)، ٻارن لاءِ تحفظ واري زندگي گذارڻ تي ٺهيل وڊيو **'پنهنجي حفاظت جي ڳالهه'** (2011ع)، دليپ ڪوٺاريءَ جو ٻارن لاءِ صفائي سترائيءَ تي لکيل گيتن جو ڪتاب **'اڇو تہ پنهنجو ڳوٺ سڌاريون'** (2011ع)، ٻارن جي سائنسي ۽ علمي سکيا تي ٻڌل ٽہ ماهي رسالو **'ڦلواڙي'** (2011ع)، صادق فقير ۽ فرزانہ بهار جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ٻارن ۾ صنفي جاڳرتا ۽ ٻالڪن جي حقن تي ڳايل گيتن تي مشتمل آڊيو سي ڊي **'او نرمل نياڻي'** (2012ع) شامل آهن.

## پوپٽ پبليشنگ هائوس:

(ٻاراڻي ادب تي ٿيل ڪم)

**'پوپٽ پبلشنگ هائوس'**، ناميار اديب ۽ پبلشر **قربان منگيءَ** جو اشاعتي ادارو آهي، جيڪو خيرپورميرس ۾ قائم ٿيل آهي. هن اداري ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو پيهر شروع ڪيو ويو آهي. اداري پاران ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾: **ياسر قاضيءَ** جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'ٻيڙيءَ ۾ چنڊ'** (2013ع)، **آزاد بخاريءَ** جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'سائنس ڏنو سوجهرو'** (2015ع)، **وحيد محسن** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'مهمان جهرڪي'** (2015ع)، **انور ابڙي** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'اني ۽ مائو'** (2016ع) ۽ اختر درگاهيءَ جي ٻارن لاءِ اڳ ڇپيل ڪتاب **'گل ۽ مکڙيون'** جو ٻيو ڇاپو (2016ع) شامل آهن. ان کان سواءِ هن اداري بدر جميل مينڌري جو سائنس تي لکيل ڪتاب **'سائنس جي دنيا'** ۽ فتح محمد جتوئيءَ جا گرامر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياضيءَ تي لکيل ڪتاب ’سنڌي انگلش گرامر‘ ۽ ’عملي جاميٽري ۽ ٽرگناميٽري‘ پڻ شايع ڪري پڌرا ڪيا آهن.

هي ادارو خوبصورت لي آئوٽ سان ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت کي يقيني بڻائي رهيو آهي، جڏهن تہ ايندڙ وقت ۾ باقاعدي اسڪيم تحت ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم شروع ڪيو پيو وڃي. ٻارن ڪان سواءِ هن اداري مجموعي طور سنڌي ادب جي مختلف موضوعن ۽ صنفن تي ڪتاب شايع ڪيا آهن.

## سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد

(ٻارن جي ادب تي ٿيل ڪم)

هي اشاعتي ادارو ليکڪ ۽ پبلشر غلام مصطفيٰ سولنگي حيدرآباد ۾ قائم ڪيو آهي. هن اداري پاران ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾ : استاد بخاريءَ جو ٻارن جي شاعريءَ جو جڳ مشهور ڪتاب ’هي گيت گلابي ٻارن جا‘ (ٻيو ڇاپو- 2015ع)، امداد جسڪاڻيءَ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻي جو مجموعو ’مستقبل جا مسيحا‘ (2015ع) ۽ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو ’پئسو لڌم پٽ تان‘ (2015ع) شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ورهاڱي کان پوءِ
# ٻارن لاءِ لکندڙ شاعر ۽ اديب

سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ جو جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ 1853ع ۾ موجوده 'عربي- سنڌي رسم الخط' جي رائج ٿيندي ئي سنڌ جي عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ نثر نگارن، محققن ۽ مترجمن نہ رڳو ٻارن لاءِ پنهنجو قلم ارپيو پر دنيا- جهان جا معلوماتي ۽ علمي ڪتاب، نئين مروج ٿيل عربي- سنڌيلپيءَ ۾ ترجمو ۽ اُلٿو ڪري سنڌ جي ٻارن جي درسي ۽ ادبي ضرورتن جو پورائو ڪيو. اهڙيءَ ريت 'عربي سنڌي لِپي' رائج ٿيندي ئي آخوند عبدالرحيم عباسي، منشي اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، منشي ننديرام ميراڻي، ڪيولرام سلامتراءِ، سيد ميران محمد شاهہ (اول)، ڪوڙي مل چندن مل کلناڻي، پرمانند ميوارام، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين نہ رڳو سنڌ جي ٻارن لاءِ درسي ڪتاب لکيا، پر ٻارن جي علمي ادبي آبياريءَ لاءِ آکاڻين ۽ گيتن جا پڻ ڪتاب لکي پڌرا ڪيا. جيئن تہ 'عربي- سنڌي لپي' نئين رائج ٿي هئي، ان ڪري گهڻو زور ترجمن تي هو پر تنهن هوندي بہ ڪيترائي طبعزاد ڪتاب لکيا ۽ ترتيب ڏنا ويا.

ويهين صديءَ ايندي ئي 'عربي سنڌي لپيءَ' جو بنياد ڪافي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مضبوط ٿي چڪو هو جنهن ۾ لڳ ڀڳ هر موضوع تي درسي ڪتاب تيار ٿي ڇپجي چڪا هئا. جڏهن تہ ٻارن جي ادبي ضرورتن جي پورائي لاءِ نظمن ۽ گيتن، آکاڻين ۽ ٽوٽڪن ۽ مضمونن تي باقاعدي ڪتاب لکجڻ ۽ ڇپجڻ لڳا. ان دوران سنڌ جي جن اديبن ۽ ليکڪن پنهنجو قلم ٻارن لاءِ ارپيو تن ۾ ڀڳوان سکراڻي، جهامنداس ڀاٽيا، نارائڻ داس ملڪاڻي، ايم آر مائيداساڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي، جمعو خان غريب، چيتمل پرسرام گلراجاڻي، محمد صديق مسافر، ميلارام منگترام واسواڻي، ڪشنچند بيوس، منوهرداس ڪوڙومل، هري دلگير ۽ ٻيا شامل آهن.

ورهاڱي کان پوءِ جيتوڻيڪ ٻارن لاءِ لکڻ جي شروعات حيدرآباد مان غلام مرتضيٰ ڀٽي ۽ مقبول ڀٽي ڪئي، پر اڳتي هلي اهو سلسلو وڌيو ۽ بشير احمد ڀٽي، محمود يوسفاڻي، صبغت الله ميمڻ، نذير ڀٽي، حسام سومري، شمس الدين سومري ۽ ٻين پڻ ٻارن لاءِ خوب لکيو. بعد ۾ استاد بخاري، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، اياز پاتولي پرواني سيوهاڻي، ناز سنائي ۽ ٻين پڻ ٻارن لاءِ نہ رڳو پاڻ لکيو پر ٻين اديبن کان ٻارن لاءِ ڪتاب لکرائي شايع ڪرايا.

1979ع کان وٺندي 1989ع تائين پورو ڏهاڪو سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب جو سونهري ڏهاڪو آهي. هن عرصي دوران ٻارن جو ڪيترين تنظيمون جڙيون، اخبارن هفتيوار صفحا جاري ڪرڻ سان انهن جي سهاري هيٺ تنظيمون قائم ڪيون. ماهوار ۽ ٻہ ماهي – ٽہ ماهي رسالا شايع ٿيا۔ نتيجي ۾ اديبن جي هڪ نئين کيپ پيدا ٿي، جن ٻارن لاءِ پنهنجا نظم توڙي نثر جا ڪتاب شايع ڪرائي پڌرا ڪيا. ان دوران جن اديبن ٻارن لاءِ پنهنجو قلم ارپيو تن ۾ مقصود گل، ادل سومرو، نياز پنهور، نصير مرزا، علي دوست عاجز، سوسن مرزا، ذوالفقار سيال، اياز گل، مختيار ملڪ، اڪبر جسڪاڻي، اختر درگاهي، زاهد شيخ، ظفر عباسي، زيب نظاماڻي، آغا قيوم، اسرار شام، سڪندر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرواڻ قربان منگي، مختيار سمون، الاهي بخش ٻانيڻ ۽ ٻيا شامل آهن.

1989ع کان پوءِ ملڪ ۾ سياسي ۽ سماجي تبديليون رونما ٿيون، جن جو اثر مجموعي طور تي سنڌي ادب تي پيو. اهڙيءَ ريت هڪ ڊگهي مارشل لا کان پوءِ ملڪ ۾ جمهوريت قائم ٿي ته 80ع واري ڏهاڪي ۾ ٻارن لاءِ خوب لکندڙ اديب ۽ شاعر پنهنجي روزگار جي سلسلي ۾ مصروف ٿيڻ لڳا ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي اشاعت جو ڪم گهٽجي ويو.

90ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالن گل ڦل، سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن، ارچڪ مرچڪ، گلستان ۽ ٻين نوان اديب پيدا ڪيا، جن ٻارن لاءِ لکي پاڻ کي ادبي دنيا ۾ متعارف ڪرايو. ان دوران جن ليکڪن ۽ اديبن ٻارن جي ادب ۾ مشهوري ماڻي تن ۾: **اسحاق سميجو، الطاف ملڪاڻي، ذوالفقار پيٽي، غلام محمد غازي، ياسر قاضي، خالد پيٽي، آزاد بخاري، غلام مصطفيٰ سولنگي، نوشاد، واحد پارس، غلام محمد پيٽي، عبدالجبار عبد، ارباب عاجز چوهاڻ، عبدالحئي پيٽو، آچار عظيم کوسو، حزب الله سمون، خالد آزاد، احسان راهوجو، عظيم آديسي، جاويد سوز هالائي، وفا مولا بخش ٿمبراڻي، شوڪت چاچڙ، سنڌو شڪيل جوڻيجو** ۽ ٻيا شامل آهن.

سال 2000ع کان پوءِ جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل ليکڪ ۽ شاعر سنڌيءَ ۾ ٻارن جي لاءِ لکندا ۽ پنهنجا ڪتاب ڇپائيندا رهيا، پر ان دوران جن نوجوان اديبن پنهنجي پاڻ کي سنڌي ٻوليءَ جي ٻارن جي ادب ۾ مڃرايو تن ۾: **امداد جسڪاڻي، ياسين ڪنير، سهيل ڪنير** ۽ ٻيا شامل آهن.

هيٺ ٻارن لاءِ لکندڙ اديبن ۽ شاعرن جي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ کي سارا هيندي سندن مڪمل تعارف پيش ڪجن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## آزاد بخاري:

شاعر ۽ ترجمي نگار آزاد **بخاريءَ** جا ٻارن لاءِ شاعريءَ جا ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن. پهريون ڪتاب **'گل، خوشبو ۽ ٻار'** هو جيڪو 2008ع ۾ اين اي جان فائونڊيشن، حيدرآباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ساڳئي اشاعتي اداري پاران آزاد **بخاريءَ** جو ٻيو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'نچندا ڪڏندا، ڪلندا ٻار'** 2011ع ۾ ڇپيو جنهن تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻارن جي ادب جو بهترين ڪتاب قرار ڏيندي ايوارڊ ۽ انعام ڏنو ويو. ٻارن لاءِ شاعريءَ جو سندس ٽيون مجموعو **'سائنس ڏئو سوجهرو'** آهي، جيڪو پوپٽ پبليڪيشن خيرپورميرس پاران سال 2015ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ٻارن لاءِ سندس شعر مختلف ٻاراڻن رسالن ۽ اخباري صفحن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن.

آزاد **بخاريءَ** جو اصل نالو عبدالڪريم شاهه بخاري آهي. هن چڪ ضلعي شڪارپور ۾ پهرين مئي 1966ع تي جنم ورتو. هن بي. ڪام 1985ع ۾، ايم. اي سنڌي 1987ع ۾، اي. ايم. سي 1994ع ۾ پاس ڪئي. آزاد بخاري تعليم کاتي ۾ استاد آهي. مٿين ڪتابن کان سواءِ سندس ٻيا ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. سندس شعر سنڌي ٻوليءَ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن.

## آزاد قاضي:

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪ ۽ شاعر آزاد **قاضيءَ** جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'گلابي گل'** سنڌي ساهت گهر پاران 2002ع ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ آزاد قاضيءَ جي ٻارن لاءِ شاعري سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي ماهوار **'گل ڦل'** سميت ٻارن جي ٻين رسالن توڙي اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزاد قاضيءَ جو اصل نالو عبدالاحد جوٽيجو آهي، جيڪو تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ قاضي دڙا ۾ 15 هين نومبر 1956ع تي محمد حسن جوٽيجي جي گهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئٽرڪ جو امتحان باڊهه مان پاس ڪيو. بعد ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان لائبرري سائنس ۽ سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ڪئي.

آزاد قاضي 1973ع کان باقاعده لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي. هو مختلف رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي. ٻارن لاءِ شاعريءَ جي مجموعي کان سواءِ سندس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن. آزاد قاضي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد آهي.

## آصف منياٽوي:

مشهور شاعر آصف منياٽويءَ جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو هڪ مجموعو 'ٻول اسان جي ٻارن جا' سال 2002ع ڀاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڪيس ٻارن جي ادب ۾ ڪيل خدمتن عيوض **سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت** موري پاران سال 2003ع ۾ ۽ **سنڌ چلڊرين اڪيڊمي خيرپور** پاران سال 2004ع ۾ ايوارڊ ڏنا ويا.

آصف منياٽويءَ جو اصل نالو عبداللطيف سومرو هو جنهن 23مارچ 1959ع تي نوشهروفيروز ضلعي جي شهر منياٽيءَ ۾، عبدالرحمان سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. هن هاءِ اسڪول تائين جي تعليم منياٽيءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ٻارهين کان ٻارهين تائين ٽنڊوڄام بي ايس سي آنرز ۽ ايم ايس سي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان ڪئي. آصف منياٽوي 2004ع کان 2006ع تائين سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي خزانچي پڻ رهيو. سندس وفات تاريخ 5 نومبر 2009ع تي ٿي. وفات کان پوءِ سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد پاران سال 2014ع ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو 'زندگيءَ جي اوٽ ۾' شايع ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## احمدخان 'آصف' مصراڻي:

سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري اديب ۽ شاعر **احمد خان آصف مصراڻيءَ** جا ٻارن لاءِ شاعريءَ تي سهيڙيل ڪتاب **'ٻاراڻا ٻول'** 6 ڀاڱا، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ پاران شايع ٿي چڪا آهن. سنڌس هن ڪم ڪي ٻارن جي ادب ۾ وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويجي ٿو. هنن ڇهن ڀاڱن ۾ اوائلي دور جي گيتن ۽ نظمن سميت **مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند آڏواڻي، جمعي خان غريب، محمد صديق مسافر، ڪشنچند بيوس، حافظ احسن چنا، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، عطا محمد حامي، سليم ڳاڙهوي، منصور ويراڳي، الطاف عباسي، رشيد لاشاري، اياز پاتولي، هوندراج دکايل، عبدالڪريم سنديليءَ احمد خان آصف** جا ٻاراڻا گيت شامل آهن.

**احمد خان آصف مصراڻي** 8 جولاءِ 1922ع تي دادو ضلعي جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ لڳ ڳوٺ منوبير جي رهواسي محمد اسماعيل مصراڻيءَ جي گهر ۾ جائو. پيشي جي لحاظ کان احمد خان پرائمري استاد هو جڏهن تہ آخري وقت تائين تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيو. هن 1938ع کان شاعري جي شروعات ڪئي. انجمن آفتاب ادب دادو، جميعت الشعراءِ سنڌ سڏار سوسائٽي ڪڪڙ ۽ بزم طالب المولي ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم ۾ فيبروري 1957ع کان سيپٽمبر 1958ع تائين ڪم ڪندو رهيو. مٿين ڪتابن کان سواءِ سندس 15 کان وڌيڪ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن. 13 جولاءِ 1989ع تي احمد خان آصف مصراڻي ڌاڙيلن هٿان شهيد ٿي ويو.

## اختر درگاهي:

ناميارو شاعر ۽ اديب **اختر درگاهيءَ** جو ٻارڙن لاءِ شاعريءَ جو هڪ مجموعو **'گل ۽ مکڙيون'** 1989ع ۾ سونهن پبليڪيشن روهڙي پاران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شايع ٿيل آهي. ٻارن لاءِ ڪيل خدمتن عيوض ڪيس 2001ع ۾ **سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور** پاران ايوارڊ پڻ مليل چڪو آهي. ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن جي هن مجموعي جو ٻيو ڇاپو **'پوئٽ پبلشنگ هائوس'**، خيرپورميرس پاران 2016ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

**اختر درگاهي** 24 سيپٽمبر 1963ع تي سکر ضلعي جي شهر روهڙيءَ ۾ هڪ فنڪار گهراڻي ۾ ڄائو. سندس پورو نالو **اختر علي ميراڻي** آهي. سندس تحقيق ۽ شاعريءَ جا ٻيا ڪيترائي ڪتاب به ڇپيل آهن. ڪيس 2001ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران بهترين تحقيق جو ايوارڊ ۽ 2006ع ۾ سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پاران تحقيق ايوارڊ پڻ مليل چڪا آهن. اختر درگاهي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو 90_1988ع تائين مرڪزي خزانچي ۽ 1998ع کان 2000ع تائين مرڪزي آڊيٽر رهيو آهي. پيشي جي لحاظ کان هو زرعي ترقياتي بئنڪ سکر ۾ ملازم آهي.

## استاد بخاري:

سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ شاعر **استاد بخاري**، سنڌ جي ٻارڙن لاءِ ڪيترائي خوبصورت شعر، گيت، نظم ۽ بي مثال بيت لکيا آهن. استاد بخاريءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **'گيت گلابي ٻارن جا'** پهريون ڀيرو سال 1980ع ۾ سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد پاران شايع ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت سال 2015ع ۾ سنڌي راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد پاران غلام مصطفيٰ سولنگي هن ڪتاب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ٻئي ڇاپي طور پڌرو ڪيو. سنڌيءَ ۾ ٻارن ٿيل شاعريءَ جي حوالي سان هن مجموعي جي تمام گهڻي اهميت آهي، جيڪو سڄيءَ سنڌ ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. ٻارن لاءِ لکيل سندس شعر درسي ڪتابن ۾ پڻ شايع ٿيندا رهيا آهن. استاد بخاريءَ 1981ع ۾ مختلف شاعرن جي ٻارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ لکيل 65 گيتن تي ٻڌل هڪ ڪتاب **'ٻاراڻا گيت'** جي نالي سان ترتيب ڏنو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ساڳئي سال ڇپائي پڌرو ڪيو.

استاد بخاريءَ جو اصل نالو **احمد شاهه بخاري** آهي، جيڪو دادو ضلعي جي ڳوٺ غلام چانڊيو ۾ 16 جنوري 1930ع تي، **سيد حاجن شاهه** جي گهر ۾ ڄائو. هن 1942ع کان سنڌي ادب ۾ **'استاد بخاريءَ'** جي نالي سان عوامي شاعر تي اپريو ادب ۾ سندس استاد **مولانا غلام محمد گرامي** هو. شاعري سندس سڃاڻپ بڻي، جنهن ڪي سڀ کان پهرين **منظور سخيراڻي** جهر جهنگ ۾ ڳايو ۽ مقبول ڪيو. سندس شعرن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ بي مثال واڌارو آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو هي زبردست عوامي شاعر استاد بخاري 9 آڪٽوبر 1992ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. سندس علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور دادوءَ ۾ **'استاد بخاري اڪيڊمي'** قائم ٿيل آهي.

### ادل سومرو:

سنڌي ٻوليءَ جي ناميار شاعر ۽ اديب **ادل سومري** جو نالو سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي حوالي سان نهايت مانائتو ۽ معتبر آهي. گذريل ٽيهن سالن ۾ سنڌ اندر ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ جيترو معياري ڪم **ڊاڪٽر ادل سومري** جو ڪيل آهي، اوترو شايد ڪنهن ٻئي جو نه ٿيل آهي. ٻارن لاءِ ڇپيل سندس ڪتابن جو تعداد 9(نو) آهي، جيڪي هر دور ۾ تمام گهڻا مقبول رهيا. ٻارن لاءِ سندس ڇپيل پهريون ڪتاب **'روز ٽڙن رابيل'** هو جيڪو 1977ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو ٽائيٽل ۽ اسڪيچ ادل سومري صاحب پاڻ ٺاهيا. ان کان پوءِ **'چنڊ پشم گولو'** (شاعري 1979ع)، **'آچر جا احوال'** (ڪهاڻيون 1979) **'پُتلين جو تماشو'**، (شاعري 1983ع)، **'جيتن جي ڪانفرنس'** (ڪهاڻيون 1984) **'پوپٽ جهڙا گيت'** (شاعري 1986)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'نئين دور جا نوان سبق' (ڪالم 1990ع) 'رنگ برنگي لوڪنا' (شاعري- ترتيب 1993ع) ۽ 'مٽيءَ جا رانديڪا' (شاعري 2006) ڇپيل آهن.

ادل سومرو، ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيمن ۾ پڻ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. هن سڀ کان پهرين اياز پاٽوليءَ جي ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم 'بزم گلشن سنڌ' جي ميمبر جي حيثيت سان علمي ادبي سرگرميون شروع ڪيون. بعد ۾ هو 'گلن جهڙا ٻارڙا' تنظيم جي سکر ضلعي جو سرپرست به ٿيو. ان کان سواءِ ادل سومرو ٻارڙن جي تنظيمن جي ڪنوينشنن ۽ پروگرامن ۾ صدر ۽ خاص مهمان جي حيثيت سان شرڪت ڪندو رهندو آهي. جڏهن ته ادل سومري جا ٻارن جي ڪيترن ئي ڪتابن تي مهاڳ پڻ لکيل آهن.

ادل سومري جو اصل نالو عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي. هو 15 آگسٽ 1955 ع تي سکر شهر ۾ ڄائو. ادل سومري 1971ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي. 1979ع ۾ هن ايم. اي (سنڌي ادب) ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ بعد. ايم. اي (اقتصاديات) ۾ پڻ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. بعد ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ۾ سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو جنهن کان پوءِ پروفيسر ۽ شعبي جو چيئرمئن پڻ رهيو. ادل سومري 1999ع ۾ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان 'سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۽ ڪردار' جي موضوع تي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي رهنمائي ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي. هو سنڌي ادبي سنگت جو به دفعا سيڪريٽري جنرل پڻ چونڊيو ويو ان کانسواءِ ٻين انتظامي ۽ اعزازي ذميوارين تي پڻ رهيو آهي. مٿي ڄاڻايل ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر ادل سومري جا نثر ۽ نظم ۾ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي سنڌس 2 سئو کان وڌيڪ گيت، غزل ۽ وايون رڪارڊ ٿيل، هڪ سو کان وڌيڪ تحقيقي مقالا ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون به ڇپيل آهن. علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيترائي ايوارڊ مليا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ارباب علي 'عادل' چوهاڻ:

ارباب علي عادل چوهاڻ جا ٻارن لاءِ پنج ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ 'عقلمند ڪانءُ'، 'عقلمند جهرڪي'، 'شرارت جي سزا'، 'عبرتناڪ انجام' ۽ 'جادوءَ جي مُنڊي' شامل آهن.هي سڀ ڪهاڻين جا ڪتاب آهن. ان کان علاوه ٻارن لاءِ هن 80 کان وڌيڪ گيت ۽ نظم لکيا آهن، جيڪي ٻارن جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارن جي صفحن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

ارباب علي عادل چوهاڻ شڪارپور شهر جي ڪوٽ اختر شيخ محلي ۾ 20 مئي 1957ع تي پيدا ٿيو. پرائمريءَ کان ڪاليج تائين جي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين. بي اي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد استادي پيشي سان وابسته ٿي 1976ع ٻارن کي پڙهائڻ شروع ڪيائين. هن لکڻ جي شروعات 1980ع کان ڪئي. ارباب علي 'عادل' چوهاڻ شڪارپور مان نڪرندڙ ٻارڙن جي رسالي **'گلڙا پبليڪيشن'** ۾ شاعريءَ جا صفحا پڻ سينگاريندو رهيو آهي. رسالي **'تعليم'** ۽ **'سرهاڻ'** جي ٻارن جي صفحن جو انچارج پڻ رهيو آهي. هو سنڌي ادبي سوسائٽي سنڌ شاخ شڪارپور جو سيڪريٽري طور پڻ ڪم ڪندو رهيو آهي.

## ارم محبوب:

نامور شاعره **ارم محبوب** ادب ۾ لکڻ جي شوعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي آهي. هن روزاني هلال پاڪستان ڪراچيءَ جي ٻارڙن جي صفحي **'گلن جهڙا ٻارڙا'** ۾ ٻارن لاءِ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون. گڏو گڏ هن اردو ۽ انگريزيءَ ۾ بہ شاعري ڪئي. سندس انگريزي شاعري روزاني **'ڊان'** اخبار جي ٻارن واري مئگزين **'چلڊرينس ڊان'** ۽ **'ٽين ايجر'** رسالن ۾ پڻ شايع ٿي. 1990ع ۾ **'ٽين ايجر'** رسالي جي نمائندي طور ڪم ڪيائين، بعد ۾ 1995ع کان لڳاتار ڪجهہ سال ان جي فيچر ايڊيٽر



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي. ارم محبوب اردو رسالن 'نونهال'، 'ٻچون ڪي دنيا'، 'ٽوٽ ٻٽوٽ' ۽ 'جگنوءَ' ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن.

ارم محبوب 16 مارچ 1975ع تي حيدرآباد جي هڪ علمي ادبي گهراڻي ۾ سنڌي ادب جي برک ڪهاڻيڪار ماهتاب محبوب ۽ محبوب شيخ جي گهر ۾ جنم ورتو. هن مئٽرڪ تائين تعليم سينٽ ميريز ڪانوينٽ گرلز هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ورتي، گورنمينٽ نذرت ڪاليج حيدرآباد مان انٽر ۽ گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان بي. اي ڪرڻ کان پوءِ 1998ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري جي سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ مان ايم. اي ڪيائين.

ارم جي 1993ع ۾ سنڌ جي خوبصورت شاعر حسن درس سان شادي ٿي، جنهن مان ڪيس ٽن ٻارن روحل، چيزل ۽ ردم جو اولاد آهي. مجموعي طور سنڌي ادب ۾ ارم جا ڇهه ڪتاب شايع ٿيل آهن.

## اقبال شينو:

اقبال شينو جو ٻارڙن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'سرها گل رابيل جا'** 2009ع ۾ بزم نواز رڪڻائي دادوءَ پاران شايع ڪيو ويو. ان کان سواءِ سندس هڪ ٻيو ڪتاب **'جهڙا گل گلاب'** پڻ ٻارن لاءِ شاعريءَ تي ٻڌل آهي. هن مجموعي ۾ اقبال شينو ٻارن لاءِ نهايت ئي خوبصورت نظم ۽ گيت لکيا آهن، جنهن جو مهاڳ **امداد حسيني** لکيو آهي.

**اقبال شينو** 26 جون 1953ع تي ڳوٺ ابراهيم، تعلقي دادوءَ ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم ڳوٺ شير محمد سولنگيءَ مان حاصل ڪيائين، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان پائليٽ هاءِ اسڪول دادوءَ مان پاس ڪيائين. شاعريءَ جي شروعات 1970ع ۾ ڪيائين. استاد بخاري ۽ نواز رڪڻائي شاعريءَ ۾ سندس استاد هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اڪبر جسڪاڻي:

ٻارن لاءِ بهترين ادب تخليق ڪندڙ ۽ ٻارن جي مقبول رسالي ’گل ڦل‘ جي ايڊيٽر طور مشهوري ماڻيندڙ اديب **اڪبر جسڪاڻي**، پهرين سيپٽمبر 1958ع تي دادو ضلعي جي تعلقي جوهيءَ ۾ **ڄام خان جسڪاڻيءَ** جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ننڍڙو ئي هو تہ سندس والد سعودي عرب ۾ وفات ڪري ويو جنهن ڪانپوءِ ڪيس ناني ۽ نانيءَ پاليو ۽ ڪيس پڙهايو ۽ وڏو ڪيو. هن پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري بوائز مين اسڪول جوهيءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان ڪيائين. اڳتي هلي هن بي. اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان ڪئي، جيڪو هن وقت اُستاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو آهي.

**اڪبر جسڪاڻيءَ** جون ٻارڙن لاءِ لکيل شروعاتي ڪهاڻيون، ماهوار **’سوجهري‘** رسالي جي ٻارڙن جي صفحي ۾ ڇپيون. ان ڪانپوءِ روزاني **’آفتاب‘**، **’سنڌ نيوز‘** ۽ **’عبرت‘** اخبار جي ٻارڙن وارن صفحن ۾ لکيائين. ٻارڙن لاءِ سندس ڪتاب **’بتين واري ناني‘ (ناوليٽ)** (1984ع)، **’رمون پيٽي‘** (1983ع) ۽ **’خيرو حجم‘** (1986ع) (ڪهاڻيون) آگم پبليڪيشن پاران نثار حسيني ڇپايا. جن مان **’رمون پيٽي‘** ۽ **’بيتن واري نانيءَ‘** کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ٻاراڻي ادب جي حوالي سان بهترين ڪتاب طور ايوارڊ ڏنا ويا.

اڪبر جسڪاڻي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ لائبريرين مقرر ٿيو جتان بعد ۾ ٻارڙن جي ماهوار رسالي **’گل ڦل‘** جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ 1987ع ۾ ايڊيٽر مقرر ٿيو. **’گل ڦل‘** جي ايڊيٽر جي حيثيت سان **اڪبر جسڪاڻيءَ** جو خدمتون ڪنهن کان بہ ڳجهيون نہ آهن. هن پنهنجي دور ۾ **’گل ڦل‘** کي سنڌ جي ٻارڙن ۾ بيحد مقبول ڪيو ۽ ان کي اوج تي رسايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**اڪبر جسڪاڻي** شادي نہ ڪئي. وفات کان اڳ ئي **اڪبر جسڪاڻي** پنهنجا سمورا سانديل ڪتاب گاج لائبريري جوهيءَ جي حوالي ڪيا. جيڪا هاڻي **'اڪبر جسڪاڻي ميموريل لائبريري'** آهي. 13 آگسٽ 1999ع تي **اڪبر جسڪاڻيءَ** جو لاش سندس گهر مان سڙيل حالت ۾ مليو. سندس موت اڄا تائين معمو بڻيل آهي. اڪبر جسڪاڻيءَ جا ڪتاب **'ٻيتن واري ناني' ۽ 'رمون پينٽي'** 2006ع ۾ ٻيهر ڪراچيءَ مان **ڪاڇي پبليڪيشن** پاران ڇپيا آهن.

**امام راشدي:**

ليکڪ ۽ شاعر **امام راشدي** ٻارن لاءِ ڪيترائي شعر ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. جيڪي ٻارن جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن. سندس آکاڻين جي مجموعي جو نالو **'موهن جي دڙي جو ٻار'** آهي.

**امام راشديءَ** جو پورو نالو **سيد امام المتقين ولد سيد بدر شاهہ** آهي، جيڪو 3 ڊسمبر 1960ع تي پير جي ڳوٺ، نئين ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هو ٻاراڻي رسالي **'روشن راهہ'** جو چيف ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

**امداد حسيني:**

سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر **امداد حسيني**، سنڌ جي ٻارڙن لاءِ ڪيترائي گيت لکيا آهن. جن مان گهڻا درسي ڪتابن ۾ شامل آهن. جيتوڻيڪ **امداد حسينيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل گيتن جو ڪو مجموعو شايع ٿيل نہ آهي، تنهن هوندي بہ امداد صاحب جي ٻارن جي ادب ۾ خدمتن کي سارا هڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هن سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت دوران ٻارڙن جي ماهوار رسالي **'گل ڦل'** جي معيار ۽ انداز کي چوٽيءَ تائين رسايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ٻارڙن جي هن رسالي کي سڄيءَ سنڌ ۾ مقبول ڪرڻ لاءِ وسان ڪون گهٽايو.

**امداد حسينيءَ** جو اصل نالو **سيد امداد علي شاهه** آهي، جيڪو ٽکڙ، ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ الحاج سيد اسدالله شاهه "فدا" جي فرزند سيد فضل محمد شاهه جي گهر ۾ 12 مارچ 1940ع تي ڄائو. سندس نالو سيد امداد علي شاهه رکيو ويو. هن سنڌيءَ جا چار درجا ٽکڙ جي مشهور مڪتب ۾ پڙهيا. 1949ع ۾ سنڌي تعليم پوري ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد آيو ۽ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين ۽ ان ئي دوران هن شاعريءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي امداد حسيني سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ شاعر ٿي اڀريو. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا شايع ٿيل آهن، جيڪي سنڌ ۾ بيحد مقبول ٿيا.

امداد حسيني، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ رهڻ سان گڏ **سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري** جو سيڪريٽري، ٽماهي **'مهراڻ'** جو ايڊيٽر ۽ **'گل ڦل'** جو چيف ايڊيٽر به رهي چڪو آهي. ان کان سواءِ امداد حسيني سنڌ جي مختلف علمي ۽ تحقيقي ادارن جو ميمبر به رهيو. علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليل آهن.

## امير بخاري:

ناميارو اديب امير بخاريءَ ٻارن لاءِ اصلاحي آکاڻين تي ٻڌل ڪيترائي ڪتاب لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ **'خالد الله جي تلوار'**، **'طارق بن زياد'**، **'غازي صلاح الدين'** ۽ **'اسان جو قائداعظم'** شامل آهن. ٻارن لاءِ سندس ڇپيل ڪتابن کان سواءِ امير بخاريءَ جا ٻين موضوعن تي پڻ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**امير بخاريءَ** جو پورو نالو **سيد امير علي شاهه بخاري** هو. هُو ماٽيلي مومل جي ماڙي لڳ ٻيرڙيءَ ۾ سيد جعفر علي شاهه بخاريءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهر ۾ پهرين ڊسمبر 1941ع تي ڄائو. امير بخاري شروعاتي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماٽيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ هن فائينل سنڌي 1956ع ۾، اديب سنڌي 1960ع ۾ ، اديب عالم 1961ع ۾، اديب فاضل سنڌي 1962ع ۾، انٽر ڊرائينگ 1962ع ۾، مئٽرڪ 1964ع ۾، بي اي 1970ع ۾ ڪئي. بعد ۾ هو اديب فاضل استاد مقرر ٿيو. هن لکڻ جي شروعات چوٿين درجي سنڌي کان ڪئي. اڳتي هلي 1965ع ۾ جنگي ملي نغمن کان متاثر ٿي سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ نغما لکيائين. نظم ۽ غزل سنڌس خاص سڃاڻپ بڻيا. امير بخاري نثر جي شروعات ڪهاڻين ۽ مزاحيه طنزيه ڪالمن سان 1960ع واري ڏهاڪي کان ڪيائين.

سنڌي ٻوليءَ جو هي ناميارو اديب ۽ شاعر 25 جنوري 2007ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

**انور ابڙو:**

ناميارو اديب ۽ صحافي **انور ابڙي** جو ٻارن لاءِ لکيل ناول **'پڳل رانديڪو'** 2008ع ۾ ڪاڇي پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جنهن جو مهاڳ ناميارو اديب **سوڀي گيانچنداڻي** لکيو آهي. ان کان سواءِ انور ابڙي جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون سنڌ جي مختلف ٻاراڻن رسالن ۾ شيع ٿينديون رهنديون آهن. سال 2015ع ۾ **پوپٽ پبلشنگ هائوس** خيرپور ميرس پاران پڻ سنڌس ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'اني ۽ مائو'** ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

**انور ابڙي** جو جنم 1 جنوري 1965ع **تي** ڳوٺ لالي جا ڀاڻ، تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن بي اي (انجنيئرنگ) 1991ع ۾ ۽ ايم. اي (صحافت) 2006ع ۾ ڪئي. ٻارن لاءِ ڇپيل هن ڪتابن کان سواءِ سنڌس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انور ابڙو سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ پبلڪ رليشن آفيسر طور پنهنجا فرض سر انجام ڏئي رهيو آهي. ان کان علاوه سندس مختلف اخبارن ۾ ڪالم ڇپجندا رهن ٿا. ڪاوش دنيا مئگزين جو ايڊيٽر پڻ آهي.

## امداد جسڪاڻي

**امداد جسڪاڻي** نوجوان ليکڪ آهي. سندس ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'مستقبل جا مسيحا'** سنڌ راڻي پبليڪيشنس، حيدرآباد پاران سال 2015ع ۾ ڇپيل آهي. سندس هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ 24 ڪهاڻيون آهن، جڏهن تہ مهاڳ نامياري ليکڪ خالد آزاد جو لکيل آهي. ان کان سواءِ امداد جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون، ٻارن جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن.

**امداد جسڪاڻي** 1 اپريل 1981ع تي ڳوٺ جمعي جسڪاڻي، تعلقي پني عاقل، ضلعي سکر ۾ ڄائو. هن پرائمريءَ سان انٽر تائين جي تعليم پني عاقل مان حاصل ڪئي. اهڙيءَ ريت هن بي اي/ اي، سال شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس مان ڪئي. هن لکڻ جي شروعات 1998ع کان ڪئي. سندس ادبي استاد ٻارن لاءِ خوبصورت گيت لکندڙ شاعر بيخود بلوچ آهي.

## اويس ٻٽو:

اويس ٻُٽي جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو پهريون مجموعو **'جهرڪيءَ کان انٽرويو'** 2011ع ۾ ٻالڪ ادبي اڪيڊمي نئون نياپو طرفان شايع ڪيو. سندس ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو **'رانديڪو'** جي نالي سان 2014ع ۾ بہ ساڳئي اداري پاران شايع ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ٻارن لاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لکيل مضمونن جو ڪتاب ’گُلن مُٺ‘ 2013ع ۾ ڪنول پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ان کان سواءِ سنڌس ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو هڪ ڪتاب ’ٻهه ٻهه ڪنڌڙ ٻالڪ‘ جي نالي سان اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهي. اهڙيءَ ريت مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران روشن راهه ڪتابي سلسلي هيٺ ’ٻاراڻيون اسلامي ڪهاڻيون‘ جي نالي سان پڻ سنڌس هڪ ڪتاب شايع ٿيل آهي.

**اويس ڀٽو** 23 جنوري 1988ع تي ڳوٺ مبارڪ پور تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ ارشاد احمد ڀُٽي جي گهر ۾ جائو. پرائمريءَ کان گريجوئيشن تائين تعليم مبارڪ پور مان ئي حاصل ڪيائين، جڏهن ته ماسٽرس ايم اي سنڌي ۽ ايم ايڊ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين. هن وقت هو ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار آهي.

## اياز ڀٽو:

**اياز ڀُٽي** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب ’ڳولها جو سفر‘ 2012ع ۾ ٻالڪ ادبي اڪيڊمي، نئون نياپو رسالي ڪراچيءَ پاران شايع ٿيو.

**اياز ڀٽو** 12 مئي 1985ع تي ڳوٺ مبارڪ پور تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ ارشاد احمد ڀُٽي جي گهر ۾ جائو. پرائمري کان ميٽرڪ تائين تعليم مبارڪ پور مان حاصل ڪيائين، جڏهن ته گريجوئيشن جيڪب آباد ۽ ايم اي سنڌي، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جي تعليم شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين. سنڌس لکڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن.

## اياز پاڻولي:

سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ غير معمولي ڪم


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندڙن ۾ **اياز پاتوليءَ** جو نالو وڏي اهميت جو حامل آهي. ورهاڱي کان پوءِ، جڏهن مجموعي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي نقصان ٿيو تڏهن ٻارن لاءِ لکندڙ ڪيترن ئي اديبن جي هندستان لڏي وڃڻ ڪري، ٻارن لاءِ لکڻ ۽ اشاعتي ڪمن جو سلسلو پڻ بند ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ **اياز پاتولي** ئي هو جنهن **'اداره گلشن ادب'** ۽ **'بزم گلشن سنگت'** جو قيام عمل ۾ آڻي، پيهر سنڌي ٻاراڻي ادب کي جياريو.

اياز پاتوليءَ 1943ع ڌاري ٽنڊي محمد خان ڄائو. سندس اصل نالو **محمد هاشم پاتولي** آهي. پر هن 1954ع کان **'اياز پاتوليءَ'** جي نالي سان لکڻ جي شروعات ڪئي.ابتدا ۾ هن جو لاڳاپو ٻارڙن جي ادبي تنظيم **'ٻارن جي محفل'** سان رهيو. هن جنوري 1957ع ۾ **'اداره گلشن ادب'** جو قيام عمل ۾ آڻي ان جي پليٽ فارم تان ٻاراڻا اشاعتي سلسلاجاري ڪرڻ شروع ڪيا. بعد ۾ جولاءِ 1960ع ۾ **'بزم گلشن ادب'**جو بہ قيام عمل ۾ آندائين. هن **'بزم گلشن ادب'** پاران ٻارن لاءِ تقريباً 300 کان وڌيڪ ڪتابشايع ڪرايا.

**اياز پاتولي** سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ مسلسل 51 سال محنت ڪئي آهي. مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ سندس ڇپيل مواد تمام گهڻو آهي. هن نہ رڳو ٻارن لاءِ لکيو آهي پر **'اداره گلشن ادب'** ٽنڊي محمد خان طرفان ڪيترائي نوان اديب ۽ شاعر پڻ متعارف ڪرايا آهن. هن وقت هُو ٽنڊي محمد خان شهر ۾ رهائش پذير آهي ۽ پنهنجو هڪ پسارڪو دڪان هلائي رهيو آهي.

**اياز گل:**

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر **اياز گل** جي هڪ سجاڳ ٻارن لاءِ خوبصورت گيت رچيندڙ جي پڻ آهي. ٻارن لاءِ سندس شاعريءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعو ’گل ۽ تارا‘ سال 1979ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جنهن جو مهاڳ نامور ليکڪ ۽ ترجمي نگار ولي رام ولڀ لکيو. هن ڪتاب کي ساڳئي سال ينگ رائيٽرس گلڊ پاران ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. ان کان سواءِ اياز گل ٻارن جي علمي ادبي تنظيم ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ جو مرڪزي صلاحڪار پڻ رهيو آهي. هن 1973ع ۾ ستين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران پهريون شعر لکي سنڌي ادب ۾ ’اياز گل‘ جي نالي سان لکڻ جي شروعات ڪئي. ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جي هن مجموعي کان سواءِ اياز گل جي شاعريءَ جا ٻيا مجموعا ۽ ٻيا ڪيترائي ترتيب ڏنل توڙي طبعزاد ڪتاب ڇپيل آهن.

اياز گل جو پورو نالو اياز علي دل آهي، جيڪو 6 مارچ 1959ع تي رجب علي دل جي گهر، سکر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم کان وٺي ڪاليج تائين اياز گل سکر ۾ پڙهيو بعد ۾ هن سنڌي ادب ۽ بين الاقوامي لاڳاپن واري مضمون ۾ ماسترس ڪئي. اڳتي هلي هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪيريئر جي شروعات ڪئي، جتي هن شعبي جي چيئرمئن سميت سچل چيئر جي ڊائريڪٽر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون.

اياز گل مختلف رسالن، ڪتابي سلسلن جو ايڊيٽر، سب ايڊيٽر ۽ ميمبر ايڊيٽوريل بورڊ رهي چڪو آهي. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل سميت ڪيترين ئي علمي ادبي تنظيمن جو عهديدار ۽ ادارن جي بورڊن تي ميمبر پڻ رهيو آهي. علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ شيلڊون ملي چڪيون آهن.

اياز گل هن وقت سکر ۾ رهائش پذير ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي جو چيئرمئن آهي.

**بشير احمد ڀٽي:**

**ناميارو صحافي ۽ ترجمي نگار بشير احمد ڀٽي،** غلام مرتضيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنّيءَ جو پُٽ ۽ مقبول احمد پنّيءَ جو پائٽيو آهي. ٻارن لاءِ سندس ٻه ڪتاب: (1) 'مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان' (2) 'ڪليلا دمنا'. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران شايع ڪيا ويا آهن.

**بشير احمد پنّي** 7 جون 1951ع تي، حيدرآباد ۾ ڄائو. هن پنهنجي والد جي نقشِ قدم تي هلندي ٻارڙن لاءِ لکڻ جي شروعات 1966ع ڌاري روزاني 'عبرت' اخبار جي هفتيوار ٻارن جي صفحي **'ٻارن جي ٻاريءَ'** سان ڪئي. ان وقت صفحي جو انچارج **پير مظهرالحق** (ماما موجي) هوندو هو. ٻاررن جي ان هفتيوار صفحي **'ٻارن جي ٻاريءَ'** جي سهاري هيٺ ساڳئي نالي سان تنظيم به قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جي سرگرمين ۾ پڻ بشير پنّي ڀرپور حصو ورتو. ساڳئي سال 1966ع ۾ ئي هن **'بزم گلزار'** جي نالي سان ٻارن جي هڪ تنظيم قائم ڪري ٻارن جي علمي ادبي سرگرمين کي هٿي ڏياري. ان دوران هن پنهنجي والد ۽ چاچي جي ڇڏيل ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ ماهوار **'گلستان'** جاري ڪيو جيڪو ڪجهه وقت هلي پوءِ بند ٿي ويو. 69_1970 ڌاري هن حيدرآباد مان **'ڪهاڻي پبليڪيشن'** نالي ٻارن لاءِ اشاعتي سلسلي جي شروعات ڪئي. هن سلسلي جا 20 کن ڪتاب شايع ٿيا. ان دوران بشير احمد پنّي مختلف اخبارن ۾ سب-ايڊيٽر کان وٺي ايڊيٽر تائين ذميواريون سنڀاليون. هن 1995ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان رضاڪارانا طور استعيفي ڏيڻ کان پوءِ اي پي پي (نيوز ايجنسيءَ) ۾ پڻ ڪم ڪيو ۽ هن وقت قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. روشني پبلبڪيشن حيدرآباد پاران سندس ترجمو ڪيل 10 کان مٿي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

### بلاول پرديسي:

سنڌيءَ جي ناماري اديب ۽ شاعر **بلاول پرديسيءَ** جا ٻارن لاءِ ٻه ڪتاب **'سوني صندوق'** (1969ع) ۽ **'جادوءَ جو گلاب'** ڇپيل آهن. هن ٻارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ بهترين ريڊيائي گيت لکيا، جيڪي رجب عليءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيا ۽ تمام گهڻي مقبوليت ماڻيائون.

سنڌس پورو نالو محمد بلاول ولد محمد يعقوب وگهامل ۽ تخلص 'پرديسي' هو. هو 29 مارچ 1931ع تي ڳوٺ خانوٽ، تعلقي هالا، ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌس شمار سنڌي ٻوليءَ جي مقبول ترين شاعرن ۾ ٿيندو هو. 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڪيائين. ابتدا ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيڻ کان پوءِ گهڻو عرصو گورنمينٽ سچل ڪاليج ۾ ليڪچرار رهيو. آخر ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. ٻارن لاءِ لکيل ڪتابن کان سواءِ سنڌس ٻيا به شاعري، افسانن ۽ مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيل آهن. بلاول پرديسي 23 ڊسمبر 1999ع تي، دل جو دررو پوڻ تي لاڏاڻو ڪري ويو.

## بيخود بلوچ:

**بيخود بلوچ** نئين ٽهيءَ جو اهم شاعر ۽ ليکڪ آهي. سنڌس ٻارن لاءِ لکيل ٻه شاعريءَ جا مجموعا: (1) **لوليون ٻوليون ٻارن جون**" (1999ع) ۽ **"جاڳو ٻارو"** (2010ع) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ **بيخود بلوچ** جا ٻارن لاءِ لکيل شعر، نظم ۽ گيت سنڌ جي مختلف ٻاراڻن رسالن ۽ ٻارن جي هفتيوار اخباري صفحن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. بيخود بلوچ، سنڌي ٻوليءَ جي چند انهن شاعرن مان هڪ آهي، جن ٻارن جي عادتن ۽ نفسيات کي آڏو رکي ٻارن لاءِ بيحد دلچسپ ۽ وندرائيندڙ شعر لکيا آهن. **ٻالڪ ادبي فورم** پاران کيس ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض **لائيف ٽائيم اچيومينٽ** جو ايوارڊ پڻ ڏنو ويو آهي.

**بيخود بلوچ** جو اصل نالو **فتح علي جسڪاڻي** آهي، جيڪو سکر ضلعي جي شهر پنڻي عاقل ۾ 14 آگسٽ 1971ع تي ڄائو. هن 88_1787ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاري سنڌي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي ۽سنڌي ادبي سنگت شاخ پني عاقل سان لاڳاپيل رهيو. سندس تعليم ايم اي سنڌي آهي ۽ هو سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

متي ڄاڻايل ڪتابن کان سواءِ بيخود بلوچ جو هڪ شاعريءَ جو مجموعو 'هوا ۾ ٻريا سين' پڻ ڇپيل آهي.

## پروانو سيوهاڻي:

**پرواني سيوهانيءَ** جون سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ تمام گهڻيون خدمتون آهن. هن سيوهڻ مان 1975 ڏاري استاد بخاريءَ جي تجويز تي **'سرهاڻ'** نالي سان ٻارن جي هڪ اشاعتي اداري جو قيام عمل ۾ آندو جتان **'سرهاڻ'** نالي سان ٻارن جو رسالو ۽ ٻيا ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪرايا ويا. رسالي جا 180 کان متي پرچا منظر عام تي آيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ **'تياسي جا تي ناٽڪ'**— 1983ع (ٻارن لاءِ ناٽڪ)، **'تماشو'**— 1985ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'پڪين جي ديس ۾'**— 1986ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'چنڊ ۽ چڪور'**— 1989ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'هل ته هلون چنڊ تي'**— 1992ع (ٻارن لاءِ سفرنامو)، **'ٻارن جون چونڊ ڪهاڻيون'**— 1994ع (ترتيب۔ ڪهاڻيون)، **'ٻارن جا گيت'**— 1994ع (شاعري)، **'منهنجون يادون منهنجو ننڍپڻ'**— 1993ع (ٻارن لاءِ آتم ڪهاڻي)، **'اڏام'**— 2001ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'ڌرتيءَ جو تارو'**— 2004ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'انڌي فقيرياڻي'** — 2004ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'خيرو خيالي'**— 1995ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، **'سهڻي صلاح'**— 2005ع (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) شامل آهن.

**پرواني سيوهاڻيءَ** جو اصل نالو **منظور احمد سومرو** آهي، جيڪو 21 جولاءِ 1963ع تي سيوهڻ ۾ ڄائو. سندس تعليم ايم اي آهي ۽ هو هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت سيوهڻ ۾ پرائمري استاد آهي. ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن عيوض ڪيس سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌي ادبي سنگت، روشن تارا هاءِ اسڪول ۽ ٻين ادارن ۽ تنظيمن پاران ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

**پروين موسيٰ ميمڻ:**

ناماري ليکڪ ۽ محقق **پروين موسيٰ ميمڻ** جو ٻارن لاءِ اخلاقي ۽ نصيحت آموز مضمونن تي ٻڌل ڪتاب **'اخلاقي قدر'** سال 2010ع ۾ محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ اخلاقي، سماجي ۽ معاشي قدرن بابت لکيو ويو آهي. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سال 2016ع ۾ سنڌ راڻي پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

**پروين موسيٰ ميمڻ** ڏيپلي شهر ۾ محمد موسيٰ ميمڻ جي گهر ۾ 1958ع ڌاري ڄائي. هن پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم ڏيپلي، مٺي، ماتلي، عمرڪوٽ، ٽنڊي، سانگهڙ ۽ ميرپور خاص مان حاصل ڪئي، ڇاڪاڻ ته سندس والد صاحب روينيو ۾ مختيارڪار هو ان ڪري نوڪريءَ جي مختلف شهرن ۾ بدلي ٿي وڃڻ جي ڪري هِن پنهنجي تعليم به مختلف شهرن ۾ حاصل ڪئي. 1975ع ۾ انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ پروين موسيٰ ميمڻ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿي، بعد ۾ هِن 1983ع ۾ انگريزي ۽ 1988ع ۾ سنڌي ۾ ماسٽرس جو امتحان پاس ڪيو. 1991ع ۾ هوءَ ليڪچرر طور مقرر ٿي ۽ هن وقت اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي. هن **'سنڌي نثر ۾ عورتن جو حصو'** موضوع تي پي. ايچ. ڊي به ڪئي آهي.

پروين موسيٰ ميمڻ جا مٿي ڄاڻايل ڪتابن کان سواءِ مجموعي طور سنڌي ادب ۾ ٻيا به ڪتاب شايع ٿيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پريل دايو:

شاعر ۽ اديب پريل دايي جا ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جا ٻہ مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. سندس پهريون مجموعو 'ٻاتا جنين ٻول' سچائي اشاعت گهر دڙي پاران سال 2007ع ۾ شايع ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ٻيو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو 'ٻار اکين جا تار'، سنڌي ادبي بورڊ پاران سال 2014ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪتاب 'ٻاتا جنين ٻول' کي سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران سال 2007ع جو ٻاراڻي ادب جو بهترين ڪتاب قرار ڏيئي، 'قاضي غلام مرتضيٰ ميتا ايوارڊ' پڻ ڏنو ويو.

پريل دايو 15 مئي 1971ع تي تعلقي پنوعاقل جي ڳوٺ 'نوراجا' ۾ هاري ولي محمد دايي جي گهر ۾ جائو. بنيادي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ ميٽرڪ ۽ انٽر جو امتحان پني عاقل مان پاس ڪيائين. بعد ۾ هن گريجوئيشن جو امتحان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپورميرس مان پاس ڪيو. ان دوران هن ' ساٿي ٻارڙا سنگت' جي پليٽ فارم تان ٻالڪ سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1986_87ع کان صحافت ۾ پير پاتائين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترين ئي اخبارن سان وابستہ رهيو. هو سنڌي ادبي سنگت شاخ پنوعاقل جو سيڪريٽري، ضلعي سکر جو رابطا سيڪريٽري ۽ مرڪز جو خزانچي پڻ رهيو آهي. هن وقت پني عاقل ۾ رهندڙ آهي.

## پير نويد شاهہ هاشمي

ليکڪ ۽ ترجمي نگار پير نويد شاهہ هاشميءَ جو سنڌي توڙي اردو ٻوليءَ جي ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ وڏو ڪردار آهي. گذريل 25 سالن دوران پير نويد شاهہ هاشميءَ سنڌي توڙي اردوءَ ۾ ٻارن لاءِ لاتعداد ڪهاڻيون لکيون، ناول لکيا ۽ ٻارن جا رسالا ايڊٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا. هو ٻارن جي رسالن ’ناياب‘، ’گلڙا‘، ’ارڇڪ مرڇڪ‘ ۽ ’بهت خوب‘ ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ٻارن لاءِ بهترين ڪهاڻيون لکڻ جي عيوض کيس ماهوار ’ٽوٽ بٽوٽ‘، ماهوار ’نٽ ڪٽ‘، ’دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي‘ ماهوار ’انوکي ڪهانيان‘ ماهوار ’ساٿي‘ ۽ ٻين ادارن پاران ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

**پير نويد شاهه هاشمي** 28 نومبر 1976ع تي ٽنڊي جام ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمريءَ کان مئٽرڪ تائين جي تعليم ٽنڊي جام مان ئي حاصل ڪئي، جڏهن تہ انٽر ۽ بي اي، ايس ايم ڪاليج ٽنڊي الهيار مان ڪيائين.

**پير نويد شاهه هاشمي** ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ ڊرامہ نگاري ۽ اداڪاريءَ طرف پڻ پير پاتو آهي. هن ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ ڊائريڪٽ ڪيا آهن ۽ ڪن ۾ ڪم پڻ ڪيو آهي. اڄ ڪلهہ ٽنڊي جام ۾ رهائش پذير آهي.

## ج۰ع منگهاڻي

نامياري ليکڪ ج. ع. **منگهاڻيءَ** ٻاراڻي ادب کان لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪتاب **’پتنگ پنيان ڊوڙ‘** (1986ع) ۾ آگم پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇپيو.

ج. ع. **منگهاڻيءَ** جو پورو نالو **جنت خاتون ڌيءَ علي محمد بڪڪ** آهي، پر سنڌي ادب ۾ هوءَ ج. ع منگهاڻيءَ جي نالي سان سُڃاتي وڃي ٿي. هن ڪراچيءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ **’بڪڪ‘** ۾ جنم ورتو. سندس والد **سيٺ علي محمد** هڪ اعليٰ تعليم يافتہ شخص هو جنهن پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياري.هن جي پهرين لکڻي 1970ع واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڍاڪي ۾ **'هلال پاڪستان'** اخبار جي عورتن واري صفحي **'سگهڙين سٿ'** ۾ ڇپي. ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جي هن ڪتاب کان سواءِ مجموعي طور سنڌي ادب ۾ سندس ٻيا ٻه ڪتاب لکيل آهن. سندس سڃاڻپ هڪ شاعر، محقق ۽ نثرنويس جي آهي. هوءَ هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

## جوهر بروهي:

ناميا ري شاعر ۽ اديب **جوهر بروهيءَ جو ٻارن** لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'لولي'** سال 2000ع ۾ ڇپيل آهي، ان کان سواءِ سندس هڪ ٻيو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'گل ڦل گيت'** سال 2014ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ميهڙ پاران شايع ڪيو ويو.

جوهر بروهيءَ جو اصل نالو عبدالقيوم بروهي آهي، هن 29 جنوري 1950ع تي ٽريچاٽي، تعلقي پنو عاقل، ضلعي سکر ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ، درس نظامي ۽ دوره تفسير جا امتحان پاس ڪيا اٿس. هن بنيادي تعليم مختلف ديني مدرسن مان حاصل ڪئي، هن ميٽرڪ جو امتحان 1992ع ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪرڻ بعد 1994ع ۾ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي، اسلام آباد مان **'دعوه ڪورس'** مڪمل ڪيو.

جوهر بروهي 1972ع کان سنڌي ۽ براهوي ادب جي دنيا ۾ داخل ٿيو. ادب، مذهب، تاريخ ۽ ثقافت سان گڏوگڏ عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ براهوي ٻولين ۾ هن گهڻ رخي ڏاڙائن ۾ نمايان ڪم ڪري وڏو نالو ڪمايو آهي. هي پهريون براهوي شاعر آهي، جنهن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪيترن سُرن جو براهوي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

جوهر بروهيءَ جا ٻارن کان سواءِ سنڌي ادب جي ٻين موضوعن ۽ صنفن تي 15 کن ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن وقت فريد آباد، ضلعي دادوءَ ۾ رهائش پذير آهي.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حاجي 'حقير' ابن مگڻ:

مشهور شاعر، اديب ۽ حڪيم حاجي 'حقير' ابن مگڻ خاصخيلي ٻاراڻي ادب لاءِ تمام گهڻو لکيو آهي. سندس ٻارن لاءِ لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن ۾ (1) '**شهزادو صبر ۽ سون پري**' (1958ع)، (2) '**ڪيهر شينهن جي ڏيءُ**' (1958ع)، (3) '**پنج پينرون**' (1958ع)، (4) '**دادلو شهزادو**' (1858ع)، (5) '**سليماني گل جي دل**' (1958ع)، (6) '**راڻي ناز بيگم ۽ طوطا مئنا**' (1963ع)، (7) '**بيوقوف بادشاهه ۽ عقلمند وزير**' (1966ع)، (8) ۽ '**ڪل ۽ خوشي**' (1967ع) شامل آهن.

حاجي حقير 18 اپريل 1901ع تي ٽنڊي قيصر، ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. هُن قرآن پاڪ ۽ ديني تعليم وٺڻ کان پوءِ ڪجهه درجا سنڌيءَ جا پڙهيا. پوءِ حڪمت سکيو ۽ آخر تائين حڪمت جي پيشي سان لاڳاپيل رهيو. حاجي حقير ابن مگڻ نهايت خاموشيءَ سان سنڌي زبان جي خدمت ڪئي. هن نثر توڙي نظم ۾ تمام گهڻو لکيو آهي. ڪيس مذهبي ڄاڻ بہ سٺي هئي. مذهب جي موضوع تي بہ ڪجهه ڪتاب لکيائين. پر خاص ڪري ٻاراڻي ادب تي گهڻو لکيائين. ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن کان سواءِ ٻين موضوعن تي پڻ سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن.

حاجي 'حقير' ابن مگڻ انتهائي خوش خلق، ملنسار ۽ سادي طبيعت جو مالڪ هو. هو 30 مارچ 1981ع تي، ڳوٺ راول پهوڙ لڳ حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو.

## حسرت ملاح:

شاعر ۽ صحافي حسرت ملاح جو ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو 'ماءُ منهنجا ڳلَ چُميا' لکيل آهي، جڏهن تہ ٻارن لاءِ سندس نظم ۽ گيت، ٻارن جي مختلف رسالن جهڙوڪ ماهوار 'گل ڦل'، ماهوار 'گلڙا'، ماهوار 'ادا سائين'،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماهوار '**روشن دنيا**' ۾ ٻين رسالن سان گڏ اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن ۾ پڻ شايع ٿيندا رهندا آهن. ان کان سواءِ **حسرت ملاح** روزاني '**آفتاب**' اخبار جي ٻارن جي صفحي '**ٻارن جي دنيا**' ۾ صفحي جي انچارج **احمد خان شيخ** سان ٻانهن ٻيلي رهيو آهي، جڏهن ته حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي ماهوار رسالي '**ساٿيءَ**' جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ پڻ رهيو آهي.

**حسرت ملاح** جو اصل نالو **زاهد حسين ملاح** آهي، جيڪو حيدرآباد لڳ ڳوٺ طالب المولىٰ ڪالونيءَ ۾ پهرين مارچ 1978ع تي ڄائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽر مٽياريءَ مان ڪيائين. لکڻ جي شروعات 1998ع ۾ ڪيائين، سندس ڪيترائي گيت ۽ نظم ٻارن جي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

### خالد آزاد:

ليکڪ ۽ محقق **خالد آزاد** جي وڏي سڃاڻپ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکندڙ رسالا شايع ڪندڙ ۽ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ تحقيقي، تربيتي ۽ تخليقي ڪم ڪندڙ طور آهي. هيستائين سندس ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو تعداد پنج آهي، جڏهن ته هو حيدرآباد مان ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ ٻارن جي مختلف رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي. ٻارن لاءِ سندس ڇپيل ڪتابن ۾ '**جيجل جي هنج ۾**' (ڪهاڻيون) 2001، '**جانورن جو بادشاهه**' (ترجمو) 2001، '**ڏاها ڀائر**' (ترتيب) 2001، '**سچ اپرڻ ڪان پوءِ**' (ناول) 2005ع ۽ '**مڪڻيءَ جا قلا**' (2013ع) شامل آهن. هُو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ٻارن جي ادب واري شعبي جو انچارج ۽ مختلف تنظيمن ۽ ادارن جي بورڊن تي ميمبر پڻ رهيو آهي. سنڌي ٻاراڻي ادب بابت سندس تحقيقي مقالا مختلف ريسرچ جرنلن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن.

**خالد آزاد** 1 جنوري (اسڪول سرٽيفڪيٽ مطابق 23 جنوري) 1978ع تي ڳوٺ جلال وگهيي، ٽپال گهر مسو ڀرڳڙي، تعلقي حيدرآباد ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڄاتو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم مسو ڳڙيءَ مان حاصل ڪيائين. 1994ع ۾ مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ 1996ع ۾ ڏگري ڪاليج مٺياريءَ مان انٽر جو امتحان پاس ڪيائين. بعد ۾ هن بي اي ۽ ايم اي (سنڌي ادب) جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيو. سال 2000ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ پرتي ٿيو جتي ٻارن جي ادب جي شعبي جي انچارج سميت مختلف ذميواريون نڀائيندو رهيو آهي.

**خالد آزاد** کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي، اسلام آباد پاران **'نشان اعزاز'** سان گڏ سنڌ چلڊرن اڪيڊمي خيرپور، سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت مورو نٽ کٽ گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد، ماهوار ساٿي، حيدرآباد، روشن دنيا ٻالڪ سنگت، هيومن ڊيولپمينٽ ايسوسيئيشن حيدرآباد، ملير اسٽوڊنٽس ائنڊ رائيٽرز فورم ڪراچي، مونو پبلڪ انگلش هاءِ اسڪول حيدرآباد، پيرل قمبر ادبي سنگت شهدادڪوٽ، اداره تعليم و آگاهي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس اسلام آباد، خالقيه اڪيڊمي لاهور ۽ ٻين ادارن پاران ايوارڊ ڏنا ويا آهن. ٻارن جي ادب کان سواءِ خالد آزاد جا ٻيا به ڪتاب، تحقيقي مقالا، خاڪا ۽ مضمون به شايع ٿيل آهن.

## خالد پنهور:

مشهور ليکڪ ۽ ترجمي نگار **خالد پنهور** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ وڏو ڪردار آهي. هو شڪارپور مان شايع ٿيندڙ چڻنگ رسالن جو ايڊيٽر ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو تخليق ڪار آهي، جڏهن ته سندس ڪهاڻيون ٻارن جي سمورن رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. ٻارن لاءِ سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن ۾: **'چڻن سالن جو پوڙهو'** (ٻارن جون آکاڻيون) (1996ع)، **'شيطان جون ڪهاڻيون'**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(حڪايتون) (1996ع)، **’شيطان جون شرارتون‘** (حڪايتون) (1997ع)، **’نصيحت پريون ڪهاڻيون‘** (ٽي حصا) (1998ع)، **’گلن جون ڳالهيون‘** (ٻارڙن جي نفسيات: ترجمو) (2005ع)، **’سچا ٻول‘** (نبي سڳورن جا قول) (2006ع)، **’واندڪائيءَ جي ونڊر‘** (ٻارن لاءِ لوڪ ادب) (2007ع)، **’روشني روشني‘** (ترجمو: ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) (2009ع)، **’ڪائنات جون ڪهاڻيون‘** (مونولاگ) (2011ع)، **’دلچسپ‘** (ٻارن لاءِ قصا ــ ڪهاڻيون) (2012ع)، **’ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ‘** (2016ع) شامل آهن.

**خالد پٽيءَ** جو پورو نالو خالد سيف الله ولد محمد مراد پٽي آهي هو 1 سيپٽمبر 1968ع تي شڪارپور شهر ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمريءَ کان انٽر تائين جي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ايم.اي اسلامڪ ڪلچر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽيءَ خيرپور ميرس مان ڪيائين. هن لکڻ جي شروعات 1989ع کان ڪئي. ٻاراڻي ادب ۾ خدمتن عيوض ڪيس **’ساٿي رائيٽرس ايوارڊ‘** ۽ ٻيون ڪيترين ئي شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن. مٿي ڄاڻايل ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪتابن کان سواءِ مجموعي طور سنڌي ادب لاءِ سندس ٻيا به ڪتاب لکيل ۽ ترجمو ڪيل آهن.

**خالد پٽي** شڪارپور ۾ رهائش پذير آهي ۽ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

## خليل عارف سومرو:

مشهور شاعر **خليل عارف سومري** جا ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن تي ٻڌل ٻه مجموعا **’مهڪار‘**(1995ع) ۽ **’موتي ۽ مکڙيون‘**سال 2010ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، چار شوري ٻاران شايع ڪيا ويا آهن. سندس **’موتي ۽ مکڙيون‘** ڪتاب کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ٻاران سال 2012ع جو بهترين ٻارن جي شاعريءَ جو ڪتاب قرار ڏيندي ايوارڊ ۽ نقد انعام 25 هزار روپيا ڏنو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويو. ان کان سواءِ خليل عارف جا ٻارن لاءِ گيت ۽ نظم سنڌي جي مختلف ٻارن جي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن.

**خليل عارف سومرو** 18 نومبر 1965ع تي ضلعي دادوءَ جي شهر جوهيءَ ۾ نامور شاعر **احمد خان مدهوش** جي گهر ۾ ڄائو. هن آڪٽوبر 1978ع کان باقائده لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس تعليم ايم اي آهي ۽ هو سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد آهي. سندس شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندي رهندي آهي.

## خيال پٺي:

**خيال پٺيءَ** جو اصل نالو **عبدالستار ولد عبدالله پٺي** هو جيڪو 1930ع ڌاري حيدرآباد ۾ ڄائو. هو حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪندو رهيو. سندس شمار به انهن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو جن ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ٻارن لاءِ ڇپيل سندس ڪتابن ۾ **'احسان مند لومڙي'، 'سوا لک جو هيرو'، 'پراسرار شهزادي'** ۽ ٻيا شامل آهن، جيڪي گهڻي ڀاڱي آر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد وارن شايع ڪرايا.

عبدالستار 'خيال' پٺيءَ جو وڌيڪ تفصيل نه ملي سگهيو آهي.

## خير محمد لغاري:

ليکڪ ۽ ترجمي نگار خير محمد لغاريءَ جا ٻارن لاءِ چار **معلوماتي ڪتاب: 'بنيادي ايجادون'** (1999ع)، **'جانورن جو بادشاهه'** (2008ع)، **'دنيا جا عجوبا'** (2009ع) ۽ **'ٻليءَ جي نسل جا جانور'** (2010ع) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ڪيا ويا آهن. چئن ئي ڪتابن جا هڪ کان وڌيڪ ايڊيشن اچي چڪا آهن. ٻارن لاءِ سائنسي ۽ معلوماتي ادب جي سلسلي ۾ هنن ڪتابن جي نهايت گهڻي اهميت آهي. ان کان سواءِ خير محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لغاري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تياريءَ واري صلاحڪاري ڪميٽيءَ جو ڀريون انچارج پڻ رهيو آهي، جنهن دوران اٿارٽي، باقاعدي ٻارن جي ادب جي تياريءَ جو ڪم شروع ڪيو.

**خير محمد لغاري** 1 آگسٽ 1960ع تي ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ولي محمد خان لغاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان، جڏهن ته مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان، انٽر مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان ڪري، بي. اِي (B.E) مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيائين. ايم. اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيائين. هو هڪ وڏي عرصي کان وٺي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان وابسته آهي.

### دليپ ڪوٺارِي:

ليکڪ ۽ شاعر **دليپ ڪوٺاري**، ادب ۾ لکڻ جي شروعات ٻارن جي ادب کان ڪئي. سندس شروعاتي لکڻيون **سنڌي ٻارڙا پبلڪيشن** حيدرآباد ۾ شايع ٿيون. دليپ ڪوٺاري ڪيترن سالن کان هڪ غير سرڪاري اداري **"ترديپ- رورل ڊيولپمينٽ پروگرام"** مٺيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ ان ئي اداري جي پليٽ فارم تان ٻارن لاءِ جيڪي سندس ترتيب ڏنل يا ترجمو ڪيل ڪتاب شايع ٿيا آهن، تن ۾: **'ٻار گهرن ٿا پيار'**، **'پيار منجهان ڏيان پينگهو لوڏي'** (سنڌي لولين، هُلرائڻ ۽ هيجائڻ جي چونڊ)، **'مٺيءَ- هٿڙن جي ڪلا ۽ ٻوڏ سٽيل ٻارڙا'** (ٻارن جي چٽرڪاري ۽ نهڪنڊڙ شعرن جون سٽون). **'اچو ته پنهنجو ڳوٺ سڌاريون'** (صفائي سترائي ۽ ٻارن جي پورهئي جي حوصلي شڪنيءَ تي ڇهن طبعزاد ۽ ٻن چونڊيل گيتن جو ڪتابڙو) شامل آهن.

**دليپ ڪوٺاري**، مٺيءَ ۾ **پهلاج مل ڪوٺاري لوهاڻي** جي گهر ۾ 4 جنوري 1973ع تي جنم ورتو. شروعاتي، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم مٺيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ئي حاصل ڪيائين. جڏهن تہ گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن جا امتحان سنڌ زرعي يونيورسٽي، ٽنڊي ڄام مان (1991ع) ڏنائين. سنڌس ڪهاڻيون، شعر ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. دليپ ڪوٺاري ڪجهہ وقت '**عبرت مئگزين**' جو سب ايڊيٽر بہ رهيو آهي. هن مٺيءَ ۾ '**نينهن پبليڪيشن**' نالي هڪ اشاعتي ادارو بہ قائم ڪيو آهي، جنهن پاران ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا ويا آهن. دليپ ڪوٺاري مٺي (ٿرپارڪر) ۾ '**رابيل ريسورس سينٽر**' نالي هڪ ادارو بہ قائم ڪيو آهي. ان کان سواءِ سنڌي ادبي سنگت مٺيءَ جي سيڪريٽري ۽ ضلعي ٿرپارڪر جي رابطا سيڪريٽريءَ طور پنهنجي دور ۾ نہ رڳو سرگرم رهيو پر ڪيترا ادبي ۽ ثقافتي پروگرام بہ ڪرائي چڪو آهي.

## ڊاڪٽر محمد افتخار کوکر:

پاڪستان ۾ ٻارن جي ادب ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان اديبن جي ترتيب جي ڏس ۾ **ڊاڪٽر محمد افتخار کوکر** جو نالو ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. هن دعوه اڪيڊميءَ جي '**ٻارن جي ادب**' شعبي جي پليٽ فارم تان اردو، سنڌي، پشتو ۽ ٻين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ تربيتي ورڪشاپ ڪرايا، انعامي تحريري مقابلا ڪرايا، ٻارن جي رسالن ڪي خاص نمبر تحت مقابلا ڪرائي همت افزائي ڪئي ۽ ٻارن جي ليکڪن لاءِ تربيتي، تحريري ۽ نظرياتي همت افزائي ڪئي. سندس ڇپيل ڪِن ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي، جن ۾ '**نورپور**'ءِ '**گهر گهڻي ۽ اسڪول جون آکاڻيون**' (مترجم: خالد ڀٽي) شايع ٿيل آهن.

**ڊاڪٽر محمد افتخار کوکر** 17 ڊسمبر 1952ع تي سيالڪوٽ جي ڀرپاسي جي هڪ ڳوٺ '**ڪلاسوالا**' ۾ ڄائو. مئٽرڪ تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي پڙهيو جڏهن انٽر گورنمينٽ ڪاليج پسرور، بي اي ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يونيورسٽي ۾ ايم. اي پنجاب يونيورسٽي لاهور مان ڪيائين. بعد ۾ پي. ايڇ. ڊيءَ جي ڊگري پروفيسر ڊاڪٽر مسڪين علي مجازيءَ جي نگرانيءَ ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ لاهور مان 1997ع ۾ حاصل ڪيائين.

ٻارن جي ادب سان ننڍپڻ کان ئي لڳاءُ هُئس. هن پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ 1975ع ڌاري سائيڪلو اسٽائيل مشين ذريعي ٻارن جو رسالو ’پيغام‘ جاري ڪيو. بعد ۾ لاهور شفٽ ٿيڻ کان پوءِ ان کي آفيسٽ مشين تي ڇپايائين. هاڻي اهو رسالو ’پيغام ڊائجسٽ‘ جي نالي سان، گذريل 37 سالن کان لاهور مان ئي شايع ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر ڪوکر صاحب 1986ع ۾ دعوه اڪيڊميءَ ۾ بطور ليڪچرر مقرر ٿيو. مئي 1987ع ۾ ٻارن جي ادب واري شعبي جو باني انچارج مقرر ٿيو. ڊاڪٽر ڪوکر جا 60 کان مٿي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ اڪثريت ٻارن جي ڪتابن جي آهي. سندس 16 ڪتابن تي انعام ملي چُڪا آهن. 6 ڪتابن تي صدارتي اوارڊ پڻ مليل آهي. ٻارن لاءِ لکيل سندس ناول ’توربور‘ جا 21 ايڊيشن شايع ٿي چُڪا آهن. جيڪو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چُڪو آهي. هن 2013ع ۾ دعوه اڪيڊميءَ تان رٽائرمينٽ ورتي آهي.

**ڊاڪٽر تنوير عباسي:**

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو شاعر تنوير عباسيءَ جو ٻارن لاءِ شاعريءَ تي ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب ’ٻاراڻا ٻول‘ جي نالي سان ڇپيل آهي، جنهن کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشوري پاران 1991ع ۾ شايع ڪيو ويو. 34 صفحن تي مشتمل هن ڪتابڙي جي قيمت =/15 روپيا آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو اصل نالو نور نبي عباسي هو. هو 7 ڊسمبر 1934ع تيضلعي خيرپورميرس جي سوڀيديري شهر ۾ ڄائو. تنوير عباسي شروعاتي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ايف جي وي هاءِ اسڪول ۽ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. هن 1960ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس خدمتن تي ڪيس **انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي**، رائيٽرس گلڊ، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، لطيف اڪيڊمي ۽ ٻين ادارن پاران ڪيترائي ايوارڊ مليا. هو سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل، پاڪستان رائيٽرس گلڊ، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن جو ميمبر ۽ سچل چيئر جو ايڊوائيزر رهيو. تنوير عباسيءَ جا ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن.

ڊاڪٽر تنوير عباسي 25 نومبر 1999ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

**ذوالفقار سيال:**

نامياري شاعر **ڊاڪٽر ذوالفقار سيال**، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شعري ادب جي تخليق ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. هن ابتدا ۾ ڪهاڻيون لکيون، پر بعد ۾1972ع ۾ شاعري شروع ڪيائين. هن ٻاراڻي وهيءَ کان وٺي ٻارن لاءِ وڏي اتساهہ سان پئي لکيو آهي ۽ ٻارن لاءِ اڃا تائين لکندو اچي پيو. هن وقت تائين سندس ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو تعداد نو (9) آهي، جن ۾ **’مکڙين مالها‘** (1979ع)، **’منهنجي ديس جا ٻار‘** (1982ع)، **’گيت ڪيڏونا‘** (1983ع)، **’گلڙن جهڙا گيت‘** (1986ع)، **’لفظن جا رانديڪا‘** (1989ع)،**’اکر اکر سرهاڻ‘**، (2002ع)، **’مکڙيون ۽ گلاب‘** (2006ع)، **’دعائون‘** (2010ع) ۽ **’پنهنجي ٻولي، پياري ٻولي‘** (2013ع) شامل آهن.

**ذوالفقار سيال** ولد سرائي محمد خان سيال 28 مئي 1957ع تي ڳوٺ فريدآباد، تعلقي ٻاقراڻي، ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن 1972ع ۾ مئٽرڪ ڪئي. بعد ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم. بي. بي. ايس جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد 1984ع ۾ ڪميشن جو امتحان ڏئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج کان عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين. هو آر. ايم. او (ايڊمنسٽريشن) ايل. ايم. سي حيدرآباد ۾ لاڙڪاڻو اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر حيدرآباد، ايڊيشنل پوليس سرجن جناح اسپتال ڪراچي ۾ ايم. ايس چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال لاڙڪاڻو ۾ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو جو ايم ايس بہ رهيو آهي.

**ڊاڪٽر ذوالفقار سيال** 1974ع ۾ **’چانڊوڪي پبليڪيشن لاڙڪاڻي‘** جو بنياد وڌو جنهن تحت هڪ رسالو ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيائين. هو سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي **’سنگت‘** مخزن جو چيف ايڊيٽر رهيو آهي. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال 1972ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي جو سيڪريٽري، 1976ع ۾ شاخ ايل. ايم. سي جو سيڪريٽري، 1996ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو مرڪزي خزانچي ۽ 2006ع ۾ ٻن سالن لاءِ سنگت مرڪز جو سيڪريٽري جنرل پڻ رهيو آهي. ٻارن لاءِ سندس ڇپيل ڪتابن کان سواءِ ٻيا بہ ڪتاب ڇپيل اٿس.

## زاهد شيخ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ قومي گيتن جي حوالي سان مشهوري ماڻيندڙ **زاهد شيخ** جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **’جيجل تنهنجي جهول ۾‘**، 1988ع ۾، جيجل اشاعت گهر، سکر پاران شايع ڪيو ويو. ٻارن جي ادب ۾ شاعريءَ جي هن مجموعي جي وڏي اهميت آهي.

**زاهد شيخ** خيرپور ضلعي جي ڳوٺ ماهي شيخ ۾ 1 جنوري 1964ع تي **گل محمد شيخ** جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس نالو **حاڪم علي شيخ** رکيو ويو. هن ابتدائي تعليم، پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول شاهہ لڏاڻيءَ مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ گورنمينٽ، ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ سکر، انٽر ممتاز ڪاليج خيرپور ميرس ۽ بي اي پاڪستان ڪاليج خيرپور ميرس مان پاس ڪيائين. هن شاعريءَ جي شروعات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1975ع ۾ ڪئي. سندس پهريون شعر سکر جي مقامي اخبار روزاني 'نجات' ۾ 1981ع ڌاري 'بسمل ناشاد' جي نالي سان شايع ٿيو. ساڳئي ئي نالي سان 1982ع ۾ مهراڻ ادبي سيريز ۾ سندس تعارف شايع ٿيو. 1983ع ۾ 'زاهد شيخ' جي نالي سان لکڻ شروع ڪيائين جڏهن ته 1985ع کان مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري شايع ٿيندي رهي آهي. زاهد شيخ هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

## زيب نظاماڻي:

ناميارِي ليکڪ **زيب نظاماڻيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جو مجموعو 'هلو هلون اسڪول' جي نالي سان، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري پاران سال 2013ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، جنهن کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سال 2013ع جو ٻارن لاءِ بهترين ڪتاب قرار ڏيندي ايوارڊ ۽ نقد انعام سان نوازيو ويو آهي. ان کان سواءِ زيب نظاماڻي، سنڌ ۾ ٻارن جي غيرنصابي سرگرمين دوران ٽيبلوز خاڪا ۽ ڊراما پيش ڪرڻ ڏس ۾ پڻ تمام گهڻي مشهور آهي. هوءَ 'جوت ٻارڙا سنگت' جي پليٽ فارم تان پڻ ٻارن جون غير نصابي سرگرميون ڪرائيندي رهي آهي.

**زيب نظاماڻي** 17 آگسٽ 1963ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ پيدا ٿي. سندس تعليم ايم اي (سنڌي ادب) آهي. هوءَ هڪ ئي وقت اسٽيج اداڪاره، استاد، گلوڪاره، ڪهاڻيڪاره، شاعره ۽ ڪالم نويس آهي. سندس ادبي ۽ سماجي خدمتن جي ڪري ڪيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن. زيب نظاماڻي سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد آهي.

## سڪندر سرواڻ:

**سڪندر سرواڻ** جو اصل نالو **سڪندر علي سومرو** آهي. هن 1976ع ۾ ٻارن لاءِ نظم لکي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. هن ٻارن لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

300 کان وڌيڪ نظم لکيا آهن. **'سرها گل ساٿيهہ جا'** سنڌس ٻارڙن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو ڇپجي چڪو آهي، جنهن کي سال 1992ع جو بهترين ڪتاب سمجهندي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ايوارڊ بہ ڏنو ويو. **سڪندر سرواڻ**، 1989ع ۾ ٻارن لاءِ ڪراچيءَ مان **'مرڪ'** ميگزين شروع ڪيو جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين شايع ٿيندو رهيو. اهڙي ڪم تي ميجتا طور سنڌي ادبي سنگت پاران ڪيس سند بہ ملي چڪي آهي.

**سڪندر سرواڻ** 22 جون 1957ع تي ڳوٺ هيري خان، لڳ جوهي ۾ پيدا ٿيو. 1982ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جوائن ڪيائين. 2 سال اردو رسالي **'ٽوٽ بٽوٽ'** جي سنڌي حصي جو انچارج رهيو آهي. ٻاراڻي ادب ۾ سنڌس خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن.

## سميع 'ساجد' جوڻيجو:

شاعر ۽ ليکڪ **سميع ساجد جوڻيجو** ڳڙهي ياسين مان ٻارن لاءِ نڪرندڙ مئگزين **'پوپٽ'** جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي ۽ ٻارن لاءِ لکيل سنڌس شاعري جو هڪ مجموعو **'لفظن جا پوپٽ'** سال 2007ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ضلع شڪارپور پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. سميع ساجد، ٻالڪ ادبي فورم رتيديري جو صدر ۽ سنڌي ادبي سنگت ضلعي لاڙڪاڻي جو رابطہ سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي.

**سميع ساجد** پهرين اپريل 1963ع تي شڪارپور ضلعي جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي هڪ تاريخي ڳوٺ نم شريف ۾ ڊاڪٽر غلام سرور **'حاذق'** جوڻيجي جي گهر ۾ ڄائو. هن لکڻ جي شروعات 1978ع کان ٻاراڻي شاعري سان ڪئي. سنڌس تعليمي قابليت بي ايڊ، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) آهي ۽ هُو پيشي جي لحاظ کان سنڌ جي تعليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاتي سان وابستہ آهي. هن وقت رتيديري ۾ رهائش پذير آهي. ڪيس ادبي خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ملي چڪيا آهن.

## سوسن مرزا:

سنڌي ٻوليءَ جي ناماري ليکڪا ۽ شاعره **سوسن مرزا** ٻارڙن لاءِ انتهائي خوبصورت شاعري ڪئي آهي. هوءَ ٻارڙن جي تنظيم **'گلن جهڙا ٻارڙا'** سان پڻ وابستہ هئي. ان ئي تنظيم سندس ٻارڙن جي شاعريءَ جو مجموعو **'سيان جا پيجل'** 1977ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب جو مهاڳ ناماري شاعره **سحر امداد** لکيو آهي.

هن 23 نومبر 1957ع تي ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد جي مرزا خاندان جي ادبي گهراڻي ۾ جنم ورتو. تعليم جي شعبي سان وابستہ سوسن مرزا سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪرڻ سان گڏ بي ايڊ ۽ ايم ايڊ بہ ڪئي. سندس شاعري سنڌ جي سمورن رسالن ۾ شايع ٿي چڪي آهي. هوءَ 6 جنوري 2002ع تي لاڏاڻو ڪري ويئي ۽ هن وقت بلند شاهہ ٽنڊي نوڙهي جي قبرستان ۾ ابدي آرامي آهي. سندس شاعري، ڊائري ۽ نثري تحريرون وڏي تعداد ۾ اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهن.

## شمس الدين سومرو

**شمس الدين سومرو** سنڌي ٻاراڻي ادب جو نهايت ئي اهم نالو هو. هو سنڌي ادبي بورڊ جو ملازم هو. حيدرآباد ۾ **محمود يوسفاڻي، حاجي عنايت الله عباسي، صبغت الله ميمڻ** ۽ ٻين اديبن سنڌ جي ٻارن لاءِ لکڻ ۽ انهن لاءِ ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو تہ شمس الدين سومرو انهن سان گڏ گڏ رهيو. هن ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب لکيا پر بدقسمتيءَ سان ٻارن لاءِ لکيل سندس سمورن ڪتابن جو تفصيل ملي نہ سگهيو آهي، البت جن ڪتابن جو تفصيل مليو آهي، تن ۾ **'شيري ۽ پوري'**، 'جنهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رب رکي‘ (ڪهاڻيون-1998ع)، ’نيڪي جو بدلو نيڪي‘ (ڪهاڻيون-2000ع)، ’روپي آئي خوشبو آئي‘ (2000ع) ۽ ’ماسي ڪتو‘ ۽ ٻيا شامل آهن.

شمس الدين سومرو حيدرآباد جي قديم پاڙي ’واڍن جي پڙ‘ ۾ 25 مارچ 1948ع ۾ ڄائو. هن پنهنجي تعليم حيدرآباد جي ئي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن مان حاصل ڪئي. بعد ۾ هن سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت حاصل ڪئي ۽ اتان ئي رٽائرمينٽ ورتائين. هن عمر جي آخري ڏينهن تائين ٻارن لاءِ لکيو. گل ڦل ۽ سنڌ جي ٻين رسالن ۾ سالن جا سال سندس ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيو. هن ’نٽ کٽ‘ سميت ٻارن جي اردو رسالن ۾ پڻ خوب لکيو.

سنڌي ٻاراڻي ادب جو هي خدمتگار شمس الدين سومرو 4 آگسٽ 2012ع تي اوچتو دل جي دوري سبب حيدرآباد جي قديم پاڙي واڍن جي پڙ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## شمشير الحيدري:

سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر شمشير الحيدري، پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، ڪراچي مرڪز تي، سنڌي ٻارڙن جي واحد پروگرام ’روشن تارا‘ جا هڪ وڏي عرصي تائين اسڪرپٽ لکيا. ان دوران هن پروگرام لاءِ ڪيترائي مزيدار گيت لکيا، جيڪي مختلف راڳين پڻ ڳايا. سال 2012ع ۾ شمشير الحيدريءَ جي پُٽ سليم حيدري، پنهنجي پيءُ جي لکيل ٻارن جي گيتن جو مجموعو ’روشن تارا‘ سهيڙيو جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي شايع ڪرايو آهي.

شمشير الحيدريءَ جو اصل نالو شمشير علي ولد رسول بخش خواجو هو جيڪو 15 سيپٽمبر 1931ع تي بدين ضلعي جي ڳوٺ ڪڏڻ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم سنڌي ۽ چار درجا انگريزي جا بدين ۾ پڙهڻ کان پوءِ انگريزي ستين ڪلاس تائين سنڌ مدرسة السلام ڪراچيءَ ۾ پڙهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اديب سنڌي ۽ اديب عالم سنڌيءَ جي سند 1950ع ۾ اورينٽل ڪاليج ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ ورتائين. سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ بي. اي آنرس ڪرڻ سان گڏ ايم. اي پڻ سنڌي ادب ۾ ڪيائين. سندس شاعري، ترجمي ۽ ٻين موضوعن تي لکيل ڪتابن جو تعداد ڏهن کان مٿي آهي.

شمشير الحيدريءَ کي سندس علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسيئيشن، سنڌي ادبي سنگت، عوامي آواز سٽ، ماهوار نئين زندگي، سنڌي اڪيڊمي دهلي ۽ ٻين ادارن پاران ڪيترائي مڃتا اوارڊ ڏنا ويا آهن. شمشير الحيدري سنڌي ادبي بورڊ جو ٽي سال سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت جو ٻارهن سال سيڪريٽري، اردو ڊڪشنري بورڊ جو ٽي سال ميمبر، فلم سينسر بورڊ جو ٽن سالن تائين ميمبر، سنڌ گرئجوئيٽس ايسوسيئيشن جو باني ميمبر، پريس ڪلب ڪراچيءَ جو ميمبر، پاڪستان آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ جو ميمبر، پاڪستان حڪيمن جي ڪائونسل جو ميمبر رهڻ سان گڏ ينگ مين ڪرسچن ائسوسيئيشن ڪراچيءَ جي ادبي ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو.

سنڌ جو سرموڙ شاعر ۽ اديب 9 آگسٽ 2014ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## شوڪت چاچڙ:

نوجوان ليکڪ **شوڪت چاچڙ** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'اڌوري تصوير'** نومبر 2008ع ۾ **سنڌي ادبي بورڊ** پاران شايع ڪيو ويو. ان کان اڳ شوڪت چاچڙ جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ مختلف رسالن ۾ ڇپجنديون رهنديون آهن. ڪيس ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين تي حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ ٻارن جي ماهوار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رسالن: **’نٽ ڪٽ‘** ۽ **’ساٿي‘** پاران ايوارڊ ۽ مختلف ادارن پاران سرٽيفڪيٽ پڻ مليل آهن. هن نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن پاران ٻارن جي ليکڪن لاءِ ٽيندڙ هڪ ورڪشاپ ۾ ڪوآرڊينيٽر طور پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جڏهن تہ **’يوٿ رائيٽرس فورم‘** جو پڻ سيڪريٽري رهيو آهي.

**شوڪت چاچڙ** 3 مارچ 1986ع ۾ پني عاقل، ضلعي سکر ۾ ڄائو. ابتدائي، ثانوي تعليم پنو عاقل مان حاصل ڪيائين. جڏهن تہ اعليٰ ثانوي تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان لاڳاپيل آهي.

## طارق قريشي:

مشهور ليکڪ **طارق قريشيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل ناول **’ٻالڪ فورس ۽ يوٿ بلڊنگ‘** 1993ع ۾، سچائي اشاعت گهر، دڙي پاران ۽ ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو **’سپر مين‘** ڪاڇي پبليڪيشن پاران شايع ٿيل آهن. هن ٻارن لاءِ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. 1988ع ۾ ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪهاڻي **’فهميده‘** کي دعوه اڪيدمي، بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي، اسلام آباد پاران پهريون انعام ڏنو ويو. ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين ۽ هڪ ناول کان سواءِ طارق قريشيءَ جا سنڌي ادب ۾ 5 ٻيا ڪتاب بہ شايع ٿيل آهن.

**طارق قريشي** 17 سيپٽمبر 1969ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ اعليٰ ثانوي تعليم لاءِ حيدرآباد هليو آيو. ان دوران هن سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ غيرسرڪاري ادارن ۾ ملازمت پڻ ڪئي. هن وقت هو هڪ خانگي ٽي وي چئنل سان لاڳاپيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ظفر جوڻيجو

نامياري ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ **ظفر جُوڻيجي** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاريَ جي سلسلي ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هن نه رڳو2007ع ۾ **روزينا جوڻيجو** سان گڏ **’فينيڪس بوڪس‘** جي نالي سان ٻارن جي ادب جو اشاعتي ادارو قائم ڪري ٻار لاءِ معلوماتي ۽ دلچسپ ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو پر مختلف ادبي ميلن ۽ ڪانفرنس ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ تحقيقي مقالا پڙهيا ۽ سيشن ورتا. هن ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري پڻ ڇپايا. هن ٻارن لاءِ قائم ڪيل پنهنجي اشاعتي اداري **’فينيڪس بوڪس‘** ٻاران ڏاڪن تي ٻڌل ڪتابن جي اشاعت ڪي يقيني بڻائي هڪ نئون ۽ جديد رجحان پيدا ڪيو.

**ظفر جوڻيجو** 1 جون 1965ع تي ڳوٺ ٻورڙي، ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمريءَ کان وٺي انٽر تائين جي تعليم پنهنجي ڳوٺ، دادو ۽ حيدرآباد جي مختلف اسڪولن مان ورتي. بعد ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ رورل ڊويلپمينٽ ۾ ماسٽرس ڪئي. هو ڊويلپمينٽ سيڪٽر جي مختلف غيرسرڪاري ادارن سان گڏ ڪم ڪندو رهيو آهي. هن **’اڃهاميو ٻران‘** جي نالي سان هڪ ناول پڻ لکي سنڌي ادب ۾ ۾ خوبصورت واڌارو ڪيو آهي.

## ظفر عباسي:

نامياري شاعر ۽ محقق **ظفر عباسيءَ** جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو **’تارا تارن هيٺ‘**ساهتي پبليڪيشن، ڪنڊياري پاران 1981ع ۾ شايع ٿيو. ان کان سواءِ ظفر عباسيءَ جو ٻارن لاءِ مشهور ناول **’حليم حرڪتي‘** سنڌ نيوز اخبار، حيدرآباد ۾ قسطوار ڇپجندو رهيو. هن ٻارن لاءِ ڪيترائي خوبصورت گيت ۽ نظم پڻ لکيا آهن، جيڪي مختلف ٻاراڻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. ظفر عباسي ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ادبي بورڊ ڇام شوري مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مقبول رسالي **'گل ڦل'** جو اعزازي ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

**ظفر عباسيءَ** جو پورو نالو **ڊاڪٽر ظفر الدين عباسي** آهي، جيڪو ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ آباد ۾ 2 اپريل 1964ع تي ڄائو. ايم بي بي ايس ۽ آر ايم پي ڪرڻ بعد پنهنجي ئي شهر ۾ ڪلينڪ قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادب لاءِ به لکندو رهيو. ٻارن ڪان سواءِ سنڌس 15 ڪان وڌيڪ ڇپيا به ڪتاب (ترتيب، ترجموءِ طبعزاد) به شايع ٿيل آهن. ظفر عباسي ماهوار **'سنڌ رنگ'** ۽ **'هالار'** جي ايڊيٽر هجڻ دوران به ڪافي ڪتاب ترتيب ڏنا، جن سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري روزاني ڪاوش، خادم وطن، ڪوشش ۽ شام اخبارن ۾ به وڏي عرصي تائين ڪم ڪندو رهيو آهي. هن ٻارن جي شاعريءَ سان گڏ شاعريءَ جي مڙني صنفن تي به لکيو آهي. هُو هن وقت حيدرآباد ۾ رهي ٿو ۽ پنهنجي اداري اين ٽي ايف گرافڪس جو چيئرمئن آهي.

## عابده گهانگهرو:

**عابده گهانگهرو** جو ٻارن جي آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب **'ماريه ميز ۽ لائبريري'** (2014ع) شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ هُن ٻارڙن جي اندر جي احساسن ۽ هندن سماجي ڪيفيت کي چڱي طرح پرکيو آهي.

**عابده گهانگهرو** 1 فيبروري 1969ع تي ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهري جي گهر ۾، محرابپور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائي. هوءَ ناليواري محقق ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جي شريڪ حيات آهي. گذريل پندرهن ويهن سالن کان لکي رهي آهي. روزاني عوامي آواز ڪراچيءَ ۾ عورتن جي شايع ٿيندڙ صفحي سورميءَ جي لاڳيتو ڏهه يارهن سال انچارج / ايڊيٽر رهي چڪي آهي. سندس ڪهاڻيون 'عوامي آواز' اخبار ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**عاجز ميرواهي:**

عاجز ميرواهيءَ جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو هڪ مجموعو 'ٻول انمول' جي نالي سان ڇپيل آهي، جيڪو الهام ادبي اڪيڊمي ٺري ميرواهه ضلع خيرپور طرفان 2013ع ۾ شايع ڪرايو ويو.

**عاجز ميرواهي** 1 جنوري 1980ع ۾ ڳوٺ شاهه محمد لغاري، تعلقي ميرواهه ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ئي حاصل ڪئي، جڏهن ته ميٽرڪ ۽ انٽر ٺري ميرواهه شهر مان ڪيائين. عاجز ميرواهي 2006ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ هن وقت گورنمينٽ ڊگري ڪاليج بوزدار وڏا ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. هن 1996ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هن وقت تائين سنڌ مان شايع ٿيندڙ ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ ادبي صفحن ۾ لکي چڪو آهي.

**عبدالجبار 'عبد':**

مشهور اديب **عبدالجبار 'عبد'** 20 ڊسمبر 1960ع ۾ ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ مريد سينار ۾ جان محمدَ سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. هن سنڌي ادب ۾ ايم اي ۽ ايم ايڊ ڪئي آهي. سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد آهي. **عبدالجبار 'عبد'** 1979ع ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. هن ٻاراڻي ادب جي لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، جنهن عيوض کيس ڪيترائي انعام ۽ اعزاز ملي چڪا آهن. سال 1994ع ۾ ٻاراڻي ادب ۾ ڪيل قلمي پورهئي تي کيس 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد' پاران ٻيو نمبر انعام (هڪ هزار روپيا نقد ۽ سند) ڏنو ويو. 1998ع ۾ 'دعوه اڪيڊمي اسلام آباد' جي سنڌي شعبي پاران ڪهاڻي نويسيءَ جي مقابلي ۾ ٻيو نمبر کڻڻ تي کيس ٻه هزار روپيا روڪ ۽ سند ڏني وئي. سال 2004ع ۾ 'سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور' پاران **'سنڌي ٻاراڻي ادب'** جي واڌاري لاءِ ڪيل خدمتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مڃتا طور ڪيس ايوارڊ ڏنو ويو. سال 2005ع ۾ ’سنڌ رائيٽرس ادبي فورم سنڌ‘ پاران ’ٻاراڻي ادب ۾ نمايان ڪارڪردگي سرانجام ڏيڻ تي ڪيس ’سنڌ ۽ ايوارڊ‘ ڏنو ويو. عبدالجبار ’عبد‘ جا ٻارن لاءِ ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ **’عقلمند فقير‘، ’راڪاس ۽ برڙ باڪاس‘، ’چور جي ڳولا‘، ’اوڌر ۽ نقد‘، ’ضدي ٻالڪ‘، ’جادوءَ جو ڏنڊو‘، ’ڏيڍر شهزادو‘، ’جادوءَ جي ٽوپي‘، ’ڏائڻ شهزادي‘، ’پراسرار حويلي‘، ’بت تراش شهزادو‘، ’صحرا جو چور‘، ’وچايل دولت‘، ’فقير ته ڦند‘، ’امڙ جي دعا‘، ’ڏاڏا سائين آءٌ به روزو رکنديس‘، ’فيصلو‘، ’سوداگر‘، ’سندس ياڳ‘ ۽ ’حورن جي هنج ۾‘** شامل آهن. هن نثار بزميءَ جي ٻارن لاءِ شاعريءَ جو ڪتاب **’ٻٽ ٻٽ ٽنهنجا ٻول‘** ۽ **’شوق شڪارپوريءَ‘** جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري جو ڪتاب **’ٻار اکين جا ٺار‘** پڻ ترتيب ڏنا آهن. ان کان علاوه عبدالجبار عبد جا لکيل درسي ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن.

## عبدالحئي پلئو:

ليکڪ ۽ شاعر **عبدالحئي پلئو** بنيادي طور تي ٻارن جو ليکڪ ۽ شاعر آهي. ٻارن لاءِ ڪهاڻين تي ٻڌل سندس هڪ مجموعو ٻالڪ ادبي فورم پاران **’گلابن جي خوشبوءِ‘ جي نالي** سال 2000ع ۾ ڇپيل آهي. هن ٻارن لاءِ شاعري به ڪئي آهي ۽ سندس ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **’سهڻا ٻالڪ سنڌ جا‘** اين اي جان فائونڊيشن حيدرآباد پاران سال 2010ع ۾ ڇپيل آهي، ان کان سواءِ ٻارن لاءِ مضمونن جو مجموعو **’ماڻڪ هر هڪ هٽ ۾‘** سال 2013ع ۾ اين اي جان فائونڊيشن حيدرآباد پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. جڏهن ته هن ٻالڪ ادبي فورم جي علمي ۽ ادبي سرگرمين جي رپورٽن تي ٻڌل هڪ ڪتاب پڻ ترتيب ڏنو آهي. سندس ڪهاڻيون ۽ شعر، ٻارن جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عبدالحئي پٽو 2 فيبروري 1975ع تي ماتيلي مومل جي ماڙي ضلعي گھوٽڪيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم ايم. اي آهي ۽ هو پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. ٻالڪ ادبي فورم کي فعال بنائڻ ۽ سرگرم رکڻ ۾ هن جو وڏو هٿ آهي. هو هن وقت ٻالڪ ادبي فورم جو مرڪزي صدر ۽ ميرپور ماٿيلي ۾ استاد آهي.

## عبدالرحمان جتوئي:

عبدالرحمان جتوئي پهرين نومبر 1946 تي پيدا ٿيو. سندس تعليم ايم اي، بي ايڊ آهي. هن سنڌي ٻاراڻي ادب تي گھڻو ڪم ڪيو آهي. سال 1994 ۾ ٻاراڻي ادب تي ڪم ڪرڻ تي 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد' پاران کيس پهريون انعام ۽ هزار روپيا روڪ ۽ سند ڏني وئي. عبدالرحمان جتوئيءَ جا ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾: 'اخلاقي آکاڻيون'، 'عقلمند صوبيدار'، 'عقلمند طوطو'، 'عقلمند درويش'، 'عقلمند جهرڪي'، 'عقلمند ڪانءُ'، 'عقلمند قاضي'، 'عقلمند فقير'، 'مزدور شهزادو'، 'حجم ۽ ديو'، 'هنيلا جن'، 'هيڻن جو همدرد'، 'سچيون ڪهاڻيون'، 'ماڻڪ موتي' (چار حصا)، 'عقلمند حڪيم'، 'عقلمند ٻوڙو'، 'عقلمند مالهي'، 'ابابيلن جي بمباري'، 'سياڻو گدڙ 'عقلمند چوڪرو'، 'عقلمند سهو'، 'عقلمند سپهه سالار'، 'نيل نديءَ جي ڪنوار' (اسلامي آکاڻيون)، 'اسلامي آکاڻيون ۽ سوري جنين سينگار' شامل آهن.

## عبدالغفار سومرو:

عبدالغفار سومري جا ٻارن لاءِ ٽي ڪتاب لکيل آهن، جيڪي ٽيئي مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور پاران شايع ڪيا ويا آهن. سندس پهريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب ’**جيڪو پيءُ ڪي پڳ ٻڌائي**‘ ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب آهي، جيڪو 1996ع ۾ شايع ٿيو. سندس ٻيو ڪتاب ’**لالچي ڪانءُ**‘ (2013ع) ۽ ٽيون ڪتاب ’**جاڳو جاڳو**‘ (ٻارن لاءِ ناوليٽ) (2016ع) ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

عبدالغفار ولد پير محمد سومرو هڪ جنوري 1974ع تي ڳوٺ ستار ڏني ڏکڻ تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ڄائو. هن پرائمري کان مڊل تائين تعليم ڳوٺ گل محمد ملڪ مڊل اسڪول ڏهرڪيءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ مئٽرڪ اوباوڙي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. هن بعد ۾ بي. اي ۽ بي. ايڊ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي، خيرپور مان ڪئي. عبدالغفار سومرو هن وقت تعليم کاتي ۾ استاد آهي.

## عزيز ڪنگراڻي:

ناميارو ليکڪ ۽ محقق **عزيز ڪنگراڻيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل کهاڻين جو مجموعو ’**سنڌ پري**‘ سال 1999ع ۾ نئون جنم پبليڪيشنس، حيدرآباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل کهاڻين جي مجموعن ۾ هن مجموعي جي تمام گهڻي اهميت آهي. عزيز ڪنگراڻي، هن مجموعي ۾ شامل ٻارن جي کهاڻين ۾، سنڌ جي ٻار جي سماجي ۽ معاشي صورتحال جي عڪاسي ڪئي آهي.

**عزيز ڪنگراڻيءَ** 4 جنوري 1958ع تي سومار خان ڪنگراڻيءَ جي گهر ۾، ڳوٺ حاجي ڪنگراڻي، تعلقي جوهي، ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان اسلامڪ ڪلچر ۾ ماسٽرس ڪئي آهي، جڏهن تہ بي اي سي ۽ بي ايڊ جون ڊگريون بہ حاصل ڪيون اٿس. هو هڪ ئي وقت اديب، ڊرامہ نگار، استاد ۽ آرڪيالاجيءَ جو ماهر آهي. سندس ڪيترائي ڊراما ٽي ويءَ تان نشر ٿي چڪا آهن. ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانسواءِ سندس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن. هو پيشي جي لحاظ کان استاد آهي ۽ تاريخ ۽ آرڪيالاجيءَ سان دلچسپي رکي ٿو.

### عطا محمد ڀنڀرو:

سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب ۽ ترجمي نگار عطا محمد ڀنڀري ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. جيڪي مختلف ادارن ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. جيتوڻيڪ ڀنڀرو صاحب بنيادي طور تي مورخ ۽ مترجم آهي، پر سندس شروعات ٻه ٻاراڻي ادب سان ٿي. سندس ٻارن لاءِ ترجمو ڪري ڇپايل ڪتابن ۾ 'ڀڪين ڀچارون'، 'ڦلواڙي'، 'صبح صدوري'، 'گنيش گونجارون'، 'ڦل پتي'، 'موتين مالها'، 'پير پڪا'، 'ڀچ لاڙ'، 'سونهن ديوي ۽ ست جامڙا'، 'ڀچ پتو'، 'سورهيه سانوڻ'، 'بسنتي'، 'ڏنو ۽ سنڌس ڏاند'، 'مگهن مگڻهار'، 'ڀهڳڻ ۽ ٻلي'، 'ڦوڻ جي ڪچي شهزادي'، 'گوتم ٻڌ جي مورتي ۽ ٻه ڳالهايو'، 'لاما ۽ ڍڪڻ'، 'شهزادي پورٻاري'، 'گابي جي ڪل'، 'ڏنو ٿِئي نه ڪنو'، 'گدڙ شير، جهنگ جو بادشاهه'، 'ٽڙول متارو تاريل ڇوڪرو'، 'ٽوپي ڪتي ۽ بگهڙ جي ڳالهه'، 'ننڍڙ شهزادي'، 'لالو ۽ لالچي لومڙ'، 'ڪرامتي پادري'، 'ڪُئي جي شرط'، 'ڪيڏاري جي قرباني'، 'ٻتاڪي ٻانگو'، 'هڪ جنگهيو فوجي'، 'شهزادو پالار ۽ پٽر جي داڙهي'، 'پاڇو ٻه ڪنهنجو'، 'ڏاتار ۽ سهڻي'، 'بهادري'، 'سياڻو ڪوري'، 'ڏاها ياٿر'، 'ڪڙمي ۽ واڳون'، 'چار دوست'، 'درسني ۽ سهڻيون ڇوڪريون'، 'سڪار پري'، 'ٻه ياٿر'، 'ڪپتيو قاضي'، 'ڪاٺ راڻي'، 'منگهن ميهار ۽ سنڌس زال'، 'منگهي'، 'جهڙپ رڇ'، 'گندي ڇوڪري'، 'ڏاها ياٿر'، 'جادو ٿي ڪيڙو'، 'موسو متوالو'، 'بيدجان ۽ سهڻي شهزادي'، 'بادشاهه جا سيهڙ'، 'نڪمو لارس' ۽ 'اڻموٽ' شامل آهن.

**عطا محمد** ڀنڀري جو جنم ڳوٺ ٻچل ڀنڀيري، تعلقي سوڀيديري ضلعي خيرپور ۾ 1 فيبروري 1936ع تي ٿيو. سندس والد جو نالو محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بخش ڀنڀرو هو. هن پرائمري -تعليم -ڳوٺ حمزي رڪڻائيءَ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ انگريزيءَ جا پهريان پنج درجا ان وقت جي اي.وي اسڪول هنگورجا مان پاس ڪيائين. جڏهن تہ مئٽرڪ -ٺري ميرواهہ -جي هاءِ اسڪول مان پاس ڪري پوءِ خيرپور ميرس جي ممتاز ڪاليج مان بي.اي جي ڊگري ورتائين. ايل.ايل.بيءَ جي- تعليم لاءِ ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اچي پڙهيو. قانون جي ڊگري حاصل ڪري وڪالت جي شروعاتي مشق گمبٽ جي وڪيل هادي شيخ سان گڏ ڪيائين. جڏهن تہ ناميارى شاعر شيخ ايازسان گڏ هن 1970ع ڌاري ڇهہ مهينا ۽ 1980ع ڌاري پڻ ڇهہ مهينا وڪالت جي پرئڪٽس ڪئي.

ڀنڀري صاحب جا سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب تي ترجمو ڪيل ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن.

## علي دوست 'عاجز':

ناميارى شاعر علي دوست 'عاجز' جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو'**جهڙا تارا جرڪڻا**' (2000) روشني پبليڪيشن, حيدرآباد پاران ڇپايو ويو آهي, جڏهن تہ علي دوست عاجز جا ٻارن لاءِ گيت ۽ نظم مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. سندس شمار سنڌ جي انهن چند شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن جا ٻارن لاءِ لکيل گيت ۽ نظم بيحد مقبول ٿيا ۽ ٻارن توڙي وڏڙن تمام گهڻا پسند ڪيا.

**علي دوست عاجز** ڪاڇي جي سرحدي ڳوٺ فريد آباد, تعلقي ميهڙ ۾ 2 سيپٽمبر 1964ع ۾ **محمد خان گاڏنچي** جي گهر ۾ جنم ورتو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. هن 1980ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ان دوارن ئي هن سنڌي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. ميٽرڪ کان پوءِ هن ڊگري ڪاليج دادوءَ ۾ داخلا ورتي, جتي ڪيس استاد **بخاريءَ** جهڙي استاد ۽ شاعر جي صحبت ملي, جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيس شاعريءَ ۾ پڪو پختو شاعر بڻائي ڇڏيو. هن استاد بخاريءَ جي زندگي ۽ شاعريءَ تي **'آديسي استاد'** ڪتاب لکي بيحد پيار ۽ عقيدت سان ڪيس ياد ڪيو آهي. ٻارن لاءِ ڪتابن کان سواءِ سندس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن. ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۽ ايم ايس سي رياضيءَ ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ پيشي جي لحاظ کان هڪ وفاقي اداري ۾ آفيسر آهي. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

## علي محمد سولنگي:

شاعر ۽ ليکڪ **علي محمد سولنگيءَ** جا ٻارن لاءِ نظمن ۽ گيتن جا ٽي مجموعا ڇپيل آهن. سندس پهريون مجموعو **'ٻار گلن جا هار'** (2005ع) صابر پبليڪيشن دادو پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو جنهن تي سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران بهترين ڪتاب جو ايوارڊ ڏنو ويو. علي محمد سولنگيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو هڪ ٻيو مجموعو **'سهڻا ٻار'** آهي، جيڪو ثقافتي ۽ ادبي فورم دادوءَ پاران سال 2012ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو ٽيون مجموعو **'چنڊ ستارن جهڙا ٻار'** آهي، جيڪو سال 2016ع ۾ ثقافتي ۽ ادبي فورم دادو پاران ڇپجي پڌرو ٿيو.

**علي محمد** ولد مير محمد سولنگي 21 نومبر 1965ع تي پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگيءَ ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ڦلجي اسٽيشن مان ڪيائين ۽ ڊپلوما پاس ڪرڻ ڪانپوءِ گورنمينٽ ماڊل مين پرائمري اسڪول ۾ نائب استاد مقرر ٿيو. هن 1989ع کان سنڌي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ علي محمد 'درد' سولنگيءَ جي نالي سان ڪهاڻيون، شاعري ۽ مضمون لکي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## علي مرتضيٰ ڏاريجو:

ناميارِي اديب ڊاڪٽر مرتضيٰ ڏاريجي جا ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هُن ٻارن لاءِ سائنسي ادب جي تياري ۽ اشاعت لاءِ ڪم تمام وڏو ڪيو آهي. ٻارن لاءِ ڇپيل سندس ڪتابن ۾: **'هوا'** (1989ع)، **'گرمي'** (1989ع)، **'جاندار شيون'** (1989ع)، **'اسان جون اکيون'** (1992ع)، **'اسان جي دنيا'** (ٻين ليکڪن سان گڏ) **'ڌرتيءَ تي ساهه وارا'** (ٻين ليکڪن سان گڏ)، **'انسان ذات ۽ جسم'** (ٻين اديبن سان گڏ) **'ٻڌايو ته ائين ڇو'** (ٻين اديبن سان گڏ) ۽ ٻيا شامل آهن.

**علي مرتضيٰ ڏاريجو** 2 سيپٽمبر 1950ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن بنيادي تعليم سان گڏ مئٽرڪ تائين تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي جڏهن ته بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ڪيائين ۽ اتي ئي ليڪچرار ٿيو. ڊاڪٽر ڏاريجو صاحب هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ مان رٽائر آهي ۽ ڄامشوري ۾ رهائش پذير آهي. ٻاراڻي ادب کان سواءِ ٻين سائنسي موضوعن تي سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هُو مختلف علمي ۽ ادبي ادارن جي بورڊن تي ميمبر رهيو آهي. علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيئي ايوارڊ مليل آهن.

## غلام محمد پنهور:

**غلام محمد پنهور** سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي جي ادب جي سلسلي ۾ ڄاتل سڃاتل نالو آهي. سندس ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جا مجموعا **'ٻالڪ پيارا ٻولي پياري'** ۽ **'رنگ برنگي گيت'** شايع ٿيل آهن. سندس ٻيو مجموعو سنڌي ادبي شاخ ٻاڍهه پاران سال 2004ع ۾ ڇپرايو ويو. جڏهن ته سندس ٽيون ڪتاب **'گل ستارا ٻار'** سال 2013ع ۾ پرنسز پبلشر حيدرآباد پاران ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**غلام محمد پنهور** 4 جنوري 1973ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر باڍهه ۾ تاج محمد پنهور جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس تعليم ايم اي سنڌي آهي. هن ادب ۾ لکڻ جي شروعات قومپرست اڳواڻ **قمر پنهور** ۽ شاعر **عادل عباسيءَ** جي صحبت ۾ رهي 1990ع کان ڪئي، سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪي آهي، **غلام محمد پنهور**، سنڌي ادبي سنگت باڍهه جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي. ان کان علاوه سماجي ڪمن ۾ حصو وٺڻ به سندس مشغلو رهيو آهي.

## غلام محمد 'غازي':

**غلام محمد غازيءَ** جو سنڌ اندر ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيل آهي. ٻارن لاءِ سندس شعرن جا 13مجموعا شايع ٿيل آهن، جيڪو تعداد ٻارن لاءِ شعري مجموعن جي حوالي سان سڀنيءَ کان وڌيڪ آهي. ٻارن لاءِ شاعريءَ جي ڇپيل سندس ڪتابن ۾ : **'ٻار گلن جا هار'** (1992ع)، **'مرڪندڙ مکڙيون'** (1997ع)، **'سائنس بخشي سونهن'** (1999ع)، **'وطن گل آ مون لئه'** (2002ع)، **'سائنس پئي سمجهائي'** (2003ع)، **'رانديڪن سان راند'** (2003ع)، **'گيت پنهنجي ديس جا'** (2004ع)، **'رنگا رنگي گيت'** (2006ع)، **'پنيوري'** (2007ع)، **'مرڪون'** (2009ع)، **'ڌرتيءَ جا تارا'** (2000ع)،**'سنڌي گيت'** (2014ع) ۽ **'اسان جي ڌرتي'** شامل آهن. ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض کيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا. جن ۾: 1997ع ۾ ڪتاب **'مرڪندڙ مکڙيون'** کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان انعام ۽ ايوارڊ. ماهوار 'نئين زندگيءَ' جي گولڊن جوبلي جي موقعي تي **'مولانا عبدالواحد سنڌي يادگار شيلڊ'**، انڊس پبلڪ هاءِ اسڪول عبدوءَ پاران شيلڊ 2000ع، عباسي ڪلهوڙا تنظيم پاران ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ 1999ع نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد طرفان ڪتاب **'رنگا رنگي گيت'** کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انعام ۽ ايوارڊ (15 هزار نقد انعام)، نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد طرفان ڪتاب ’سائنس پئي سمجهائي‘ کي سرٽيفڪيٽ، نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد طرفان ڪتاب ’رانديڪن سان راند‘ کي سرٽيفڪيٽ، سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي، خيرپور پاران ايوارڊ 2004ع، سنڌي ادبي سنگت پاران ڪتاب ’ڀنڀوري‘ کي ايوارڊ، ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران لائيف اچيوَمينٽ ايوارڊ، 2009ع، ڪتاب ’مرڪون‘ تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران انعام ۽ ايوارڊ شامل آهن.

**غلام محمد غازيءَ** جا نصابي ڪتابن ۾ جيڪي گيت ۽ نظم شامل ٿيل آهن، تن ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پهرئين درجي سنڌيءَ ۾ هڪ نعت، گابا سيريز جي ڇيپل ڪتاب درجي ٻئي، درجي چوٿين ۽ درجي ائين ۾ نظم، مهراڻ سيريز جي ڪي. جي-1، ڪي جي-2 کان علاوه پهرئين درجي کان ڇهين درجي تائين ڪتابن ۾ نظم شامل آهن. جڏهن تہ شڪيل بوڪ ڊيپو سکر پاران ٻارن لاءِ نظمن تي مشتمل ڪتاب پڻ شامل آهي.

**غلام محمد غازيءَ** جو اصل نالو **غلام محمد مهر** آهي. هن 9 اپريل 1955ع تي شڪارپور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ عبدوءَ ۾ محمد سومر مهر جي گهر ۾ جنم ورتو. هن بين الاقوامي تعلقات ۾ ايم اي ڪئي آهي. هن 1972ع کان 1977ع تائين رجسٽريشن آفيس سکر ۾ ملازمت ڪئي. بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي، 1978ع ڊرائينگ ٽيچر طور تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيو جتان سال 2015ع ۾ رٽائر ڪيائين. هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ سندس ئي پاران قائم ڪيل تعليمي ادارو هلائي رهيو آهي.

## غلام مرتضيٰ ڀٽي:

ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب کي سهارو ڏيئي جن ماڻهن جيئندان ڏنو تن ۾ **غلام مرتضيٰ ڀٽي** پڻ هڪ آهي. هن ورهاڱي کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ سنڌ ۾ قائم ڪيل ٻارن جي پهرين تنظيم **'ٻالڪن جي ٻاري'** ۽ ماهوار **'گلستان'** جي طرز تي، ديناوءَ جي پٽ حيدرآباد مان 1951ع ۾ ٻارڙن جي ادبي تنظيم **'بزم گلستان'** ۽ ٻارن جو ماهوار رسالو **'گلستان'** جاري ڪيو. رسالو **'گلستان'** 1951ع کان 1953ع تائين مسلسل جاري رهڻ کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ويو. جيڪو 1956ع ۾ ٻيهر جاري ڪيو ويو جڏهن تہ **'بزم گلستان'** هلندي رهي، جيڪا 1960ع ۾ بند ٿي وئي (وڌيڪ ڏسو "بزم گلستان")

**غلام مرتضيٰ ولد محمد موسيٰ راز پٽني** بعد ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ڪم ڪيو 66_1967ع ڌاري سنڌي ٻارڙن لاءِ هڪ ٻيو ڪتابي سلسلو **'شمع سيريز'** شروع ڪيو. هن سلسلي ۾ **غلام مرتضيٰ پٽنيءَ** سان گڏ **محمود يوسفاڻي** ۽ **اشرف واسواڻي** شامل هئا. هي ڪتابي سلسلو پڻ ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو.

سنڌي ٻاراڻي ادب جو هي خدمتگار 1 ڊسمبر 1995ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ **غلام مرتضيٰ پٽنيءَ** جون خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون.

## غلام مصطفيٰ سولنگي:

ليکڪ ۽ شاعر **غلام مصطفيٰ سولنگيءَ** جو سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري ۾ وڏو ڪردار آهي. سندس ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن تي ٻڌل ڪتاب **'پئسو لڌم پٽ تان'** (2016ع)، سنڌ راڻي پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ هن سال 2007ع ۾ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي شاعريءَ جي اينٿالاجي پڻ تيار ڪئي، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد ڇپائي پڌري ڪئي. ان کان سواءِ نامياري شاعر محمد صديق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسافر جي پڻ ٻارن لاءِ لکيل شاعري **'اسيمبليءَ جو راڳ'** جي نالي سان پڻ ترتيب ڏنائين، جيڪو ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سال 2010ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ئي 2016ع ۾ ڇپايو ويو.

ٻارن لاءِ لکيل سلسليوار ڪهاڻي، **'ناني نوران جي آکاڻي'** ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿي، هي ٻارڙن لاءِ نڪرندڙ ٻن رسالن **'ڪنول'** ۽ **'ٻارڙن جي ٻاريءَ'** جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي ۽ مختلف اخبارن ۾ **'رم جهم'** ۽ **'مکڙيون'** جي نالن سان ٻارڙن لاءِ صفحا پڻ ترتيب ڏنا. هو چلڊرين ادبي بورڊ ٽنڊو سيد آباد جو چيئرمين پڻ رهيو آهي.

غلام مصطفيٰ سولنگي 8 مارچ 1976ع تي ٽنڊو سيد آباد ۾ احمد خان سولنگيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. 1988ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. سندس ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري سنڌ مان نڪرندڙ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي ٿي. ٻارن لاءِ لکيل ڪتابن کان سواءِ مجموعي طور سنڌي ادب ۾ سندس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن.

### فدا سرهيو:

**پروفيسر فدا احمد ولد آخوند حافظ محمد سرهيو** 8 جون 1932ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ پيدا ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ڏس ۾ سندس بي بها خدمتون آهن. ٻارن لاءِ ڇپيل سندس ڪتابن ۾ **'هڪ ڏينهن جو بادشاهه'، 'ڳامون سچار'، 'غيبي خزانو'، 'ٽهه شهزاديون'، 'ٽڙيل گل'، 'گلشن جا گل'، 'هٻڪار'، 'پنکڙيون'، 'هيرا موتي'، 'هيرا لعل هزار'، 'روشن تارا'، 'موتئي جون مکڙيون'، 'چمڪندڙ ستارا'، 'ڪڙيا ڪٺهار'، 'حيرت انگيز هيرو'، 'معصوم محموده'، 'مغرور بادشاهه'، 'ڪنول شهزادي'، 'ڪرامتي تختي'، 'چٽيهه لکڻو'** ايڊٽ ڪري اداره گلشن ادب ٽنڊي محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خان طرفان شايع ڪيا. ٻاراڻي ادب جا ٻه ڪتاب **’هڪ ڏينهن جو بادشاهه‘** (ٻيو ڇاپو) ۽ **’روشن ڏيا‘** ٻالڪ پبليڪيشن ٽنڊو محمد خان طرفان شايع ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت اداره سنڌي ادب ٽنڊو محمد خان طرفان 15 ڪتاب، اداره گلشن ادب طرفان 21 ڪتاب ۽ ٻالڪ پبليڪيشن ٽنڊو محمد خان طرفان 2 ڪتاب يعني جملي 38 ڪتاب شايع ڪيا.

**پروفيسر فدا سرهيو** سعيد پور ٽڪر هالا ڪي ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ 8 جون 1932ع تي ڄائو. سنڌس تعليم ايم اي، بي ايڊ، اديب فاضل، (سنڌي) ۽ ڊرائنگ اليمينٽري فرسٽ ڪلاس هئي. شاعري، نثر نويسي ۽ ٻاراڻو ادب سندس پسنديده موضوع هئا. هن سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد طور پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي ۽ 1954ع ۾ پروفيسر طور رٽائر ڪيائين. هو ڪيترن ئي ادبي ۽ علمي تنظيمن جو مک عهديدار رهيو. هن ٽنڊي محمد خان ۾ وفات ڪئي. ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري جي سلسلي ۾ پروفيسر فدا سُرهيي جون خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن.

**قاضي منظر حيات:**

ناميارو اديب ۽ شاعر **قاضي منظر حيات** جي هڪ وڏي سيڃاڻپ ٻارن لاءِ شعر ۽ آکاڻيون لکندڙ اسڪيچ ناهيندڙ ۽ سائنسي موضوعن تي مواد ترجمو ڪندڙ جي پڻ آهي. سندس تخليقي پورهيو سالن کان مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندو رهيو آهي. ٻاراڻي شاعري، معلوماتي مضمون، ناوليٽ، ترجما ۽ اسڪيچَ روزاني هلال پاڪستان، روزاني ’عبرت‘، روزاني ’عوامي آواز‘، ماهوار ’گل ڦل‘، ٽه ماهي ’گلدستي‘ ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ’هلال پاڪستان‘ ۽ ’عوامي آواز‘ جي‘ ٻارن وارن صفحن ۾ **’رنگ پريو‘** سلسلي ۾ به سندس ڪيترائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسڪيچ شايع ٿيندا رهن ٿا. ٻارن لاءِ ڇپيل سنڌس ڪتابن ۾ ’ناميارا سائنسدان‘ جا ٽي جلد سال 2009ع (جنهن تي سنڌي ادبي سنگت پاران ترجمي واري شعبي ۾ سال جو بهترين ڪتاب قرار ڏيندي ’رشيد ڀٽي ايوارڊ‘ ڏنو ويو)، ناولٽ ’وقت ۽ امتحان‘ سال 2010ع ۾ ۽ ’سائنسي چاڙهه‘ سال 2012ع شامل آهن. انهن ترجمن جي خاصيت اها آهي ته اسڪيچ ۽ آرٽ ورڪ به قاضي منظر حيات جو ئي آهي. ٽنهي ڪتابن جا نوان ڇاپا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سال 2016ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن.

**قاضي منظر حيات** 7ڊسمبر1965ع (سرڪاري ڪاغذن موجب ٻهرين آڪٽوبر 1967ع) تي **قاضي عبدالحئي’قائل‘** جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ڪان هاءِ اسڪول تائين جي تعليم رتي ديري مان حاصل ڪئي، جڏهن ته انٽر پڻ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتيديري مان ڪيائين. بعد ۾ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ايم بي بي ايس ڪيائين. هن وقت پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر آهي ۽ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

## گوهر سنڌي:

**گوهر سنڌيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’جاڳ او ٻالڪ جاڳ‘** (2014ع) شايع ٿيل آهي. هو ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **’لطيف سنگت سنڌ‘** ضلعي شڪارپور جو ضلعي نگران 1985ع تائين رهيو. ان کان علاوه ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جو جوائنٽ سيڪريٽري 2010ع کان 2012ع تائين پڻ رهيو.

**گوهر سنڌيءَ** جو پورو نالو **علي گوهر ولد صوفي غلام محمد پياسي سومرو** آهي، جيڪو گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول چڪ تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ استاد (ايچ ايس ٽي) استاد آهي. سنڌس جنم 1 فيبروري 1961ع تي چڪ ۾ ٿيو. سنڌس سڃاڻپ اديب، شاعر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرٽسٽ، سماجي ۽ قومي ورڪر طور آهي. ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪتاب ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪتاب شايع ٿيل اٿس.

## **ماڻڪ ملاح:**

مشهور شاعر **ماڻڪ ملاح** جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **’گيتن جا رانديڪا‘** سال 2004ع ۾ ماروي اڪيڊمي، سڪرنڊ پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. هُو نواب شاهہ ضلعي جي شهر سڪرنڊ پرسان ’تلي‘ ڳوٺ جو رهواسي آهي.

**ماڻڪ** ملاح 29 سيپٽمبر 1967ع تي خميسي خان ملاح جي گهر ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم کان انٽر تائين سڪرنڊ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ بي. اي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس مان ڪيائين. زراعت کاتي سڪرنڊ ۾ ملازمت ڪندڙ هن ٻارڙن لاءِ بہ انتهائي سهڻي ۽ سلوڻي شاعري ڪئي آهي. هن ٻارڙن جي جذبن، احساسن ۽ امنگن کي پوري تخليقي انداز سان شاعريءَ ۾ آندو آهي.

## **مختيار گهمرو:**

مختار گهمرو سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر هو. ٻارن لاءِ **’گلن هار‘** نالي گائيڊ لکڻ سان گڏ سندس ٻاراڻي شاعري جو مجموعو **’چنڊ ستارا جهوليءَ ۾‘** پڻ لکيل آهي، جيڪو سال 2001ع ۾ شايع ڪيو ويو.

مختار گهمري جو اصل نالو غلام عمر گهمرو آهي. هن خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ڪيٽي مير محمد گهمرو ۾ 25 مارچ 1955ع تي هڪ هاري الله ڏني گهمري جي گهر ۾ جنم ورتو. مختار گهمرو 1975ع ۾ روزگار سانگي لاڙڪاڻي شگر مل نئون ديرو ۾ نوڪري ڪرڻ آيو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو رهواسي ٿي ويو. هن مقصود گل سان سنگت ٿيڻ بعد 1979ع ۾ هن شاعريءَ جي شروعات ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناماري استاد ۽ شاعر ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ کان شاعريءَ جي اصلاح ورتي. هن شاعري جي سمورين صنفن تي لکيو. مختار گهمرو 9 جون 2009ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

## مختيار سمون:

مشهور شاعر ۽ اديب مختيار سمي جو سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ وڏو ڪردار آهي. ٻارن لاءِ گيتن ۽ نظمن جو سنڌس پهريون مجموعو **'دنيا آهي گول'** 1985ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته سنڌس ٻيو مجموعو **'ڌرتي روشن ٿيندي'**، سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي ڄام پاران سال 1990ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مختيار سمي جو ٻارن جي نظمن ۽ گيتن جو ٽيون مجموعو **'گلن جهڙي شاعري، پوپٽ جهڙا ٻار'** ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻي پاران سال 2015ع ۾ شايع ٿيو.

مختيار سمي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر ڏوڪريءَ ۾ 18 آگسٽ 1960ع تي يار محمد مگڻهار جي گهر ۾ جنم ورتو. تعليمي حوالي سان هن ايم اي پاڪستان اسٽڊي ۽ ايم اي انگريزي ادب ۾ ڪئي آهي. سنڌس شاعري مختلف رسالن توڙي اخبارن ۾ ڇپجندي رهي ٿي. هن لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ڪئي. شروعات ۾ هو **'مختيار مگڻهار'** جي نالي سان لکندو هو ۽ ڪجهه ڪتاب به سنڌس ان ئي نالي سان ڇپيل آهن. بعد ۾ هن **مختيار سمي** جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو. هُو هن وقت زيڊ اي ڀٽو زرعي ڪاليج ڏوڪريءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي ۽ لاڙڪاڻي ۾ ناليج سينٽر جي نالي سان علمي ادارو پڻ هلائي رهيو آهي. هن انگريزي گرامر جا به ڪتاب پڻ لکيا آهن.

## مختيار ملڪ:

نامور شاعر ۽ اديب **مختيار ملڪ** ادب ۾ لکڻ جي شروعات ٻاراڻي



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ادب کان ڪئي. هو ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **’گلن جهڙا ٻارڙا‘** جي مرڪزي عهديدارن ۾ پڻ رهيو آهي. ٻارن لاءِ سندس گيتن ۽ نظمن جو مجموعو **’ٺمر ٺمر ٽانڊاٽا‘** 1980ع ۾ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران ڇپرايو ويو جنهن تي ڪيس بهترين ڪتاب جو ايوارڊ بہ مليل آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ نامور اديب ۽ دانشور **محمد ابراهيم جويي** لکيو آهي.

مختيار ملڪ **’جوت‘** نالي سان خيرپورميرس مان ٻارن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو پڻ جاري ڪيو جيڪو گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. هن ٻارن جي ذهني سطح ۽ شعور کي نظر ۾ رکي، سنڌن نفسيات مطابق ٻارن جا گيت ۽ نظم لکيا آهن، جن ۾ سنڌن دلچسپيءَ جو سمورو سامان موجود آهي.

**مختيارملڪ** جو پورو نالو **مختيار حسين ملڪ** آهي، جيڪو 21 ڊسمبر 1959ع تي شفيع محمد ملڪ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن مئٽرڪ ناز پائيلٽ اسڪول مان ۽ انٽرميڊييٽ سپيريئر سائنس ڪاليج خيرپور مان پاس ڪئي. بعد ۾ هن شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان آرگينڪ ڪيمسٽريءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ سان گڏ ماس ڪميونيڪيشن ۾ بہ ماسٽرس ڪئي. بعد ۾ هو ريڊيو پاڪستان ۾ براڊ ڪاسٽنگ جي شعبي سان لاڳاپيل رهيو.

مختيار ملڪ جو مٿي ڄاڻايل ٻارن جي ڪتاب کان شاعريءَ جو هڪ ٻيو مجموعو پڻ شايع ٿيل آهي. علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور ڪيس ڪيئي ايوارڊ پڻ مليل آهن. مختيار ملڪ شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ 5 سال اعزازي استاد بہ رهي چڪو آهي.

## مشتاق بخاري:

شاعر ۽ ليکڪ **مشتاق بخاريءَ** ٻارن جي شاعريءَ جا ٻہ مجموعا **’گيتن جهڙا ٻار‘** (1998ع) ۽ **’سونهن سنسار جي‘** (1999ع) شايع ٿيا. ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'گيتن جهڙا ٻار' ڪتاب تي بهترين شاعر جو ايوارڊ ملي چڪو آهي. ان کان سواءِ کيس 2004ع ۾ ٻاراڻي ادب ۾ بهترين شاعر جو پڻ ايوارڊ مليو.

**مشتاق بخاري** 27 آڪٽوبر 1969ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ لونگاڻي شريف لڳ ڊکڻ ۾ سيد غلام علي شاهه بخاريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن شاعريءَ جي شروعات 1989ع کان ڪئي. ايم اي تائين تعليم حاصل ڪرڻ بعد هاءِ اسڪول ڊکڻ ۾ استاد آهي. ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن کان علاوه سندس ٻيا ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. 1998ع ۾ کيس شڪارپور ضلعي جي بهترين شاعر جو ايوارڊ ڏنو ويو. ان کان علاه مشتاق بخاري ڊکڻ مان نڪرندڙ ٽن رسالن ماهوار **'نئون چنڊ'**، سلسليوار **'سهڪار'** ۽ ماهوار **'هيڪار'** جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

## محمد صالح کهڙو:

**محمد صالح کهڙي** جا ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب 'شام جا نڱ' (ڪهاڻيون)، **پوڙهو جِنُ** (ڪهاڻيون) **'مور ۽ سهي جي ڳالهه'** (ڪهاڻيون)، **'ملان دوپيازو'** (ڪهاڻيون)، **'ملان ۽ موالي'** (ڪهاڻيون)، **'ٺهڪ ئي ٺهڪ'** (لطيفا)، **'کل جا ڪٽمنڙا'** (لطيفا)، **'وتائي فقير جا گفتا'**، **'اڪبر ۽ بيربل بادشاهه جا ٽوٽڪا'** ۽ **'اڪبر بادشاهه جا چرچا'** جي نالي سان شايع ٿيا. جيڪي مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ۽ روشني پبليڪيشن پاران ڇپايا ويا.

**محمد صالح کهڙي** 15 مارچ 1961ع تي، ڳوٺ کهڙا تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ **فضل محمد کهڙي** جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس تعليم ماسترس آهي. هو ٻارن لاءِ شايع ٿيل رسالن **'گلڙا'** (شڪارپور) جو ايڊيٽر، **'سونهن'** (شڪارپور) جو ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر ۽ **'مهڪ'** رسالي جو چيف ايڊيٽر پڻ رهي چڪو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## محمدعلي ماجد:

**محمد علي ماجد** جو ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جو مجموعو **’ڏرتيءَ جا ٻار‘** 2003ع ۾ ڪاڇي پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان ڇپرايو ويو. هي ڪاڇو پبليڪيشن **محمد علي ماجد** جو ئي هڪ اشاعتي ادارو آهي، جيڪو مجموعي طور سنڌي ادب جي ڪتابن سان گڏ ٻارن جا ڪتاب بہ شايع ڪري رهيو آهي. هن اداري **اڪبر جسڪاڻي** ۽ ادل سومري جا اڳ ڇپيل ڪيترائي ڪتاب نئين ڇاپي جي صورت ۾ نئين انداز سان ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. **محمد علي ماجد** ڪاڇي ڏُر جي ٻارڙن لاءِ قائم ڪيل اهم علمي ادبي ۽ سياسي تنظيم **’ساٿي ٻارڙا سنگت‘** جو حصو پڻ رهيو ۽ هن تعلقي جوهيءَ جي سطح تي تنظيم ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو.

**محمد علي ماجد** جو اصلي نالو محمد ولد علي محمد سومرو آهي، جيڪو 5 ڊسمبر 1969ع تي ڳوٺ هيري خان لڳ جوهي ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ هيري خان مان ئي حاصل ڪئي، جڏهن تہ انٽر ڊگري ڪاليج دادو (هاڻوڪي استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو) مان ڪئي. بعد ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي.

**محمد علي ماجد** 1998ع واري ملازمت سانگي ڪراچي آيو ۽ پهريون ڀيرو 1998ع ۾ سنڌ جي اهم اخبار ’عوامي آواز‘ ۾ ڪم ڪيائين. ان دوران محمد علي ماجد ٻارن جي مختلف رسالن ۾ پڻ لکندو رهيو. هن 2003ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪاڇي پبليڪيشن نالي ادارو قائم ڪري مجموعي طور سنڌي ادب جي ڪتابن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو قائم ڪيو جيڪو هن وقت تائين جاري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مقصود گل:

نامور شاعر **مقصود گل** جو سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ وڏو ڪردار آهي. سندس ٻارن لاءِ شاعري ۽ ڪهاڻين جا ٻه مجموعا شايع ٿيل آهن. ٻارن لاءِ سندس شاعريءَ تي ٻڌل مجموعو **'ڪرڻا ڪرڻا'** سال 1986ع ۾ سنڌڙي ڪتابي سلسلي ٻاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو جڏهن ته قاضي صاحب جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو 'هٿيلي هرڻي' 1991ع ۾ سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ ٻاران پڻ ڇپايو ويو.

هن 15 اپريل 1950ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتيديري ۾ قاضي عبدالحئي قائل جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو **قاضي مقصود حيات** هو پر هن 1974ع کان **'مقصود گل'** جي نالي سان لکڻ جي شروعات ڪئي. شاعريءَ ۾ ڊاڪٽر عطا محمد حامي سندس استاد آهي. هن ايم اي سنڌي ۽ ايم اي اقتصاديات ۾ ڪرڻ کانپوءِ عبدالحئي قاضي ماڊل اسڪول رتيديري جي پرنسپال طور ۽ ٻاراڻي رسالي **'گلدستو'** ۾ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون.

مقصود گل جي وفات 14 فيبروري 2015 تي ڪراچيءَ ۾ ٿي. کيس رتيديري ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس ياد ۾ هڪ ڪتاب **'گل چنو گرنار جو'** پڻ ڇپيل آهي.

## ملهار سنڌي:

شاعر اديب **ملهار سنڌيءَ** جي ٻارن لاءِ شاعري مختلف رسالن ۽ اخباري صفحن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي. سندس ٻاراڻي شاعريءَ جا ٻه مجموعا **'رانديڪو'** (2003ع) ۾ ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قمبر طرفان ۽ **'ٻالڪ چنڊ ستارا'** (2006ع) ۾ ٻالڪ ادبي فورم لاڙڪاڻي طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملهار سنڌيءَ جو اصل نالو محمد چنل بوزدار آهي. هن لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتيديري ۾ پهرين جنوري 1978ع تي دودي خان بوزدار جي گهر ۾ جنم ورتو. هن سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪئي آهي ۽ تعليم کاتي سان وابسته آهي. سندس هڪ سچاٽپ شاعر طور آهي. هو ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم ٻالڪ ادبي فورم سان پڻ وابسته رهيو آهي.

## منٺار سولنگي:

ناليواري شاعر **منٺار سولنگيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو هڪ ڪتاب 'آءُ ٻـ جيڪر پڙهڻ وڃان ها' سچائي اشاعت گهر دڙي طرفان 2006ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ان کان سواءِ اڻ ڇپيل صورت ۾ وٽس ڪن ٻين ڪتابن جا مسودا پڻ پيل آهن.

**منٺار سولنگي** ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر نئون ديرو ۾ 15 جون 1967ع تي غلام مرتضيٰ سولنگيءَ جي گهر ۾ ڄائو. منٺار سولنگي 1980ع ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس پهريون شعر ٻارن لاءِ هو جيڪو آگسٽ 1983ع ۾ روزاني 'آفتاب' اخبار جي ٻارن واري صفحي ۾ شايع ٿيو. ان ڪانپوءِ هو مسلسل ٻارن لاءِ لکندو رهيو ۽ سنڌ جي سمورن رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس شعر ڇپجي چڪا آهن. 'ٻارن جي دنيا سنگت' نئين ديري کي سرگرم ڪرڻ، يونٽ کولڻ ۽ علمي ادبي ڪمن لاءِ جاکوڙ سندس مِشن رهيو. هو 94-1992ع تائين سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهيو. منٺار سولنگي 18 جنوري 2011ع تي وفات ڪئي.

## منظور ابڙو:

نوجوان شاعر **منظور ابڙي** ٻارن لاءِ خوبصورت گيت لکيا آهن. سندس ٻارن جي شاعريءَ جو هڪ مجموعو **'پيارا پيارا پوپٽڙا'** شايع ٿيل آهي.

**منظور ابڙي** ضلعي نوشهري فيروز جي تعلقي ڪنڊياري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منگي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جو بهترين شاعر آهي. هن ايم اي، ايم ايڊ تائين تعليم حاصل ڪئي. هن وقت بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول نئون ديرو ۾ استاد آهي. سندس ٻارن لاءِ ڪيل شاعري ريڊيئي خيرپور جي پروگرام 'ٻارڙن جي ٻاري' ۾ پيش ٿيندي رهي آهي ۽ مختلف راڳين پڻ ڳائي آهي. منظور منگيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل نظمن جو مجموعو 'خوشبوءِ ساڻ ڪيڏو' ويجهڙائي ۾ آيل ٻارن لاءِ شاعريءَ جي ڪتابن ۾ اهم جڳهه والاري ٿو.

**مهر خادم:**

ليکڪ ۽ محقق **مهر خادم** لکڻ جي شروعات ٻارن جي لکڻين سان ڪئي. سندس ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو 'اڪيوٽ' ڇپيل آهي، جنهن کي سنجها پبليڪيشن سکر ۽ سيپتا اڪيڊمي خيرپور طرفان ٻن ڇاپن ۾ شايع ڪرايو ويو آهي. هن ڪتاب 'اڪيوٽ' جي مسودي کي **نيشنل بڪ فائونڊيشن** اسلام آباد پاران سال 2002ع ۾ ٻاراڻي ادب جي مقابلي ۾ پهريون نمبر قرار ڏئي ڪيس 20 هزار انعام به ڏنو ويو. مهر خادم ٻارن لاءِ خوبصورت ڪهاڻيون به لکيون آهن.

**مهر خادم** 10 سيپٽمبر 1965ع تي شڪارپور ضلعي جي تعلقي لکي غلام شاهه جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جيئو مهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو رحيم بخش مهر آهي، پر هُو ادب جي دنيا ۾ '**مهر خادم**' جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ٻارن لاءِ ڪيل شاعريءَ جي ڪتاب 'اڪيوٽ' کان علاوه سندس 6 ٻيا ڪتاب به ڇپيل آهن.

**نثار بزمي:**

سنڌي ٻوليءَ جي ناماري شاعري **نثار بزمي** ٻارن لاءِ ڪيترائي مزيدار گيت لکيا. ٻارن لاءِ لکيل سندس گيت، ناماري اديب **عبدالجبار عبد** 2007ع ۾ 'ٻٽ ٻٽ تنهنجا ٻول' جي نالي سان سهيڙي ڪتابي صورت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڇپايا. هيءُ ڪتاب ڪرائون سائيز ۾ جيئي لطيف ادبي اڪيڊمي، شڪارپور پاران شايع ڪيو ويو.

نثار بزمي ضلعي شڪارپور جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ مرزاپور ۾ 13 جون 1924ع تي، وڏيري محمد حسن جوڻيجي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو قلندر بخش جوڻيجو هو پر اسڪول جي زماني ۾ 12 سالن جي عمر ۾ هن 'نثار بزميءَ' جي نالي سان شاعري شروع ڪئي. سندس تعليمي قابليت اديب فاضل ۽ ميٽرڪ هئي. هن 4 مئي 1944ع تي پرائمري اسڪول ماستر جي حيثيت سان سرڪاري نوڪريءَ جي شروعات ڪئي، بعد ۾ 1955ع کان 1965ع تائين روينيو کاتي ۾ تپيداري ڪيائين.

هن شاعري ڪرڻ سان گڏ وڏي تعداد ۾ فيچر، ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا. نثار بزمي جا ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور ريڊيو اسٽيشنن تان ڪيترائي ڪلام نشر ٿيندا رهن ٿا. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا پڻ شايع ٿيل آهن. هو 7 جولاءِ 2000ع تي، جمعي جي ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## نسرين طاهر وفائي:

نسرين طاهر وفائيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو 'ننڍڙا سهڻا ٻار پيارا' آڪٽوبر 2005ع ۾ شاعره پاران پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جيڪو ڊيمي سائيز جي 44 صفحن تي مشتمل آهي. سندس هن مجموعي جي خاصيت اها آهي ته هر نظم ۽ گيت جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ لکيل آهي. ان کان سواءِ نسرين وفائي روزمره جي شين جهڙوڪ: ڦيٿي، گُڏي، ڪمپيوٽر، بال، سائيڪل، ٽينچي، گجر، پالڪ، پٽاٽي، پينبدي ۽ واگڻ وغيره تي دلچسپ گيت لکيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**نسرين طاهر وفائي** پهرين سيپٽمبر 1959ع تي ڳوٺ جنجهي ديري، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائي. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ بعد ۾ سندن خاندان لاڙڪاڻي شفٽ ٿي وڃڻ ڪري مئٽرڪ ۽ انٽر جو امتحان لاڙڪاڻي جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن مان پاس ڪيو. بعد ۾ نسرين طاهر وفائي سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪئي. ان کان پوءِ هوءَ حيدرآباد شفٽ ٿي ۽ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ استاد جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏيندي رهي. ٻارن لاءِ مٿي لکيل ڪتاب کان سواءِ سندس ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن ۽ هوءَ هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

### نصير مرزا:

سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري شاعر ۽ نثر نگار **نصير مرزا** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهہ ۽ ترقيءَ ۾ اهم ڪردار آهي. سندس ٻارن لاءِ شعرن جو پهريون **’ڌرتيءَ جا تارا‘** سال 1979ع ۾، نثار حسينيءَ **آگم پبليڪيشن ايجنسيءَ** پاران شايع ڪرايو جيڪو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو. ٻارن جي شعرن جو هيءُ مجموعو ان دور جي بهترين ڪتابن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو. سال 2006ع ۾ نصير مرزا، سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ شاعر **ڪشنچند بيوس** جي ٻارن لاءِ لکيل شاعري **’ڇهہ ڇهہ پئسا، ٻہ ٻہ پايون‘** جي نالي سان سهيڙي، جنهن کي **سنڌي ادبي بورڊ** ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو. سال 2010ع ۾ **سنڌي لئنگئيج اٿارٽي**، نصير مرزا جو ترتيب ڏنل ٻارن جي گيتن جو ڪتاب **’ڏيلي تي ڇٽڪي‘** ڇپايو جيڪي گيت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مختلف وقتن تي ڳايا ويا هئا. هنن ڪتابن کان سواءِ نصير مرزا ٻارن جي ڪيترن ئي ڪتابن تي مهاڳ پڻ لکيا آهن، جڏهن تہ هو **’ادا سائين‘** سميت ٻارن جي ٻين رسالن ۾ مستقل ڪالم ۽ ڪهاڻيون پڻ لکندو رهيو آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻارن جي هفتيوار پروگرام 'ٻارن جي ٻاريءَ' جي مقبوليت ۾ پڻ **نصير مرزا** جو وڏو ڪردار آهي.

**نصير مرزا** 20 جولاءِ 1955ع تي حيدرآباد جي علائقي **ٽنڊي نُورڙهي** ۾ ڄائو. شاعري، نثر نگاري، ڪالم نويسي ۽ ڪمپيئرنگ سندس ادبي ۽ فني حوالا آهن. هن ايم اي **سنڌي**، ايم اي **صحافت**، فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ ڪئي آهي. هن لکڻ جي شروعات 1973ع کان ڪئي ۽ هن وقت تائين مسلسل لکي رهيو آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر، شيخ اياز فائونڊيشن ۽ شاهه لطيف فائونڊيشن جو جوائنٽ سيڪريٽري رهيو آهي. مٿي ڄاڻايل هنن ڪتابن کان سواءِ نصير مرزا جا شاعري ۽ نثر جا ٻيا به ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**نذير شورو:**

**نذير احمد ولد عبدالڪريم شوري** جو جنم 11 ڊسمبر 1961ع تي سجاول ۾ ٿيو. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيائين. ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪهاڻين جو مجموعو **'ٻاڇي پنيان ٻوڙ'** 1977ع شايع ٿيو. سندس ڪهاڻيون ٻارن جي نفسياتي پهلوئن جون ترجمان آهن. سندس باري ۾ وڌيڪ معلومات ملي نه سگهي آهي.

**نياز پنهور:**

ناماياري شاعر ۽ صحافي **نياز پنهور** جي هڪ ٻي وڏي سڃاڻپ ٻارڙن لاءِ شعر لکندڙ رسالا ايڊٽ ڪندڙ ۽ ٻارن جي تنظيمن جي سرگرم اڳواڻ طور آهي. **نياز پنهور** سڀ کان پهرين ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **'گلن جهڙا ٻارڙا'** جو ميمبر ٿيو ۽ 1974ع ۾ ان ئي نالي سان **'هلال پاڪستان'** اخبار جي ٻارڙن جي صفحي **'گلن جهڙا ٻارڙا'** ۾ پهريون شعر لکي ٻاراڻي ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين. بعد ۾ نياز پنهور ٻارن جي علمي ادبي ۽



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي آبياريءَ لاءِ جوڙيل تنظيم **’چٽنگ سنگت‘** جو مرڪزي پريس سيڪريٽري بہ رهيو. 1976ع ۾ نياز پنهور ڪي حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني اخبار **’آفتاب‘** جي ٻارن جي صفحي جي سهاري هيٺ هلندڙ تنظيم **’ٻارن جي محفل‘** جو مرڪزي ڪميٽيءَ جو چيئرمئن بڻايو ويو. ان دوران هن سنڌ جي مختلف ضلعن جا دورا ڪري اتي آرگنائيزر مقرر ڪيا. شروعاتي طور **نور احمد جوکيي** کي ڪراچي، **مختيار ملڪ** کي خيرپور ميرس، **امتياز حسين ميمڻ** کي نيو سعيدآباد، **امتياز علي ميمڻ** کي ڪپري، سکر لاءِ **مهيش ڪمار**، دادوءَ لاءِ **قربان جهتيال**، شهدادڪوٽ لاءِ **محمد علي شيخ**، ۽ بدين لاءِ **قربان علي جمالي** مقرر ڪيا ويا. ٻارڙن جي هن تنظيم سنڌ ۾ وڏو ڪم ڪيو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو جلد ٽيون **’ٻارڙن جي محفل‘**). 1980ع ۾ روزاني **’سنڌ ٽائيمس‘** اخبار ٻاران ٻارن جو ماهوار رسالو **’ٻالڪ‘** رسالو جاري ڪيو ويو جنهن جو ايڊيٽر **نياز پنهور** کي مقرر ڪيو ويو. هي رسالو 1981ع تائين هليو بعد ۾ رسالي کي ماهوار **’نئون نياپو‘** ۾ ضم ڪيو ويو. 1981ع ۾ نياز پنهور جو ٻارڙن لاءِ شعرن جو مجموعو **’ڪوڏ ۽ سپون‘** شايع ٿيو. سندس هن ڪتاب تي **انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ**، سنڌ يونيورسٽيءَ ٻاران ايوارڊ بہ ڏنو ويو. ٻارڙن جي شعرن جو هي مجموعو پنهنجي دور جو مقبول ترين ڪتاب ثابت ٿيو.

**نياز پنهور** جو اصل نالو **ذوالفقار علي ولد محمد ابراهيم پنهور** آهي، جيڪو 15 جولاءِ 1963ع تي عمرڪوٽ جي شهر شادي پليءَ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان، مئٽرڪ 1979ع ۾ ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ مان، ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئرنگ (مڪينيڪل)، ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد مان 1982ع ۾ ڪرڻ کان پوءِ انٽرميڊيئٽ حيدرآباد مان ڪيائين. سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي. اي ڪرڻ کان پوءِ نياز پنهور صحافت، پاڪستان اسٽڊيز ۽ سنڌيءَ ۾ ايم جون ڊگريون حاصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيون. بعد ۾ حيدرآباد لا ڪاليج مان ايل. ايل. بي بہ ڪيائين. ان بعد ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪاليج سيڪشن ۾ ليڪچرار رهڻ بعد پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڏگري ڪاليج ڪپري ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو.

صحافتي ڪيريئر جي شروعات روزاني مهراڻ اخبار ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪيائين، اتي سب ايڊيٽر رهيو ۽ بعد ۾ آگسٽ 1990ع کان ڪاوش اخبار ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ان ۾ نيوز ايڊيٽر ٿيو. 1982ع ۾ سنڌي ادبي سنگت، ڄامشوري شاخ جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. بعد ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جو مرڪزي خزانچي بہ رهيو. سنڌس علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتن عيوض ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

## نياز مسرور بدوي:

نياز مسرور بدويءَ جو ٻارن لاءِ ترجمو ٿيل ڪهاڻين جو ڪتاب 'آخر ڪيستائين' مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران سال 2007ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن جو ٻيو ڇاپو سال 2015ع ۾ شايع ٿيو. ان کان سواءِ نياز مسرور بدويءَ جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون سنڌ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي مختلف رسالن ۾ ڇپجنديون رهنديون آهن.

نياز مسرور بدويءَ جو اصل نالو 'ناز سرور بدوي' آهي، جيڪو هڪ اپريل 1965ع تي شڪارپور شهر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول هاٿي در ۽ مئٽرڪ هاءِ اسڪول نمبر ون شڪارپور مان پاس ڪيائين. هن انٽر شاهه لطيف ڏگري ڪاليج شڪارپور، بي. اي سنڌ يونيورسٽي ۽ ايم. اي (سوشالاجي) شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي، خيرپورميرس مان ڪئي.

نياز مسرور بدوي شڪارپور ۾ رهي ٿو ۽ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ اُستاد جي حيثيت سان پنهنجو فرض سرانجام ڏئي رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وحيد محسن:

**وحيد محسن** شڪارپور جو نوجوان ليکڪ آهي، جنهن جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون ۽ شعر، ٻارن جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. جڏهن تہ ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪهاڻين جو مجموعو **'مهمان جهرڪي'** سال 2016ع ۾، قربان منگي، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور ميرس مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. وحيد محسن جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو هڪ ٻيو ڪتاب **'بُرائيءَ جو بدلو'** 2003ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ رستم پاران شايع ڪرايو ويو.

**وحيد محسن** 1 ڊسمبر 1968ع تي شڪارپور لڳ ڳوٺ رستم ۾ ڄائو. سندس ذات سومرو آهي. هن بنيادي تعليم رستم مان ئي حاصل ڪئي جڏهن تہ بعد ۾ شڪارپور لڏي آيو ۽ پنهنجي تعليم شڪارپور مان اڳتي وڌايائين. هن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي ڪئي آهي. هن وقت شڪارپور ۾ رهندڙ آهي.

## وفا مولا بخش:

نوجوان شاعر ۽ ليکڪ **'وفا' مولا بخش** ٻارن لاءِ ڪيترائي زبردست نظم ۽ گيت لکيا آهن. سندس ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **'پوپٽ رنگ رنگيلا'** سال 2013ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپايو ويو. ان کان سواءِ **وفا مولا بخش** جا ٻارن لاءِ شعر، سنڌي اخبارن جي هفتيوار ٻارن جي صفحن ۽ ٻارن جي ماهوار رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. هو ٻارن جي رسالن **'گلڙا'، 'سنڌي ٻارڙا'، 'ادا سائين'** ۽ ٻين جي ايڊيٽوريل بورڊن تي رهيو آهي.

**وفا مولا بخش** جو پورو نالو مولا بخش ولد گل محمد **قمبراڻي** آهي، جيڪو 18 جون 1980ع ۾ تعلقي حيدرآباد جي ڳوٺ پينڊي شريف ۾ ڄائو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابتدائي ۽ ثانوي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مئٽرڪ ۽ انٽر جو امتحان موري منگر مان پاس ڪيائين. بي اي سچل ڪاليج حيدرآباد ۽ ايم اي (سنڌي)، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.

هن لکڻ جي شروعات 1994ع کان **'سنڌي ٻارڙا'** رسالي کان ڪئي. اهڙيءَ ريت **'سنڌي ٻارڙا'** ۽ ماهوار **'گلستان'** ۾ مسلسل لکيائين. **وفا مولا بخش** 'سنڌي ٻارڙا' رسالي جو سرڪيوليشن مئنيجر، ماهوار **'گلڙا'** جو اسسٽنٽ ۽ جوائنٽ ايڊيٽر، ماهورا **'ادا سائينءَ'** جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، **'سنڌ سرهاڻ اخبار'** جي بورڊ جو ميمبر ۽ روزاني هلچل اخبار جي ٻارڙن جي صفحي **'سرهاڻ'** جو انچارج رهيو آهي. ٻارن لاءِ سندس خدمتن کي آڏو رکندي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن، دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي يونيورسٽي اسلام آباد، سنڌي ادبي بورڊ، ٻالڪ ادبي فورم ، ماهوار **'ساٿي'** ۽ ماهوار **'ننڍ ڪڻ'** پاران کيس مختلف سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن. سندس ترجمو ٿيل ڪهاڻين جو مجموعو **'منزل'** ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي، جڏهن ته سندس ترجمو ٿيل ناول **'ڏماڪو'** سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن ۾ شايع ٿيو. **وفا مولا بخش** هن وقت سنڌ جي تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار آهي.

## وسيم سومرو:

مشهور شاعر **وسيم سومري** جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'ڳاڙها ڳانا پٽ جا'** شايع ٿيل آهي. ان کان سواءِ وسيم سومري جا ٻارن لاءِ لکيل نظم ۽ گيت سنڌ جي ٻارن لاءِ ڇپجندڙ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

سندس اصل نالو **محمد خان ولد محمد حسن سومرو** آهي. سندس جنم 16 نومبر 1963ع تي ٽنڊو آدم ۾ ٿيو پر سندس گهڻو وقت نواب شاهه ۾ گذريو آهي. سندس تعليم ايم. اي سنڌي آهي ۽ هو سنڌ جي تعليم کاتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ استاد آهي. وسيم سومري شاعريءَ جي هر صنف ۾ پاڻ ملهايو آهي، هن ڪتاب ڪان سواءِ سندس ٻيا ٻہ ڪتاب شايع ٿيل آهن. هو سنڌي ادبي سنگت مرڪز جو ٻہ سال جوائنٽ سيڪريٽري بہ رهيو آهي.

## ولي محمد طاهرزادو:

ولي محمد طاهرزادو ذات جو شيدي هو. جنهن جو جنم 1928ع ڏاري ميمڻ محلي ٽنڊي الهيار ۾ ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ جو ملازم هو. ٻارن لاءِ ڇپيل سندس ڪتابن ۾ **'آڪاڻيون'** (ٻاڳو پهريون- 2005ع) ۽ **'آڪاڻيون'** (ٻاڳو ٻيو-2005ع) اهم آهن. ان ڪان سواءِ ولي محمد طاهرزادي ٻارن جي راندين بابت مسلسل ماهور گل ڦل ۾ لکيو. هن پنهنجي پويان چار نياڻيون ۽ ٽي پٽ ڇڏيا.

سنڌي لوڪ ادب جو هي خدمتگار 31- مئي 2000ع تي پنهنجي اباڻي شهر ٽنڊي الهيار ۾ گذاري ويو.

## هاشم لطيفي:

هاشم لطيفي نوجوان ليکڪ آهي، جنهن سال 2014ع ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب لاءِ پنهنجي سڄي حياتي ارپيندڙ اسرار شام جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي، سندس شخصيت ۽ ڪم تي هڪ **ڪتاب 'ٻاراڻي ادب جو مسيحا'** مرتب ڪري ڇپرائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ نصير مرزا، خالد آزاد، وفا مولا بخش قمبراڻي، پروس عبدالحڪيم جروار ۽ ٻين ليکڪن جا مضمون شامل آهن.

**هاشم لطيفيءَ** جو پورو نالو محمد هاشم ڳاهو آهي، جيڪو 14 اپريل 1988ع تي ڳوٺ منو ڳاهي، لڳ حيدرآباد ۾ ڄائو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ يوسف سمي مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ مئٽرڪ سيٺ ڪمال الدين هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪئي. اهڙيءَ ريت مرزا قليچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيگ هائير سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد مان انٽر جو امتحان پاس ڪري سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان بي. اي ڪئي. هاشم لطيفي پنهنجي ڳوٺ متو ڳاهي، لڳ حيدرآباد جو رهائش پذير آهي.

**هوش محمد ڀٽي:**

نوجوان ليکڪ ۽ شاعر **هوش محمد ڀٽيءَ** جو ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **’پوپٽ ڏاڍا پيارا آهن‘** سقلتا پبليڪيشنس، حيدرآباد پاران سال 2014ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان اڳ **هوش محمد ڀٽيءَ** جون ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ شعر، مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. هوش ڀٽي، ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **’جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت‘** جو سال 1999ع  کان 2000ع تائين صدر رهيو آهي.

**هوش محمد ولد نظام الدين ڀٽيءَ** جو جنم 8 مئي 1986ع تي باڊهه، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن پرائمريءَ کان وٺي هاءِ اسڪول تائينءَ جي تعليم باڊهه مان حاصل ڪئي، جڏهن تہ هن انٽر حيدر بخش جتوئي ميموريل سائنس ڪاليج ڏوڪريءَ مان ڪئي. بعد ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ماسٽرس ۽ ايم فل بہ ڪئي.

**هوش ڀٽي،** حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ رسالي ماهوار ’سقلتا‘ جو ايڊيٽر آهي ۽ سندس هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر شايع ٿيندا رهندا آهن.

**ياسر قاضي:**

نوجوان ليکڪ ۽ ڪمپيئر **ياسر قاضيءَ** جا ٻارن لاءِ شاعريءَ جا بہ مجموعا **’ٻيڙيءَ ۾ چنڊ‘** (2013) ۽ **’اُٺ مامر گوگڙو‘** (2014ع) ڇپيل آهن. ٻنهي ڪتابن کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سال 2014 ۽ سال 2015ع جا بهترين ڪتاب قرار ڏيئي ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي. ياسر قاضي سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي انهن چند شاعرن مان هڪ آهي، جنهن جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ کي ٻارن توڙي وڏن بيحد پسند ڪيو آهي، چاڪاڻ تہ سندس گيتن ۽ نظمن سکٽي نصيحت آموزيءَ بجاءِ، روزمره جي مختلف واقعن ۽ ڳالهين کي ڏاڍي دلچسپ ۽ مزيدار انداز سان پيش ڪيو ويو آهي.

**ياسر قاضي** 17 جنوري 1979ع تي رتيديري ۾ جائو. سندس ڇٽيءَ جو اباڻو نالو '**عبدالحق ياسر**' رکيو ويو. هن ابتدائي تعليم رتيديري مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئٽرڪ ۽ انٽر جو امتحان پبلڪ اسڪول ميرپورخاص مان پاس ڪيو. بعد ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور ميرس ۽ نمل يونيورسٽي ڪراچيءَ مان پڙهي ڊگريون ورتائين. ياسر ڪجھ وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهہ لطيف چيئر سان لاڳاپيل رهڻ کان پوءِ هن وقت هاڻ ايف ايم ريڊيو جو نيشنل پروگرام مئنيجر آهي.

**ياسر قاضي** لکڻ جي شروعات 'هلال پاڪستان' جي ٻارن جي صفحي کان ڪئي، جنهن کان پوءِ هن ٻارن جي ٻين ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارن لاءِ شعر ۽ معلوماتي مضمون لکيا. هن سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ۽ سندس والد مقصود گل بابت هڪ ڪتاب **'گل چنو گرنار جو'** ترتيب ڏيئي ڇپايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ورهاڱي کان پوءِ
# هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻو ادب
## [1947ع – 2015ع]

آگسٽ 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ ادب جو بہ ڄڻ ورهاڱو ٿي ويو. هڪ ئي ٻولي، ثقافت ۽ روايتون رکندڙ هندو سنڌين ۽ مسلمان سنڌين کي نون ٺهيل ٻن ملڪن جي الڳ الڳ شهرن ۾ رهڻو پيو. اهڙيءَ ريت سنڌ مان لڏي ويل هندن، هندستان جي مختلف شهرن ۾ وڃي پناهہ ورتي. تاريخ جي ايڏي وڏي لڏپلاڻ کان پوءِ سنڌ جي هندن جو پهريون مسئلو روزگار ۽ گهر ٻار هو تنهن هوندي بہ سنڌين پنهنجو پاڻ کي ٺانيڪو ڪرڻ کان سُتت ئي پوءِ سنڌي ادب ڏانهن پڻ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. آهستي آهستي هندستان جي مختلف شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ لڳا ۽ ڪي رسالا ۽ اخبارون پڻ جاري ٿيڻ لڳيون. اهڙي صورتحال ۾ ٻارن لاءِ لکڻ لاءِ شروع ۾ گهٽ ڌيان ڏنو ويو پر پوءِ آهستي آهستي اديبن ۽ شاعرن پنهنجو قلم ٻارن لاءِ ارپڻ شروع ڪيو.

هندستان ۾ پهريون ڀيرو ٻارن جي ڪتاب جي اشاعت اجمير مان شروع ٿي ۽ پارومل ڪيولراماڻيءَ جو ڪتاب "چالاڪ پنڊت" 1949ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. اهڙي ريت ديپ چندر بيلاڻي ۽ پريداس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برهمچاڻي 1956ع ۾ **'اتهاسي آکاڻي'** نالي ڪتاب لکيو. ان کان پوءِ جيٺانند لالواڻي پنهنجي اشاعتي اداري ڀارت ساهتيه منڊل پاران پڻ ڪي ڪتاب ڇپايا. ان دوران ئي بمبئيءَ مان **'گلستان'**، اجمير مان **'ڦولستان'** ۽ وري اجمير مان ئي **'وير ٻالڪ'** رسالا شايع ٿيڻ شروع ٿيا. ان کان سواءِ مدراس مان **'چندا ماما'**، بمبئيءَ مان **'ٽارزن'**، اجمير مان **'گلڪاري'** ۽ بمبئي مان ئي **'جوت'** رسالا پڻ جاري ٿيا.

هندستان ۾ جيئن ئي ٻارن لاءِ ڪتابن ۽ رسالن جي اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو ته اهي اديب ۽ پبلشر، جيڪي سنڌ ۾ ٻارن جا رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪندا هئا، تن پڻ هڪ نئين اميد جي سهاري پنهنجو ڪم اُتان ئي شروع ڪيو جتان ورهاڱي وقت انهن سنڌ ۾ ڇڏيو هو. 1958ع ۾ موهن ڪلپنا **'سرڳ جي ڳولا'** جي نالي سان ناول لکي ڇپايو. فتح چند واسواڻي هندستان جي سير تي ٻڌل ڪتاب **'ڀارت درشن'** 1961ع ۾ ٻن ڀاڱن ۾ لکي ڇپرايو. جيوت گوگيا جوت 1961ع ۾ **'ڏاڏيءَ جون آکاڻيون'** نالي ڪتاب لکي ڇپايو. ان کان اڳ 1958ع گووردن ڀارتي ٻارن جي گيتن جو مجموعو **'لاٽيون'** ۽ 1963ع ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو **'نئين بستي'** ڇپرايو. پرسرام ضياءَ ٻارن لاءِ ڪتاب **'باغ بهار'** 1954ع ۾ لکي پڌرو ڪيو. اڳي سنڌ ۾ ڇپيل ڪشنچند بيوس ۽ هري دلگير جو گڏيل ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو **'موجي گيت'** پڻ 1963ع ۾ ٻيهر ڇپجي پڌرو ٿيو. ديپ چندر بيلاڻي ٻارن لاءِ **'سندر راماڻ'** 1963ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. 1963ع ۾ ئي ڪلا پرڪاش جو ٻارن جو ڪتاب **'ممتا جون لهرون'** ڇپجي پڌرو ٿيو. 1964ع ۾ گهنشام تلريجا سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب **'اچا ڪانوَ'** ڇپائي پڌرو ڪيو.

1965ع کان پوءِ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ڪتابن ۽ رسالن جي اشاعت جو سلسلو خاطر خواهه تعداد ۾ وڌيو اهڙيءَ ريت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتابن جي معيار ۾ لي آئوٽ ۾ فرق پڻ آيو. هاڻي نه صرف ٻارن لاءِ ڪهاڻين ۽ شعرن جا مجموعا ڇپيا، پر نون سائنسي ۽ سماجي موضوعن تي پڻ ٻارن لاءِ لکڻ جو سلسلو وڌيو. 1965ع کان وٺي موجوده دور تائين جن ادارن ۽ اديبن، ليڪن سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب کي هٿي وٺرائي وٺي، تن جو تفصيل هيٺينءَ ريت پيش ڪجي ٿو.

## سندر ساهتيه پبليشنگ هائوس (اجمير):

هي اشاعتي ادارو هندستان جي شهر اجمير ۾ قائم ڪيو ويو. هن اداري پاران ٻارن جا جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، تن ۾ گوورڌن ڀارتيءَ جي شعرن جو مجموعو **'لاتيون'** (1958ع)، گوورڌن محبوباڻيءَ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب **'نئين بستي'** (1963ع)، فتح چند واسواڻيءَ جو ٿن ياڱن تي ٻڌل ڪتاب **'اخلاقي سبق'** (1964ع)، ديپ چندر تلوڪ چند جو آتم ڪٿائي ڪتاب **'جواهر درشن'** (1966ع)، پريداس برهمچاريءَ جو سوانح عمريءَ جو ڪتاب **'باپو درشن'** (1968ع) ۽ ديال آشا جو ڪتاب **'دادا درشن'** ڇپائي شامل آهن.

## گلستان پبليڪيشن (احمد آباد):

ٻارن لاءِ ڪتابن جي اشاعت جو هي ادارو ناميارِي اديب ۽ ليکڪ **هوندراج بلواڻي** احمد آباد ۾ قائم ڪيو.1967ع کان **'گلستان پبليڪيشن'** طرفان ٻاراڻي ادب جا ڪتاب ڇپائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو. ڪافي ڪتاب ڇپايا ويا. انهن ۾ آکاڻين جي ڪتابن جو تعداد سڀ کان وڌيڪ آهي. سنڌيءَ ۾ تصويري ڪهاڻين جا ڪتاب به پهريون دفعو هن پبليڪيشن طرفان شايع ٿيا. سنڌيءَ ۾ اصلوڪن ٻاراڻن ناولن جي کوٽ هجڻ ڪري ڪن ڀارتي ٻولين جي سٺن ناولن جا ترجما پڻ ڪرايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويا. دنيا جي مقبول ٻاراڻي ادب جي ڪيترين ئي لکڻين کي بہ سنڌي ٻارن جي اڳيان ميسر ڪيو ويو. شاگردن کي همٿائڻ لاءِ سندن لکڻين کي بہ ڪتابي روپ ۾ ڇپايو ويو. هن اداري ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا ڪتاب '**ٻنسري**' ۽ '**هيراموتي**' (1967ع)، هوندراج بلواڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب '**جادو نگري**'، (1968ع) ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب '**چون چون چاچو**'، هوندراج بلواڻيءَ جو ٻارن لاءِ ناٽڪن جو مجموعو '**ڏهين جو نوٽ**'، 1969ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب '**آڪاشي ڪوئو**'، رام ياڳ چنداڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب '**گل ٽڙي پيا**'، هوندراج بلواڻيءَ جو ترجمو ڪيل ناول '**ست جادوگر**'، 1970ع ۾ رام ياڳ چنداڻيءَ جو ترجمو ڪيل ناول '**ڳاڙهو تاج**'، هوندراج بلواڻيءَ جو '**پپوءَ جو پيارو موتي**'، هوندراج بلواڻيءَ جو '**جادوءَ جو ڪٽورو**'، 1971ع ۾ ڪنعي گوپلاڻيءَ جو ٻارن لاءِ ناول '**ڀڳڙو مندر ۾**'، 1972ع ۾ منگهارام ديواني جو ڪتاب '**اٺ ٻارت جي سنتان**'،1974ع شيام رام رڪياڻي جو '**گل گلاب جا**'، 1975ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا ترجمو ڪيل ٻارن جي ڪهاڻين جا ڪتاب '**راجا جي بلبل**'، '**نانيءَ جي عجيب ڪرسي**' ۽ '**سونا پري**'،'**چرٻٽ راجا**'،'**ڇهر ٻهر چنٽيون**' 1976ع ۾ گوپال ڏيوناڻيءَ جو ترجمو ڪيل ناول '**پرين جو ناچ**'، هوندراج واڌواڻيءَ جو ڪهاڻين جو ترجمو ڪيل ڪتاب '**عقل جون آڪاڻيون**'، راجيش ڪتواڻيءَ جو ڪهاڻين جو ترجمو ڪيل ڪتاب '**جادوگر جو چيلو**'،لڇمڻ ڪڪريجا جو ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب '**اڳڙيءَ جو گڏو**'، راجيش ڪتواڻيءَ جو ناول '**پوپو جادوگر**'، آتما رام جو '**باهہ جو گهوڙو**'، هوندراج بلواڻيءَ جا بہ مزاحيہ ڪتاب '**بيربل جو پياءُ**' ۽ '**ٺهڪ ئي ٺهڪ**'، 1977ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو '**ڪٺمنڙا**'، لڇمڻ ڪڪريجا جو ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب '**پوري ٻلي**'، هوندراج بلواڻيءَ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجمو ڪيل ڪتاب 'ايسپ جون آکاڻيون' ۽ 'راجڪماري سيپٽمبر'. موهن پنجواڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'ڪنجوس جو دان'، شيام رام رڪياڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'هرڻ جو خون'،'مامي جون مڇون'، هوندراج بلواڻيءَ جا مرتب ڪيل ڪتاب 'جادوءَ جي بوتل'، 'جادوءَ جي چوڪري' ۽ 'ٺهڪڻ لاءِ تول'، 1978ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا 'ناستڪ راجا'، 'ٽي سونا وار'، 'جادوئي ڪُمي'، ڏنار جي ڏيءَ'، 'صوف جي ڪهاڻي'، 'چمتڪاري گهوڙو'، ڪشن اوڏوداس جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'چوري'، ديپا آزاد جو ڪتاب 'اگني پکي'، 1979ع ۾ انور هالائيءَ جو ڪتاب 'شاهه جون آکاڻيون'، پريم پرڪاش جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'پاپا وچائجي ويو'، هوندراج بلواڻيءَ جا ترجمو ڪيل ڪتاب 'گلن جي ٽوڪري'،'ٽام هڪ چوڪرو هو'، 'سوني جهرڪي ۽ ڏيڏر' ۽ 'سنڌ جي سوکڙي'، ايشور چندر جو 'نئين زماني جو ڪوئو'، 1980ع ۾ ڀڳونتي ڪڪريجا جي ٻاراڻن جي ناٽڪن جو مجموعو 'جمني ڪئي شادي'، 1980ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو 'بيوقوف سهو'، لڇمڻ ڪڪريجا جو معلوماتي ڪتاب 'جانورن جو باغ'، 1981ع ۾ جيوت گوگيا جوت جو 'نانيءَ جون آکاڻيون'، رام ڀاڳ چنداڻيءَ جي آتم ڪٿا 'وڏن جي ننڍپڻ'، هوندراج بلواڻيءَ جو 'موچي راجا'، 1982ع ۾ هوند راج بلواڻيءَ جو 'گيان جو خزانو'،'انمول موتي'، 1982ع ۾ ٻارن جي اٺن ناٽڪن تي ٻڌل چندر سين ناواڻيءَ جو ڪتاب 'پوسٽ جو ڏبو'، رام ڀاڳ چنداڻيءَ جي ڇهن ٻاراڻن ناٽڪن جو مجموعو 'پلي آيو آرتوار'، 1983ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'شاهوڪار ڪوئو'، واسديو سنڌو ڀارتيءَ جو 'انڊلٺ' هوندراج بلواڻيءَ جو 'چوٽون باندر'، هري دلگير جي ٻاراڻن شعرن تي ٻڌل ڪتاب 'مزيدار گيت'، 1984ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو 'چوند سنڌي ٻال ڪهاڻيون'، 1985ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو 'سوني چادر'، ساڳئي سال ۾ هوندراج بلواڻي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌو ڀارتي، گوپي موٽواڻي، وشنو ڀاٽيا ۽ سوني مولچنداڻيءَ جو گڏيل ڪتاب **’مرغا رام ۽ طوطا رام‘**، 1986ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو **’ٻارن جا لوڪ گيت‘**، 1986ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا ٻه ڪتاب **’سوني مڇي‘**، **’تي ٻاندر‘** ۽ **’جهرڪي ۽ آڪيرو‘**،1987ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو ڪتاب **’پنهنجي نگري پياري‘**، 1988ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب **’پُر اُپڪاري پمون‘** شامل آهن.

هنن ڪتابن کان سواءِ هن اداري هيستائين سنڌي ٻارن لاءِ 20 کان مٿي ٻيا به ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا آهن.

**نيشنل ڪائونسل آف ايجوڪيشنل ريسرچ اينڊ ٽريننگ:**

هي ادارو هندستان جو سرڪاري ادارو آهي، جنهن کي مختصر لفظن ۾ اين سي اِي آر ٽي [NCERT] چيو ويندو آهي. هن اداري پاران 18 ٻولين ۾ ٻارن جي ادب تي ڇپيل ڪتابن تي انعام ڏنو ويندو آهي، جنهن جو مقصد ٻارن جي اديبن جي ترقي ۽ ليکڪن ۽ اديبن کي اتساهه آهي. هن اداري ٻارن جي ادب جي ڪتابن تي انعام ڏيڻ جو سلسلو 1955ع ۾ شروع ڪيو پر سنڌي ٻوليءَ کي ان ۾ 1957ع ۾ شامل ڪيو ويو. هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻارن جي جن ڪتابن تي انعام ڏنو آهي، تن ۾ گووردڻ ڀارتيءَ جو ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **’لاٽيون‘**، پرسرام ضياءَ جي ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **’باغ بهار‘**، جيوت گوڳيا جوت جي ڪهاڻين جو ڪتاب **’ڏاڏيءَ جون آکاڻيون‘**، فتح چند واسواڻيءَ جو سير سفر تي ٻڌل ڪتاب **’ڀارت درشن‘**، گووردڻ ڀارتيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب **’نئين بستي‘**، منوهر داس ڪوڙيمل جو ناٽڪن تي ٻڌل ڪتاب **’ڇهچٽا‘**، ليکراج هنس جو لوڪ ڪهاڻين جو ڪتاب **’ڏاڏيءَ جي ڏات‘**، لڇمڻ ڪومل ڀاٽيا جو ڪتاب **’هڪڙو هو راجا‘**، ديپچندر تلوڪ چند جو **’جواهر درشن‘**، لڇمڻ ڀمڀاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب **’مرڪندڙ مرڪون‘**، پريداس برهمچاريءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'ٻاپو درشن'، ديال آشا جو 'دادا درشن'، موتي پرڪاش جو 'گلڙن جا گيت'، منوهر بيديءَ جو 'جهرمر'، بي ليکواڻي جو 'وگيان جوتي'، ديال آشا جو 'وطن تان صدقي'، هوندراج بلواڻيءَ جو 'ماستر موکل تي'، ديال آشا جو 'مرڪندڙ مکڙيون'، ڦول روهڙا جي 'هندستان جي آزادي جي ڪهاڻي'، هري دلگير جو ڪتاب 'مزيدار گيت'، ديال آشا جو ڪتاب 'اسين سڀ هڪ آهيون'، واسديو نرمل جو 'امان توکي خبر آهي'، هوندراج بلواڻيءَ جو 'قدرت جي گود ۾'، گوورڌن ڀارتيءَ جو 'چنڊ تي چڙهائي'، هوندراج بلواڻيءَ جو 'سياڻا سڀ مون ٻارڙا'، ديال آشا جو 'ٻارو اچو تہ ڳايون'، ڪيمن يو مولاڻيءَ جو 'اڏر اڏر ڙي پوپٽڙا' ۽ ٻيا شامل آهن.

## گجرات سنڌي اڪيڊمي:

ڊائريڪٽوريٽ آف لئنگويجز، گجرات تي، گجراتيءَ سان گڏ سنڌي ۽ اردو ٻولين جي ترقيءَ جو ذمو پڻ رکيو ويو. اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ لاءِ الڳ 'گجرات سنڌي اڪيڊمي' قائم ڪئي وئي. هن اداري پاران پڻ ٻارن جي بهترين ڪتابن تي انعام ملندا رهيا آهن. گجرات ۾ سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي ٺهڻ کان اڳ گجرات سرڪار جي ڊائريڪٽوريٽ آف لينگويجز طرفان سنڌي ادب جون ڪيتريون رٿائون هلندڙ هيون. 1987ع ۾ اڪادمي ٺهڻ کان پوءِ اهي رٿائون اڪادميءَ کي سونپيون ويون. انهن رٿائن ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ بہ چڱيون رٿائون هيون، جهڙوڪ: ٻاراڻي ادب جي ڪتاب کي انعام ڏيڻ، ٻاراڻي ادب کي ڇپائڻ لاءِ ليکڪن کي مالي مدد وغيره. اهي ۽ ٻيون رٿائون اڄ تائين هلندڙ آهن. وڏن جي ادب جي ليکڪن کي انعام ۾ جيتري رقم ڏني ويندي آهي، اوتري ئي ٻاراڻي ادب جي ڪتابن لاءِ هوندي آهي. 2004ع کان ٻارن جو رسالو 'باغ بهار' بہ شروع ڪيو ويو آهي. دهلي سنڌي اڪادميءَ کان پوءِ گجرات جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪادمي ٺي آهي، جنهن ٻارن جي لاءِ رسالو به شروع ڪيو آهي. ٻاراڻي ادب جا ڪيترا ڪتاب به اڪادميءَ طرفان ڇپايا ويا آهن. ڀارت جي جدا جدا رياستن جي سنڌي درسي ڪتابن مان چونڊيل لکڻين جو جيوت گوگيا 'جوت' جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪتل مجموعا **'رنگبرنگي گيت ۽ ڪهاڻيون'**، دادا شيوڪ ڀوڄراج جي مشهور رسالي **'گلستان'** ۾ ڇپيل بهترين لکڻين جو هوندراج بلواڻيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ **'گلستان جا ٻال گيت ۽ ڪهاڻيون'**،نارايڻ شيام جي ٻاراڻن گيتن جو مجموعو **'هندورو'** ۽ منوهر نهالاڻيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ **'چونڊ سنڌي ٻال ايڪانڪيون'** ۽ ڪمل پياسيءَ جو تيار ڪيل **'آڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون'** ۽ اهڙا ڪجهه ٻيا ڪتاب آهن، جيڪي ڪنهن به اڪادميءَ جي لاءِ فخر جو باعث بڻجي سگهن ٿا.

گجراتي ۽ سنڌيءَ جي ٻاراڻي ادب جي ڏي وٺ لاءِ به سنڌي اڪادميءَ جوڳو ڪم ڪيو آهي. ترجمي رٿا هيٺ ليکڪن کي ترجمو ٿيل ڪوبه ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي مدد ڏني ويندي آهي. اهڙيءَ طرح گجراتيءَ جو ڪيترن ئي ٻاراڻو ادب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيو آهي. 30 کان 40 ڪتاب سنڌيءَ ۾ آيا آهن ته ڪي ڪتاب سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ به ترجمو ٿيا آهن. انعام يافته ڪتابن ۾: رام ياڳچنداڻي جا ڪتاب **'وڻن جي نئيڙ'**، **'پلي آيو آرتوار'** ۽ **'لوڪ'**، هوندراج بلواڻيءَ جا ڪتاب **'گيان جو خزانو'**، **'انمول موتي'**، **'چوٽون باندر'** ۽ **'ڪوئي لڏي هٺڊ ڳڙي'**، سترام داس سائل جو ڪتاب **'ٻاراڻا گيت'**، ڀڳوان نردوش جا ڪتاب **'رنگ برنگي ڦوڪڻا'** ۽ **'رم جهم'**، بي ايچ آڏواڻيءَ جو ڪتاب **'جادو نگري'**، جيني لالواڻيءَ جو ڪتاب **'آڪاشي ياترا'**، گهنشام ساگر جو ڪتاب **'ڦول چمن جا'**، چندر سين ناواڻيءَ جو ڪتاب **'پوست جو ديو'**، ڪنول پياسيءَ جو ڪتاب **'پنکڙيون گلاب جون'**، سياش شرما جو ڪتاب **'منڙيون لاٽيون'**، منوهر نهالاڻيءَ جا ڪتاب **'وير ٻالڪ'** ۽ **'وچتر راجڪماري'**، ڪنئي گڏراڻيءَ جو ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’ڪنهن سان ڳالهه نہ ڪج‘، ميول آهوجا جو ڪتاب ’لال جادوگر‘، پِي وي گرناڻيءَ جو ڪتاب ’ٻال واچن مالها‘ ۽ ٻيا شامل آهن.

هن اداري ٻاران ٻارن لاءِ لکندڙ مختلف ليکڪن کي گرانٽون پڻ جاري ڪيون ويندڙيون آهن تہ جيئن اهي پنهنجا ڪتاب شايع ڪرائي سگهن.

**نوجِيون ساهتيہ منڊل (اجمير):**

ورهاڱي کان سُتت ئي پوءِ اجمير ۾ قائم ٿيل هن اداري ٻارن جا پڻ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪري پڌرا ڪيا. ٻارن لاءِ ڇپيل هن اداري جي ڪتابن ۾ 1969ع ۾ پريداس برهمچاري ۽ ديپ چندر تلوڪ چند پاران جدا جدا ليکڪن جون سهيڙيل لوڪ آکاڻيون ٽن ڀاڱن ۾ ’گل ڦل ڪهاڻيون‘ جي عنوان سان ڇپائي پڌريون ڪيون. ساڳئي سال ساڳين ئي ليکڪن جون ٽن ڀاڱن تي ٻڌل جدا جدا ليکڪن جو ٻيون لوڪ ڪهاڻيون ’سندر ڪهاڻيون‘ جي نالي سان ڇپجي پڌرون ٿيون. 1959ع ۾ ساڳين ئي ليکڪن جا سوانح عمريءَ تي ٻڌل ڪتاب ’ستاره‘، ’جواهر جيون‘، ڇپجي پڌرا ٿيا. 1960ع ۾ هن اداري ديپ پريداس برهمچاري ۽ ديپ چندر تلوِڪ چند جون ٻن ڀاڱن ۾ سهيڙيل ڪهاڻيون ’مزيدار ڪهاڻيون‘ جي نالي سان ڇپائي پڌريون ڪيون. 1961ع ۾ ديپ چندر تلوڪ چند عام معلومات جو ڪتاب ’عام ڄاڻ‘، 1965ع ۾ ديپ چندر تلوڪ چند جو معلوماتي ڪتاب ’دنيا جا ٻالڪ‘، 1965ع ۾ ديپ چندر تلوڪ چند پاران مختلف لوڪ آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب ’لوڪ ڪٿائون‘ ٻن ڀاڱن جي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن اداري 1972ع ۾ ئي متي ڄاڻايل ساڳين ليکڪن مختلف ليکڪن جون ترتيب ڏنل ڪهاڻيون ’ڏوهاري‘ جي نالي سان ڇپجي پڌريون ڪيون. 1975ع ۾ ديپ چندر تلوڪ چند جا سوانح عمريءَ تي ٻڌل ڪتاب ’سنڌي سپوت‘ ٻن ڀاڱن ۾ پڌرو ٿيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ (دهلي):

هي ادارو هندستان سرڪار جي تعليم کاتي جي هيٺ ڪم ڪندو آهي، جنهن پاران مختلف قسم جي سيمينارن ۽ ورڪشاپن سان گڏ بهترين ڪتابن تي ادبي انعام به ڏنا ويندا آهن. دهليءَ ۾ قائم ٿيل هي ادارو ڇپيل ڪتابن جو وڏو تعداد خريد ڪري مختلف لائبريرين ۽ تنظيمن کي مفت فراهم ڪندو رهندو آهي. هن اداري سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ڪيترائي ورڪشاپ ڪرايا آهن. ان کان علاوه اداري پاران ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾ (1) **'سارٿي پٽر جي ڪهاڻي'**، (2) **'موهن جي درزي جي مايا'**، (3) **'اٿهاسڪ آکاڻي'**، (4) **'اسان جا پاڙيسري'**، (5) **'هماليه جو جوکائتو سفر'** ۽ ٻيا شامل آهن.

## راجستان سنڌي اڪيڊمي:

**راجستان سنڌي اڪيڊمي** 1969ع ۾ قائم ٿي. هيءَ اڪيڊمي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب شايع ڪرڻ کان سواءِ بهترين ڪتابن تي انعام به ڏيندي آهي. هن اڪيڊميءَ پاران ٻارن جي جن ڪتابن تي انعام ڏنا ويا آهن تن ۾: واسديو سنڌو پارتيءَ جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب **'نئين روشني'**، ايشور چندر جو ڪتاب **'جڏهن ڪوئي ٻليءَ کي سمهاريو'**، هوندراج ٻلواڻيءَ جو ڪتاب **'شريمان اڪروٽ'**، شوو رامناڻيءَ جو ڪتاب **'مستقبل جي ماتا'** ۽ ٻيا شامل آهن.

## ٻاراڻو ادب پبليڪيشن (احمدآباد):

ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو هي ادارو هوندراج ٻلواڻي ۽ جيٺي لالواڻي احمدآباد ۾ قائم ڪيو. هن اداري جيڪي ٻارن لاءِ ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شايع ڪيا. تن ۾ 1985ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جي ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪتاب **'ڪوئي لڏي هٺ ڳڙي'**، هوندراج بلواڻيءَ جو ئي ترجمو ڪيل ڪتاب **'ڪارو ڪانءُ ۽ پورو گڏهه'**، 1986ع ۾ منوهر نهالاڻيءَ جو ٻارن جي ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب **'وچتر راج ڪماري'**، هوندراج بلواڻيءَ جا ڪتاب **'ٻارن جو گُجو پائي'**، **'گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال گيت'**، 1987ع ۾ هري دلگير جي شاعريءَ جو مجموعو **'گيت گلابي'**، 1988ع ۾ روچي خوابيءَ جو ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو **'چندا ماما'**، 1989ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو **'ارچڪ مرچڪ'**، 1989ع ۾ ئي هيملتا بجاج جو ڪهاڻين جو ڪتاب **'جن پوت موڪل تي'**، 1991ع ۾ هري دلگير جو **'پروليون'** ۽ ٻيا شامل آهن. هي اشاعتي ادارو اڄا تائين ٻارن جا ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي.

## ويٽا پبليڪيشن (الهاس نگر):

ٻارن لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪتابن جي اشاعت جو هي ادارو اُلهاس نگر هندستان ۾ ڊاڪٽر **جڳديش لڇاڻي** قائم ڪيو. هن اداري ٻارن جا جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ 1982ع ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جا ٻه ٻاراڻا ناول **'روپ نگر جي راجڪماري'** ۽ **'گلن ڦلن جي راڻي'**؛ 1983ع ۾ جگديش لڇاڻيءَ جو لوڪ آکاڻين تي آڌاريل ڪتاب **'ڪَئي آنڊي ڪنوار'**، 1985ع ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جا ٻه ڪتاب **'ٻال ڪهاڻيون'** ۽ **'سنڌي لوڪ ڪهاڻيون'**، 1986ع ۾ منوهر بيديءَ جي ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **'جهرمر'**، 1986ع ۾ جيوت گوگيا جوت جي ٻاراڻين ڪهاڻين جو مجموعو **'رنگ برنگي آکاڻيون'**، 1989ع ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جو ٻاراڻين آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب **'هڪڙو هو ڏاهري'**، 1990ع ۾ منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻيءَ جو گڏيل ٻاراڻو ناول **'ملي ڪبو مقابلو'**، 1990ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جي ٻاراڻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڪاٽين جو مجموعو **’نئين نانيءَ‘**، 1990ع ۾ جگديش لچاڻيءَ جو ڪتاب **’گيان گنگا‘**، 1991ع ۾ گووردن پارتيءَ جي ٻاراڻين آڪاٽين تي ٻڌل ڪتاب **’چنڊ تي چڙهائي‘**، 1992ع ۾ جڳديش لچاڻيءَ جو ٻارن جو ناول **’لال هيري جي ڳولها‘**، 1994ع ۾ جڳديش لچاڻيءَ جو ڪتاب **’وگيان جون آڪاٽيون‘** شامل آهن.

## جڳديش بوڪ ڊپو (الهاس نگر):

هي ڪتاب گهر الهاس نگر ۾ قائم ڪيل آهي، جنهن جي پليٽ فارم تان ٻين ڪتابن سان گڏ ٻارن جا ڪتاب پڻ شايع ڪيا ويندا آهن. هن اداري جيڪي ٻارن لاءِ ڪتاب شايع ڪيا آهن، انهن ۾ سال 1969ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جي ٻاراڻين ڪهاڻين جو مجموعو **’ٽي گهوڙي‘**، 1969ع ۾ ئي هوندراج بلواڻيءَ جا ٽوٽڪن ۽ لطيفن تي ٻڌل تي ڪتاب **’ٽهڪن جي برسات‘**، **’ڪِل گهٽو جيءَ گهٽو‘** ۽ **’ڪاڪو ڪوڏومل‘**، 1979ع ۾ جگديش لچاڻيءَ جو لوڪ آکاڻين تي آڌاريل ڪتاب **’جهرڪيءَ لڏو تِڪو‘** شامل آهن.

## گل ڦل پبليڪيشن (ممبئي):

ممبئيءَ ۾ قائم ڪيل هن اشاعتي اداري پاران پڻ ٻارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪري پڌرا ڪيا ويا. هن اداري جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ 1966ع ۾ هريش ڪمار لالواڻيءَ جو مرتب ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب **’ننڍڙو ڊاڪٽر‘**، 1967ع ۾ هريش ڪمار لالواڻيءَ جا مرتب ڪيل ڪتاب **’چم چم پري‘**، **’نيڪ دل شهزادي‘**، **’وفادار ڪتو‘**، **’ڪرامتي هيرو‘**، **’ڏيڍ ٽنگ‘**، **’جادوءَ جون ٻوٽيون‘**، **’ڏياريءَ جو ڏيئو‘**، **’جادوءَ جي صندوق‘** ۽ **’اڏامندڙ گهوڙو‘** شايع ڪيا ويا. هن اداري سال 1968ع ۾ هريش ڪمار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لالوائيءَ جا مرتب ڪيل ٻارن جي ڪهاڻين جا جيڪي ڪتاب شايع ڪرايا تن ۾ 'خون جو تلاءُ' ۽ 'سوني واچ'، 1969ع ۾ 'ننڍڙو ماستر'، 1970ع ۾ 'پوريل خزانو' ۽ 'ننڍڙو رانديگر' شامل آهن.

### ٻبلو پبليڪيشن (احمدآباد):

ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو هي ادارو هوندراج بلوائي احمدآباد، هندستان ۾ قائم ڪيو. هن اداري سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جا جيڪي ڪتاب شايع ڪيا تن ۾: 1970ع ۾ هوندراج بلوائيءَ جي اصلوڪين ٻاراڻين جي ڪهاڻين جو ڪتاب 'پالش وارو'، هوندراج بلوائي جو ئي مرتب ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب 'ڪاشيءَ جو ٺڳ' ۽ گنگو آهوجا جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'روپ ڪماري' شامل آهن.

### اپسرا پبليڪيشن (احمدآباد):

اپسرا پبليڪيشن احمدآباد، هندستان ۾ قائم ڪيل اشاعتي ادارو آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي ٻارن جا ڪتاب شايع ڪندو آهي. هن اداري ٻاران ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، تن ۾ 1968ع ۾ هوندراج بلوائيءَ جو ٻاراڻو ناول 'هڪڙو هو راجڪمار'، 1969ع هوندراج بلوائيءَ جو ترجمو ٿيل ناول 'نيڪ نينگر'، هوندراج بلوائيءَ جي ڪهاڻين جو ئي ڪتاب 'برف جو پتلو'، 1978ع ۾ هوندراج بلوائي ۽ شيام رام رڪيائيءَ جو لوڪ آکاڻين تي آڌاريل، مرتب ڪيل ڪتاب 'ننڍڙو سفيد ماڻهو'، 1979ع ۾ هوندراج بلوائيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب 'دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون'، ساڳئي سال هوندراج بلوائيءَ جا مزاحيه ٽوٽڪن ۽ لطيفن تي ٻڌل ٻه ڪتاب 'چرچا مهاپرشن جا' ۽ 'ڪتا مٺا گول گپا' شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻالڪن جي ٻاري (هندستان):

1934ع ۾ دادا شيوڪ پوڄراج جي هندستان لڏي وڃڻ کان پوءِ هندستان جي مختلف شهرن ۾ پڻ 'ٻالڪن جون ٻاريون' قائم ٿيڻ لڳيون. ٻالڪن جي هنن ٻارين پاران ٻارن جي ڪتاب جي اشاعت جو سلسلو 1960ع ڌاري شروع ڪيو ويو. 1960ع ۾ ٻالڪن جي ٻاري احمد آباد پاران چندرسين ناواڻي ۽ هري سي. ايچ جي ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب '**گلڙن جي گلزاري**' شايع ڪيو. 1964ع ۾ ايسٽ الهاس نگر ٻالڪن جي ٻاريءَ پاران گهنشام وليچا جو آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب '**اڇا ڪانوَ**' پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

## پايل پبليشرز (بڙودا):

بڙودا ۾ قائم ٿيل هن اشاعتي اداري ٻارن جا پڻ مختلف ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا. هن اداري جي ڇپيل ڪتابن ۾ 1966ع ۾ ڪمل پياسيءَ جو اصلوڪين ٻاراڻين ڪهاڻين جو مجموعو '**سائي جهنڊي**' ۽ 1966ع ۾ ڪمل پياسيءَ جي لوڪ آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب '**ڏانئڻ جي شادي**' شامل آهن.

## ٻال سنڌو پبليڪيشن (احمدآباد):

احمد آباد. هندستان ۾ قائم ڪيل هي ادارو خاص طور تي سنڌي ٻاراڻي ادب جي اشاعت لاءِ قائم ڪيو ويو. هن اداري پاران 1968ع ۾ هوند راج بلواڻيءَ جو ڪهاڻين جو ڪتاب '**راجوءَ جي ٽوپي**'، 1969ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جوئي ننڍن ٻارن لاءِ معلوماتي ڪتاب '**دنيا رنگ برنگي**'، 1992ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ جوئي آکاڻين جو مرتب ڪيل ڪتاب '**انوکيون آکاڻيون**' شايع ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## گڏو گڏي پبليشنگ هائوس (الهاس نگر):

گڏو گڏي پبلشنگ هائوس، ٻاراڻي ادب جي اشاعت جو هڪ ادارو آهي. الهاس نگر ۾ قائم ڪيل هن اشاعتي اداري ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪيا، تن ۾ 1961ع ۾ جيوت گوگيا جوت جي اصلوڪين ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو '**ڏاڏيءَ جون آکاڻيون**'، 1968ع ۾ نيوند رام روچاڻيءَ جي شعرن جو مجموعو '**ڪالوءِ ٻالو**'، 1968ع ۾ ئي جيوت گوگيا جوت جي ڪهاڻين جو ڪتاب '**پرين جون آکاڻيون**' شامل آهن.

## سنڌي ٽائيمز پبلڪيشن (الهاس نگر):

هن اداري 1975ع ۾ نارائڻ ڀارتيءَ جي لوڪ آکاڻين تي ٻڌل ڪتاب '**هڪڙو هو سوداگر**'، 1982ع ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو لوڪ آکاڻين تي آڌاريل ڪتاب '**ابول راڻي**' ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. هي ادارو الهاس نگر ۾ قائم ٿيل آهي.

## رتن ڪتاب گهر (احمد آباد):

هن اداري 1969ع ۾ تيرٿ مهر چنداڻيءَ جو ناٽڪن تي ٻڌل ڪتاب '**گلن جهڙا ٻارڙا**' ۽ 1970ع ۾ '**سدا مهڪن گلڙا**' ڇپائي پڌرا ڪيا. 1977ع ۾ تيرٿ مهر چنداڻيءَ جو ڪتاب '**ٻارت رتن**' پڻ هن اداري ڇپائي پڌرو ڪيو.

## سنڌي ٻال ساهتيه پريشد (احمد آباد):

سنڌي ٻال ساهتيه پريشد، احمد آباد ۾ قائم هڪ اشاعتي ادارو آهي، جنهن ٻاران 1986ع ۾ جيٺي لالواڻيءَ جي ٻارن لاءِ لکيل چئن ريڊيو ناٽڪن جو مجموعو '**ترنگي روشني**' ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**شوڀا پبليڪيشن (بمبئي):**

هن اشاعتي اداري 1980ع ۾ ديال آشا جو ڪتاب **'وطن تان صدقي'**, 1983ع ۾ وشنداس آسنائيءَ جو ڪتاب **'وتائي فقير جا ٽوٽڪا ۽ ٽهڪ'**, 1988ع ۾ وشنداس آسنائيءَ جو **'وتائي فقير جا نوان ٽهڪ ۽ ٽوٽڪا'** ڇپائي پڌرا ڪيا.

**هندستان ڪتاب گهر (بمبئي):**

هن اداري پاران 1954ع ۾ پرسرام ضياءَ جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **'باغ بهار'** ڇپائي پڌرو ڪيو.

**ڪونج پبليڪيشن (بمبئي):**

هن اداري پاران 1963ع ۾ ڪلا پرڪاش جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو **'ممتا جون لهرون'** ڇپائي پڌرو ڪيو.

**ماڌو ٻالچنداڻي پبليڪيشن (احمدآباد):**

هن اداري 1965ع ۾ ڪمل پياسيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب **'ٽمڪندڙ تارا'** پڌرو ڪيو.

**ٻال دوست ڪتاب مالا (الهاس نگر):**

هن اداري 1991ع ۾ لڇمڻ ڪڪريجا جو ڪتاب **'ڪارو مٺو'**, 1992ع ۾ لڇمڻ ڪڪريجا جوئي هڪ ٻيو ڪتاب **'ٻال دوست'** شايع ڪرائي پڌرو ڪيو.

**ڦولستان آفيس (اجمير):**

ڦولستان آفيس اجمير مان 1950ع ۾ جيٺي لالوائيءَ جو مرتب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيل ڪتاب 'پرستان جو سير' ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

مٿين ادارن کان سواءِ ڪن ٻين ادارن ۽ فردن طرفان جيڪي ڪتاب شايع ڪرايا ويا، تن ۾ 1949ع ۾ وير ٻالڪ اجمير پاران پارومل ڪيول راماڻيءَ جو ڪتاب 'چالاڪ پنڊت'، 1963ع ۾ هندستان ڪتاب گهر پاران پرسرام ضياءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو 'باغ بهار'، 1963ع ۾ لوڪ سيوا منڊل بمبئيءَ پاران ليلا رام واسواڻيءَ جو اصلوڪين ٻال ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب 'اخلاقي سبق'، 1963ع ۾ ديپ چندر تلوڪ چند جو ناول 'سندر راماڻ'، دولترام هيمنداس ڪلياڻيءَ جا ٻه ناول 'راجا وڪرما جيت جون 32 پتليون' ۽ 'چار درويش'، 1964ع ۾ منوهر داس ڪوڙيمل جا صحت تي ننڍن ناٽڪن تي ٻڌل ڪتاب 'ڇهچنا'، 1964ع ۾ سترامداس سائل جو ناول 'سهراب ۽ رستم'، 1964ع ۾ ليکراج هنس جو لوڪ آکاڻين جو مجموعو 'ڏاڏيءَ جي ڏات'، 1966ع ۾ چيتن ماڙيوالا جو ٻارن جي لوڪ آکاڻين جو ڪتاب 'آءٌ ڪانگا ڪر ڳالھ'، ڏيولڻ راهيءَ پاران 1967ع ۾ 'ٻاراڻيون ٻوليون' جي نالي سان هڪ ڪتاب، 1967ع ۾ واسديي سنڌو پارتيءَ جو اهم معلومات تي ٻڌل ڪتاب 'عجب هي دنيا'، 1970ع ۾ 'سنڌو جنرل اسٽور احمدآباد' پاران هريش ڪمار لالواڻيءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب 'سرڳ جو سير'، 1974ع ۾ انجلي پرڪاشن پاران ديال آشا جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو 'مهڪندڙ مکڙيون'، 1974ع ۾ نئي جاڳرتي ساهتيه نڪيتن پاران ڪنئي لال ڪرپلاڻيءَ جو شاعري جو مجموعو 'روشن مينار'، 1977ع ۾ سندر جڳواڻيءَ پاران پنهنجو ڪتاب 'ڪليون ۽ گل'، 'روي راج پبليڪيشن الهاس نگر' پاران ڪشور پهوجا جي ٻاراڻي ڪهاڻين جو ڪتاب 'فيصلو'، 1979ع ۾ ڪويتا پبليڪيشن الهاس نگر پاران شيام رام رڪياڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب 'ٻارڙا ڳچيءَ جا هارڙا' ۽ جيوت گوگيا جوت جو ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪتاب 'آکاڻيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي آڪاٽيون‘. 1980ع ۾ ’گوبند پرڪاشن پوپال‘ پاران، روپ ڪمار گهايل جو ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو ’گلابي گل‘. 1981ع ۾ ’سنگيتا پبليڪيشن احمدآباد‘ پاران منوهر نهالاڻيءَ جو ڪتاب ’وير ٻالڪ‘.ساڳئي سال ساڳئي پبليڪيشن پاران پيمنداس شهدادپوريءَ جو ڪتاب ’وير ناريون وير پرش‘. 1981ع ۾ بي ايچ آڏواڻيءَ جي ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب ’پرين جو ديس‘ ۽ ’جادو نگري‘. 1981ع ۾ ’اسٽيج پبليڪيشن احمد آباد‘ پاران ڀڳوان نردوش جو ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو ’رنگ برنگي ڦوڪڻا‘. 1982ع ۾ ڄيٺي لالواڻيءَ جا معلوماتي ڪتاب’گيان جو خزانو‘ ۽ ’آڪاشي ياترا‘. 1982ع ۾ ’ساگر آرٽس احمد آباد‘ پاران گهنشام ساگر جو ڪتاب ’ڦول چمن جا‘. 1982ع ۾ بي ايچ آڏواڻيءَ جو ڪتاب ’ماڻڪ ۽ موتي‘. 1982ع ۾ ’پورڻما پبليڪيشن بمبئيءَ‘ پاران واسديو نرمل جو ٻارن لاءِ مونو لاگ ’امان توکي خبر آهي‘. 1982ع ۾ سترام داس سائل جو ڪتاب ’ٻاراڻا گيت‘ ۽ هاسا رام شرما جو ڪتاب ’هندو جيوت‘. 1983ع ۾ڪويتا ساهتيه مالا احمدآباد پاران پوپٽي هيراننداڻيءَ جي ناٽڪن جو ڪتاب ’راڻي پدمڻي‘. 1983ع ۾ ڪيرت مهر چنداڻيءَ جو ٻارن لاءِ سوانحي ادب تي لکيل ڪتاب ’جيون ريکا‘. 1983ع ۾ ڪنئي گيراڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب ’ڪنهن سان ڳالهه نه ڪج‘. 1983ع ’آهوجا پبليڪيشن بڙودا‘ پاران ميول آهوجا جو ناول ’لال جادوگر‘. 1984ع ۾ رام ياڳ چنداڻيءَ جو معلوماتي ڪتاب ’سوريا شڪتي‘. 1984ع ۾ تيرٿ مهر چنداڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب ’روشنيءَ جا تروړا‘. 1984ع ۾ ’ريکا پبليڪيشن احمد آباد‘ پاران سياش شرما جو ڪتاب ’منڙيون لاتيون‘. ساڳئي سال ’پياس پبليڪيشن‘ پاران ڪمل پياسيءَ جو ڪتاب ’پنکڙيون گلاب جون‘. 1985ع ۾ ڄيٺي لالواڻيءَ جو ڪتاب ’وطن جي صدقي‘. 1985ع ۾ ’ڪرشنا پبليڪيشن آديپور‘ پاران ايس ايس ناٿاڻيءَ جو ڪتاب ’بهار آئي‘. ضياءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساهتيه مالا الهاس نگر پاران ٻاراٽين ڪهاڻين جو مرتب ڪيل ڪتاب ’اهڙا لال چمن‘، 1986ع ۾ رتنا ٻنيجا جو ڪتاب ’ننڍڙ ٻالڪ‘، 1986ع ۾ هوندراج بلواڻيءَ پاران پاڻ ڇپايل ڪتاب ’ٻارن جا لوڪ گيت‘، ڪشور پهوجا جو ٻاراٽين ڪهاڻين تي ٻڌل مرتب ڪيل ڪتاب ’مهان شلپي‘، منجو هريش لتا جو مرتب ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب ’غنچو گلن جو‘، چانڊو ورومل ڪرپلاڻيءَ جو لوڪ آکاڻين جو ڪتاب ’ٻاپي مور جون آکاڻيون‘، 1987ع ۾ سويراج رامچنداڻيءَ جو شاعريءَ جو ڪتاب ’گل گلاب جا‘، 1987ع ۾ سنڌو پبليڪيشن جئه پور پاران واشديو پارتيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب ’نئين روشني‘، گووند پرڪاشن پاران هوندراج بلواڻيءَ جو مرتب ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب ’روشن راهون‘، 1988ع ۾ رام ياڳ چنداڻيءَ جو ڪتاب ’سائنس ڪلب‘، 1988ع ۾ ’راجستان سنڌي اڪيڊمي جئه پور‘ پاران ڪانتا ڪتوريا جو مرتب ڪيل ڪتاب ’پراش جت‘، 1989ع ۾ ڪيمن يو مولاڻيءَ جو ڪتاب ’اڏر اڏر ڙي پوپٽڙا‘، 1990ع ۾ ’ڪڪريجا پبليشنگ هائوس الهاس نگر‘ پاران لڇمڻ ڪڪريجا جو ڪتاب ’سهڻا ٻال گيت‘، 1990ع ۾ ديال آشا جو ڪتاب ’ٻارو اچو ته ڳايون‘، 1990ع ۾ جيوت گوگيا جوت جو ناول ’شينهن ۽ ٻڪري‘، 1990ع پڳوان نردوش جو ڪتاب ’رم جهم رم جهم‘، ’ساهتيه اڪيڊمي نئين دهليءَ‘ پاران ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو مرتب ڪيل ڪتاب ’سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘، 1991ع ۾ ٽيڪم آفتاب جو ڪتاب ’وڏي امان‘، گجرات سنڌي اڪيڊمي پاران 1991ع ۾ جيوت گوگيا جوت جو مرتب ڪيل ڪتاب ’رنگ برنگي گيت ۽ ڪهاڻيون‘ شامل آهن.

ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هندستان ۾
# ٻارن جو ادب سرجيندڙ ليکڪ ۽ شاعر

هندستان ۾ رهندڙ سنڌي اديبن ۽ شاعرن، مجموعي طور سنڌي ادب سان گڏ، سنڌي ٻاراڻي ادب لاءِ پڻ تمام گهڻو لکيو آهي، ۽ نه رڳو لکيو آهي، پر ڪتاب ڇپائي، انهن کي ٻارن تائين پڻ پهچايو آهي. اها تمام اهم ڳالهه آهي جو 'ڪيرت ٻاٻاڻيءَ' کان وٺي 'هوندراج بلواڻيءَ' تائين، ۽ 'ڄيٺي لالواڻيءَ' کان وٺي 'روشن گولاڻيءَ' تائين، 'موهن ڪلپنا' کان وٺي 'ڪلپنا اشوڪ چيلاڻيءَ' تائين ۽ 'ڄڳديش لڇاڻيءَ' کان وٺي 'ومي سدا رنگاڻيءَ' تائين، تقريباً سمورن اديبن، شاعرن ۽ نثر نگارن ٻارن لاءِ لکي بيحد خوشي محسوس ڪئي آهي. هتي انهن سمورن اديبن، شاعرن، ناٽڪارن ۽ نثر نگارن جي ڪم جي مختصر جائزي سان گڏ انهن جي اهڙي ادبي خدمتن جي ڀرپور تعارف ڏجي ٿو ته جيئن سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تاريخ ۾، سنڌس خدمتن عيوض خراج پيش ڪري سگهجي.

## آسومل محبوباڻي:

آسومل محبوباڻيءَ جو 1958ع ۾ 'لاٽيون' نالي سان ٻارن جي شاعريءَ جو خوبصورت مجموعو تصويرن سان سينگارجي شايع ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪو 'سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس'، اجمير طرفان ڇپايو ويو. سندس ٻارن لاءِ لکيل هيءَ شاعريءَ جو ڪتاب 'لاٽيون' تمام گهڻو پسند ڪيو ويو جو ان ڪتاب تي ڀارت جي سرڪار جي تعليمي کاتي کيس انعام پڻ ڏنو. سندس ٻيو ڪتاب ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو هو جيڪو 'نئين بستي' جي نالي سان 1963ع ۾ شايع ٿيو جيڪو سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس، اجمير طرفان ڇپايو ويو.

آسومل محبوباڻي اصل آراضي تعلقي سيوهڻ جو رهاڪو هو سندس پٽ گووردڻ محبوباڻي پڻ سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو اديب ۽ شاعر آهي.

## آشا چاند:

- آشا چاند، سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اديب جوڙي، اي. جي. اُتم ۽ سندري اتمچنداڻيءَ جي لائق نياڻي آهي، جنهن جو وڏو ڪم ٻارن جي گيتن جي ڀرين وڊيو سي ڊي 'گلڙن جا گيت' ۽ 'اچو ته سنڌي سکون' جي عنوان سان سنڌي سکڻ جي مشهور سي ڊي آهي.

آشا چاند 23 مارچ 1951ع تي ممبئيءَ ۾ ڄائي. هن بي. اي اڪانامڪس ۽ ايم. اي (سنڌي ادب)، سان گڏ بزنس مئنيجمينٽ ۾ ڊپلوما ۽ بئنڪنگ جو BIIS جو ڪورس پاس ڪيو آهي. پنهنجي مڙس چاند پنجابيءَ (پنجابي سنڌي هندن جي نک آهي) سان گڏجي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪري رهي آهي. هوءَ هڪ ئي وقت پبلشر، ميوزڪ پروڊيوسر، ٽي وي پروڊيوسر ۽ ادبي ثقافتي پروگرامن جي آرگنائيزر آهي. هوءَ پنهنجون سموريون صلاحيتون سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ تهذيب جي واڌاري ۽ مشتهريءَ لاءِ ڪم آڻيندي رهي ٿي. هن خاص ڪري سنڌي ٻارن لاءِ هڪ نئين سي ڊي 'پنجتنتر' نالي جاري ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ ننڍيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪھاڻيون، نرسري گيت ۽ رانديون شامل آھن.

آشا چاند ھن وقت دبئيءَ ۾ رھائش پذير آھي

**ايشور چندر:**

ايشور چندر جو ٻارن لاءِ لکيل ڪھاڻين جو ڪتاب 'نئين زماني جو گوئٺ' سال 1979ع ۾ شايع ٿيو جيڪو 'گلستان پبليڪيشن احمد آباد' طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

ايشور چندر 30جولاءِ1937ع تي، حيدرآباد، سنڌ ۾ پيدا ٿيو. ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. ورھاڱي ڪان پوءِ پنھنجي خاندان سان ھندستان ھليو ويو جتي راجستان جي شھر اجمير ۾ رھيو ۽ ريلوي کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. ھن سنڌي ۽ ھنديءَ ۾ تمام گھڻيون ڪھاڻيون لکيون آھن، سندس ھندي ڪھاڻين جي ھڪ ڪتاب تي راجستان ساھتيہ اڪيڊميءَ سپ ڪان وڏو انعام ڏنو ۽ سندس قدرداني ڪئي. سنڌيءَ ۽ ھنديءَ ٻولين ۾ سندس ڏھاڪو ڪتاب ڇپيل آھن. ھن 13 آگسٽ1992ع تي لاڏاڻو ڪيو.

**برھم کتري منگھارام چيتنديو 'ديوانو':**

منگھارام چيتنديو جو 1972ع ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو باتصوير ڪتاب 'اُٺ پارت جي سنتان' شايع ٿيو جيڪو ماھوار گلستان احمد آباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ھن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ ھر موضوع تي شعر لکيل آھن.

**بي ايچ آڏواڻي:**

بي ايچ آڏواڻيءَ جو ٻارن لاءِ ڪھاڻين جو پھريون مجموعو 'جادو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نگري' سال 1981ع ۾ شايع ٿيو هو. ٻارن لاءِ لکيل سندس احمد آباد مان نڪرندڙ مخزن **'نذرانو'** (ڪلا ۽ ساهتيہ تماهي) جو ايڊيٽر بہ رهيو آهي. ٻارن لاءِ سندس آکاڻين جو هڪ ٻيو ڪتاب **'پرين جو ديس'** پڻ ڇپيل آهي. آکاڻين جي ٻولي سٺي آهي، پر سندس آکاڻيون گهڻو ڪري جادو ۽ پرين جي آسپاس گهمن ٿيون.

ٻي ايچ آڏواڻيءَ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات نہ ملي سگهي آهي.

## ٻڳوان 'نردوش':

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارې شاعر ۽ اديب **ٻڳوان نردوش** جا سنڌي ۾ ٻارن لاءِ چار ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن ۾: **'رنگ برنگي ڦوڪڻا'** (شاعري 1981ع)، **'گل گلاب جا'** (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون جنوري 1974ع)، **'سوني مڇي'** (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون 1976ع) ۽ **'رم جهم رم جهم'** (ٻارن لاءِ گيت) شامل آهن. مٿين ڪتابن کان سواءِ سنڌي ادب جي مختلف موضوعن تي سندس 10 کن ٻيا بہ ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**ٻڳوان ڪمون مل هوتچنداڻي**ءَ 13 آڪٽوبر 1942ع تي ڳوٺ دريا خان مري (اڳوڻي تعلقي نوشهري فيروز ۽ هاڻي تعلقي نواب شاهہ) ۾ جنم ورتو. هن مئٽرڪ 1960ع ۾ آئو ترام (وارشيا ڪئمپ) اسڪول ٻڙودا مان، بي. اي، ايم. ايس يونيورسٽي آف ٻڙودا مان، بي، ايم. ايس يونيورسٽي آف ٻڙودا مان ۽ بي. ايڊ ڀوپال يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي. ٻڳوان هڪ بهترين شاعر، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار ۽ نقاد آهي. سندس تخلص **'نردوش'** آهي. ٻڳوان 'نردوش' کي **'گجرات سنڌي ساهت اڪادمي، گانڌي نگر'** جا پنج انعام مليل آهن. ان کان علاوه کيس دهليءَ مرڪزي سرڪار جي ماحوليات ۽ ٻيلي کاتي پاران نئشنل سطح تي **'وشيو پريا ورڻ ڏينهن'** (5 جون 1993ع) تي **'پريا ورڻ جو پرتاب'** جو ايوارڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملي چڪو آهي. ’نردوش‘، ’گجرات سنڌي ساهت اڪادمي گانڌي نگر‘ جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي.

هن وقت ’نردوش‘، هنسول (Hansol)، احمد آباد (انڊيا) ۾ رهي ٿو.

**پرسرام ’ضيا‘:**

سنڌي ٻوليءَ ڀڳتي شاعر پرسرام ضيا جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو **’باغ بهار‘** (1954ع) ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جيڪو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيو.

**پرسرام ’ضيا‘** پٽ ننديرام جهامناڻي، ٽنڊوڪي ضلعي نواب شاهه جي تعلقي ٽنڊي آدم ۾ 11 جولاءِ 1912ع تي جنم ورتو. سنڌس پيءُ اڪين کان ضعيف هو جنهن ڪري **’پرسرام‘** سدائين سنڌس ڏڍ رهيو. هن ٽنڊي آدم مان ست درجا سنڌي پاس ڪري، نواب شاهه مان ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪيو.

پرسرام ضيا ورهاڱي وقت لڏ پلاڻ ۾ هندستان هليو ويو جتي الهاس نگر، بمبئي ۾ قيام ڪيائين. بمبئيءَ مان نڪرندڙ سنڌي اخبارن ۾ **’سوتائي‘ ”سودائي‘** ۽ **’سپاهي‘** عنوانن سان مستقل طنزيه ڪالم لکندو.

ٻارن کان سواءِ سنڌس شاعريءَ نثر جا ٻيا ٻه ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سنڌس لاڏاڻو 28 آڪٽوبر 1958ع تي ٿيو.

**جڳديش لڇاڻي، ڊاڪٽر:**

**جڳديش لڇاڻي**، هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي حوالي سان نهايت ئي معتبر نالو آهي. سنڌيءَ ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو تعداد 11 آهي، جن ۾ **’جهرڪيءَ لڏو تڪو‘** (1979ع)، **’روپ نگر جي راجڪماري‘** (1982ع)، **’گلن ڦلن جي راڻي‘** (1983) **’ڪُٽي آندي ڪنوار‘** (1983)، **’ٻال ڪهاڻيون‘** (1985) **’سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘** (1989ع)، **’هڏڪڙو هو ڏاهري‘**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(1989ع)، ’گيان گنگا‘ (1990) ’ملي ڪبو مقابلو‘ (1991) ’لال هيري جي ڳولا‘ (1991) ’وگيان جون آکاڻيون‘ (1994) شامل آهن. هنن ڪتابن کان سواءِ نثر ۽ نظم ۾ سنڌس ٻيا 20 ڪتاب پڻ ڇپيل آهن.

**جڳديش لڇاڻي**ءَ جو پورو نالو **جڳديش سوپراج لڇاڻي** آهي، جيڪو 4 ڊسمبر 1939ع پير جي ڳوٺ، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. جڳديش لڇاڻي، اٺن سالن جو هو تہ ننڍي ڪنڌ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ سنڌس خاندان هندستان هليو ويو. بعد ۾ **جڳديش لڇاڻي** پنهنجي سموري تعليم هندستان ۾ حاصل ڪئي. هن هنديءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڪئي ۽ سنڌي ادب ۾ پي. ايچ. ڊيءَ جي ڊگري بہ حاصل ڪيائين. هن وقت ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ڊي. ٽي. ڪالاڻي ڪاليج آف آرٽس، سائنس ۽ ڪامرس ۾ پرنسپال آهي. هن پنهنجي وسيع تعليمي تجربي کي آڏو رکي، مسلسل 15 سالن تائين ٻارن لاءِ لکيو. ٻارن لاءِ ڇپيل سنڌس 11 ڪتاب، سنڌيءَ جي ٻارن جي ادب ۾ وڏو واڌارو آهن.

**جيوت گوگيا ’جوت‘:**

**جيوت گوگيا جوت** هندستان ۾، سنڌي ٻارن جو مشهور ليکڪ رهيو آهي. سال 1961ع ۾ **’ڏاڏيءَ جون آکاڻيون‘** نالي سان سنڌس ٻارن جي ڪهاڻين جو با تصوير پهريون مجموعو شايع ٿيو جنهن تي ڪيس ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي طرفان، ٻال ساهتيہ چٽا پيٽيءَ ۾ انعام مليو. سال 1968ع ۾ سنڌس **’پرين جون آکاڻيون‘** جي نالي سان ڪهاڻين جو ڪتاب گڏو گڏي پبلشنگ هائوس، سنڌو نگر طرفان شايع ڪرايو ويو. سنڌس لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب **’رنگ برنگي آکاڻيون‘** تصويرن سان گڏ سال 1986ع ۾ شايع ٿيو جيڪو ويٽا پبليڪيشن اُلهاسنگر طرفان شايع ڪرايو ويو. 1990ع ۾ سنڌس ٻارن جي ڪهاڻين جو هڪ ٻيو ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'**شينهن ۽ ٻڪري**' جي نالي سان شايع ٿيو.

جيوت گوگيا جوت جي ذاتي زندگيءَ بابت وڌيڪ معلومات ملي نہ سگهي آهي.

## ڄيٺو لالواڻي، ڊاڪٽر:

سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري ليکڪ ۽ محقق **ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ** جون هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ تمام وڏيون خدمتون آهن. **ڊاڪٽر ڄيٺي** جا سنڌي، هندي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين ۾ 50 کان وڌيڪ ڪتاب ڇپيل آهن، جن مان 14 ڪتاب ٻارن لاءِ لکيل ۽ ڇپيل آهن. سنڌس ٻارن لاءِ لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن ۾:'**آڪاشي ياترا**' (1982ع)، '**علي بابا گم**' (ٻارن جو ناول- ترجمو 1982)، '**جادوئي چدو**' (ٻارن جو ناول- ترجمو 1983)، '**وطن جي صدقي**' (آزاديءَ جي تاريخ 1985)، '**بدني سکيا**' (تعليم 1985)، '**امرت ڪٿائون**' (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون- ترجمو 1985)، '**بدني تعليم**' (درسي ڪتاب 1986)، '**ترنگي روشني**' (ٻال ناٽڪ 1986)، '**شريمان ڦيرو ڦرڪي**' (ٻال طويل ناٽڪ 1996)، '**مسٽر گپوڙي داس**' (ٻال وڏو ناٽڪ 1996)، '**دي گيم**' (ٻال ٽي وي ناٽڪ 1996)، '**ٻال رنگ منچ**' (ٻارن لاءِ خاص پرچو 1996)، '**ٻليءَ جو صبر**' (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون1997)، '**مچر مامو**' (ٻال ايڪانڪيو ن 2006)'**ڪتابي ڪيڙو**' (2008ع) ۽ '**راڄ پٽ جو راهي**' (2012ع) شامل آهن. ان کان سواءِ **ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ** جون ٻارن لاءِ لکيل ٻارن جي سنڌي رسالن ۽ اتان جي درسي ڪتابن ۾ شايع ٿيندڙيون رهنديون آهن. **ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي** احمد آباد مان ٻارن لاءِ رسالو 'جهر مر' بہ جاري ڪندو رهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ۽ محقق **ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي** 8 مارچ 1945ع تي ڪنڊياري ۾ ڄائو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ن خاندان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هندستان جي شهر احمدآباد ۾ ويجي ٿانيڪو ٿيو اتي **ڄيٺي لالواڻي** ايم. اي ۽ بي. ايڊ جون ڊگريون حاصل ڪيون ۽ بعد ۾ سنڌي ادب ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي. پيشي جي لحاظ کان **ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي** سنڌي اڪادمي دهليءَ جو سيڪريٽري، راشٽريا سنڌي ٻولي وڪاس پريشد. ٻڙودا جو ڊائريڪٽر، سنڌي ساهتيه اڪادمي گجرات جو اسسٽنٽ رجسٽرار، گرنٽ پال هائر سيڪنڊري اسڪول جو ايم. ڊي ۽ هندي ساهتيه اڪيڊمي گجرات جو اسسٽنٽ رجسٽرار رهيو آهي. مجموعي طور سنڌي ادب ۽ خاص طور تي سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ خدمتن عيوض ڪيس هند ۽ سنڌ ۾ ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا.

**ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي** هن وقت هندستان جي شهر احمدآباد ۾ رهائش پذير آهي.

## چندرسين ناواڻي:

**چندرسين ناواڻيءَ** جو ائن ناٽڪن تي ٻڌل ڪتاب **’پوسٽ جو ڏهو‘** سال 1982ع ۾ شايع ٿيو جيڪو **’گلستان پبليڪيشن‘** طرفان ڇپايو ويو. هن ڪتاب تي ڪيس گجرات سرڪار طرفان انعام پڻ مليو.

## ديال آشا:

**ديال آشا** جو پورو نالو **ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا** آهي. سنڌس ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو **’مهڪندڙ مکڙيون‘** 1974ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ شاعريءَ سان لاڳاپيل تصويرون پڻ شايع ڪيون ويون هيون. هيءَ ڪتاب **’انجلي پرڪاشن الهاسنگر‘** پاران شايع ڪرايو ويو هو. هن ڪتاب کي نيشنل ڪائونسل آف ايجوڪيشنل ريسرچ ٽريننگ، دهليءَ طرفان انعام پڻ ڏنو ويو هو. ڊاڪٽر ديال آشا جو 1990ع ۾ ٻارن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعريءَ تي ٻڌل هڪ ٻيو مجموعو 'ٻاروا اڇو تہ ڳايون' پڻ شايع ٿيل آهي.

## رام پيا ڳچنداڻي 'گيان':

رام پيا ڳچنداڻيءَ ٻارن لاءِ جو چئن ايڪانڪين جو مجموعو **'پلي آيو آرتوار'** جي نالي سان سال 1982ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو **'گلستان پبليڪيشن احمد آباد'** پاران ڇپايو ويو. هن ڪتاب تي ڪيس گجرات ساهتيہ اڪيڊميءَ پاران انعام پڻ مليو.

## روپڪمار 'گھايل':

روپڪمار **'گھايل'** جو 1980ع ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو با تصوير ڪتاب **'گُل گلابي'** شايع ٿيو. هي ڪتاب گوبند پرڪاشن، ٻئراڳڙهہ (ڀوپال) وارن ڇپايو.

## روشن گولاڻي، ڊاڪٽر:

**ڊاڪٽر روشن گولاڻي** هندستان ۾ سنڌي ٻارڙن لاءِ ادب سرجيندڙ ليکڪن ۾ مشهور ۽ معتبر نالو آهي. ٻارن لاءِ سندس چار شعرن جا مجموعا شامل ٿيل آهن.

**روشن گولاڻي** 29 مئي 1972ع ۾ احمد آباد ۾ **لڪشمي چند گولاڻيءَ** جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس تعليم ايم اي سنڌي ۽ بي اي ايڪنامڪس آهي. هو ليکڪ، ترجمي نگار آرٽسٽ، سماجي ورڪر ۽ ڪالم نگار آهي. ٻارن لاءِ شايع ٿيل سندس ڪتابن ۾ **'رنگ برنگي گل'** (2007ع) (شاعري)، **'منڙي منڙي لات'** (شاعري) (2008)، **'روشن تارا'** (شاعري) سال (2012ع)۽ 'روشن ٻاراڻا ٻول' (2016) شامل آهن. مٿين ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جا مجموعي طور مختلف موضوعن تي ٻيا بہ ڪتاب شايع ٿيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيس ٻارن جي ٻن ڪتابن سميت ٻين ڪتابن ۽ مجموعي طور سنڌي ادب ۾ خدمتن عيوض مختلف طور ڪيترائي ايوارڊ مليل آهن. هو احمد آباد هندستان ۾ رهائش پذير آهي.

## ريتا شهاڻي:

نامياري ليکڪ ۽ شاعره **ريتا شهاڻيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل آکاڻين جو مجموعو **'ٻبليءَ جو آکاڻيون'** 1997ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب کان سواءِ مجموعي طور سنڌي ادب ۾ ريتا جا نثر ۽ نظم ۾ 30 کن ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**ريتا** 24 آگسٽ 1934ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائي. سنڌس ادبي حيثيت شاعره، ڪهاڻيڪاره، مترجم ۽ نقاد طور آهي. هندستان ۾ سندس خاندان پوني ۾ رهائش اختيار ڪئي. هن پنهنجي تعليمي توڙي ادبي ڪيريئر جي شروعات پوني مان ڪئي ۽ ان کي پروان بہ پوني مان چڙهايو.

ريتا شهاڻي 15 سيپٽمبر 2013ع تي پوني، هندستان ۾ لاڏاڻو ڪري وئي.

## سياش چنچلداس شرما 'سجلگ':

**سياش چنچلداس** جو 1984ع ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو **'منڙيون لاتيون'** جي نالي سان شايع ٿيو. جيڪو **'ريکا پبليڪيشن احمد آباد'** پاران شايع ڪرايو ويو. هن ڪتاب تي کيس گجرات ساهت اڪيڊميءَ طرفان انعام پڻ ڏنو ويو. ان کان سواءِ سياش جا ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جا بہ ٻيا مجموعا **'گلڙا گلستان جا'** ۽ **'مرڪندڙ مکڙيون'** پڻ شايع ٿيل آهن.

## سترامداس 'سائل':

**سترام داس سائل** جو پورو نالو سترامداس سويا سنگهہ جڙيا **سنگهاڻي 'سائل'** آهي. هن ٻارن لاءِ ڪيترائي گيت ۽ نظم لکيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي سندس ٻن مجموعن ’ٻاراٽا گيت‘ ۽ ’ٻاراٽا ٻول‘ ۾ شامل آهن.
سندس پهرئين مجموعي ’ٻاراٽا گيت‘ تي کيس 1982ع ۾ کيس گجرات جي سرڪار پاران بهترين ڪتاب جو انعام پڻ ڏنو ويو.

## ستي ڪلناڻي ’سکي‘:

ستي ڪلناڻي ’سکي‘ دهلي، هندستان ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪ ۽ شاعره آهي. سندس ٻارن لاءِ لکيل نغمن ۽ گيتن جو مجموعو ’ماڻڪ موتي‘ (2010ع) ۾ شايع ٿيو جيڪو شاعره پاران پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو جڏهن ته ان ڪانسواءِ ٻارن لاءِ سنڌي سکڻ جو ڪتاب ’سرل طريقي سان سنڌي سکڻ‘ پڻ ڇپيل آهي. ستي ڪلناڻي جي هن ڪتاب جو مهاڳ هيري ٺڪر لکيو آهي.

ستي هن وقت وڪاس پورا نيو دهليءَ ۾ رهي ٿي.

## سندر مينگهراج جڳواڻي ’مجرم‘:

سندر مينگهراج جڳواڻيءَ جو 1977ع ۾ ٻارن لاءِ ڪيل شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ’ڪلين ۽ گل‘ جي نالي سان شايع ٿيو جنهن ۾ ٻارن لاءِ الڳ الڳ موضوعن تي شعر لکيل آهن.

## ڪشن خوبچنداڻي:

ناميار اديب ۽ شاعر ڪشن خوبچنداڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو ’تارا ڪن ٿا اشارا‘ سال 2012ع ۾ احمد آباد مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

ڪشن خوبچنداڻيءَ جو پورو نالو ڪشنچند ايسرداس خوبچنداڻي آهي، جيڪو پهرين جنوري 1934ع تي پريا، ضلعي نوشهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فيروز ۾ ڄائو. ورهاڱي وقت هندستان لڏي ويڻ کان پوءِ اتي جي تعليم کاتي سان وابسته ٿيو ۽ ٻارن لاءِ شعر لکڻ جي شروعات ڪيائين. هو هندستان جي مختلف علمي، ادبي ۽ تعليمي ادارن سان وابسته رهيو آهي. سندس تعليمي ۽ علمي خدمتن عيوض ڪيترائي ايوارڊ انعام مليل آهن.

## ڪلا پرڪاش:

**ڪلا پرڪاش** هندستان جي نامور ليکڪ **موتي پرڪاش** جي گهر واري آهي. 55_ 1954ع ڌاري سندس پهرين ڪهاڻي ڇپي ۽ ان ئي سال سندس شادي ٿي. هن ٻارن جي عادتن ۽ وندر ورونهن ڪي نظمن جو روپ ڏنو جيڪي ڪونج پبليڪيشن بمبئيءَ طرفان 2006ع ۾ **'ممتا جون لهرون'** ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا ويا.

**ڪلا پرڪاش** 2 جنوري 1934ع تي ڪراچيءَ ۾ **پارومل چانډواڻيءَ** جي گهر ۾ پيدا ٿي. هيءَ اڃا پرائمري تعليم ۾ ئي هئي ته ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هن پنهنجي باقي تعليم هندستان ۾ حاصل ڪئي. هن ممبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. هوءَ ڀارت سرڪار جي مختلف کاتن ۾ مختلف عهدن تي رهي چڪي آهي.

## ڪلپنا اشوڪ چيلاڻي، ڊاڪٽر:

هندستان ۾ سنڌي ٻارڙن جي مشهور ليکڪ **ڊاڪٽر ڪلپنا اشوڪ چيلاڻي** لکميچند ٽانورداس عيدناڻيءَ جي گهر، پوني، رياست مهاراشٽر، هندستان ۾ ڄائي. سندس وڏا دادوءَ جا هئا. هن ايم اي، بي ايڊ کان پوءِ پي ايچ ڊيءَ به ڪئي. هيستائين سندس ست ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي سمورا ٻارن لاءِ ئي آهن. سندس ڪتابن جا نالا ترتيبوار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ريت آهن. **’گيت گلابي‘** (شاعري 1996)، **’دلير درياهہ‘** (ڪهاڻيون 1999) **’ڪالينات‘** (ڪهاڻيون 2000)، **’ٻڌ جو پتلو‘** (ڪهاڻيون 2008)، **’منهنجا ساٿي‘** (مونو لاگ 2008)، **’پيغام‘** (ڪهاڻيون 2009)، ۽ **’آڪاشي پٽر‘** (ڪهاڻيون 2009).

**ڊاڪٽر ڪلپنا اشوڪ چيلاڻيءَ کي سندس ڪتاب ’ڪالينات‘** تي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، بڙودا پاران 2003ع ۾ انعام مليو جڏهن تہ هن ملڪي سطح تي مضمون نويسي، اداڪاري ۽ صداڪاريءَ تي پڻ ڪيترائي انعام حاصل ڪيا آهن. ڊاڪٽر ڪلپنا احمد آباد ريڊيو تان اسڪولي ٻارن جا جدا جدا پروگرام پڻ ڪندي رهي آهي. هن وقت بڙودا (مهاراشٽر) هندستان ۾ رهائش پذير آهي. هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪيل سندس ڪم کي انتهائي قدر جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي.

## ڪمل پياسي:

سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو شاعر **ڪمل ڪيول راماڻي پياسي** 19 جنوري 1959ع ۾ جيڪب آباد شهر ۾ ڄائو. هن 14 ورهين جي ڄمار ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪئي، سندس پهريون شعر 1942ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ **’سنسار سماچار‘** جي هفتيوار پرچي **’چوڏس‘** ۾ شايع ٿيو. هو بنيادي طور گيت جو شاعر آهي. ڪمل پياسي ٻارن لاءِ شاعريءَ جا چار مجموعا **’ٽمڪندڙ تارا‘**، **’پنکڙيون گلاب جون‘**، **’ديپ لليت‘** ۽ **’وڻ ٽڻ، گل ڦل ۽ سرهاڻ‘** لکيا، جيڪي چارئي هندستان مان ڇپجي پڌرا ٿيا. انهن مان سندس ٻہ مجموعا **’ٽمڪندڙتارا‘**، **’پنکڙيون گلاب جون‘** جون- جولاءِ 1984ع ۾ شايع ٿيا. ان کان علاوه سندس ٻيا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن بي اي سي آنرس پوسٽ گريجوئيٽ فشريز سائنس ۾ حاصل ڪئي. هن وقت ڀارت جي شهر گجرات ۾ ڊائريڪٽر آف فشريز آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس ٻارن جي ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب 'سائي جهنڊي' سال 1966ع ۾ ڇپيل آهي.

## ڪنعيو گوپلاڻي:

ڪنعيي گوپلاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ناول 'پکڙو منڊر ۾' سال 1971ع ۾ شايع ٿيو جيڪو 'گلستان پبليڪيشن احمد آباد' پاران ڇپايو ويو.

## ڪنعيو گيرياڻي:

ڪنعيي گيرياڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب 'ڪنهن سان ڳالهه نه ڪج' نالي سان 1983ع ۾ شايع ٿيو.

## ڪيرت ٻاٻاڻي:

نامور اديب ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لوڪ آڪاڻين تي ٻڌل هڪ ڪتاب سال 1982ع ۾ 'اڀول راڻي' جي نالي سان شايع ٿيو جيڪو سنڌي ٽائيمز طرفان ڇپايو ويو. ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ سڀ لوڪ ڪهاڻيون آهن پر 'ور ۽ وني' ڪهاڻيءَ ڇڏي سڀ ٻارن جي ڏانءَ جون نصيحت آميز ڪهاڻيون آهن. ٻارن لاءِ لکيل سندس هڪ ٻيو ڪهاڻين جو مجموعو 'روشنيءَ جا ترورا' جي نالي سان سال 1984ع ۾ شايع ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ جي هن ناmياري اديب ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو پورو نالو ڪيرت چئوترام ٻاٻاڻي هو جيڪو 3 جنوريءَ 1892ع تي سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ موريي لاڪي ۾ پيدا ٿيو. هن مئٽرڪ تائين جي تعليم نوابشاهه مان حاصل ڪئي، جڏهن ته گريجوئيشن ۽ ايل ايل بي ڪراچيءَ مان ڪيائين. ورهاڱي ڪانپوءِ ڪيرت ٻاٻاڻي هندستان وڃي رهيو جتي هن



soorthsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترائي ڪتاب لکيا. سنڌس سڃاڻپ هڪ اسڪالر، اديب، لوڪ ادب جي ڄاڻو نقاد، ناٽڪ نويس ۽ ترجمي نگار جي حيثيت سان هئي. هو 7 مئي 2015ع تي، ممبئيءَ ۾ 93 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

## ڪيمن ڏيو مُولاڻي:

هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعرڪيمن. اڏير ڏنومل يو مولاڻي، ٻارن جو پڻ مشهور شاعر آهن. هن 10 جون 1944ع تي ضلعي نوشهروفيروز تعلقي موري جي ڳوٺ درس ۾ جنم ورتو. 1960ع کان شاعري ۽ ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ڪيائين. ڪيمن يو مولاڻيءَ جا ٻارن لاءِ ڪتاب' اڏر اڏر ڙڻي پوپٽڙا' (شاعري) (1989ع)،'هل ڙي متڪا' (ڪهاڻيون) (2001ع) ۽ 'سهڻا گلڙا ٻار' (شاعري) (2005ع) آهن، جيڪي سمورا هندستان ۾ تمام گهڻا مشهور ٿيا.

ڪيمن يو مولاڻي هن وقت جهارکنڊ رياست، هندستان ۾ رهندو آهي.

## گهنشيام موتيرام دوديا 'ساگر':

گهنشيام موتيرام جو 1982ع ۾ ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو 'ڦُول چمن جا' شايع ٿيو جنهن کي گجرات اڪيڊميءَ پاران انعام پڻ ڏنو ويو.

## لڇمڻ ڪومل:

لڇمڻ ڪومل سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر ۽ ليکڪ آهي. سنڌس ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو 'هڪڙو هو راجا' 1965ع ۾ ڇپيو. سنڌس نثر ۽ نظم ۾ 10 کان وڌيڪ ڪتاب ڇپيل آهن. هندستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرڪار جي تعليمي وزارت پاران لڇمڻ جي ڪتاب **’هڪڙو هو راجا‘** تي ڪيس ٻاراڻي ادب جو ايوارڊ، 1965ع ۾ ڏنو ويو.

**لڇمڻ ڪومل** جو پورو نالو **لڇمڻ چيلارام ڀاٽيا** آهي. هو 26 مارچ 1936ع تي ڪنڊياري ضلعي نوابشاهه (ان وقت) ۾ ڄائو. هن صحافت ۾ ايم اي ڪئي ۽ انگريزي اخبار ٽائيمس آف انڊيا مان چيف ايڊيٽر طور رٽائر ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور شاعر ۽ اديب 23 ڊسمبر 2014ع تي وفات ڪئي. سندس آتم ڪٿا **’وهي ڪاتي جا پنا‘** سنڌي ادب جو شاهڪار ڪتاب آهي.

### لڇمڻ ڀوڪڙيجا:

لڇمڻ ڪڪڙيجا جو 1990ع ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو ٻا تصوير ڪتاب **’سهڻا ٻال گيت‘** جي نالي سان شايع ٿيو جيڪو ليکڪ پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيو.

### ليکراج هنس:

ليکراج هنس جو ٻارن جي ڪهاڻين جو ڪتاب **’ڏاڏيءَ جي ڏات‘** جي نالي سان شايع ٿيو. ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي طرفان هن ڪتاب کي انعام پڻ ڏنو ويو.

### منگهارام ’ديوانو‘:

**منگهارام ’ديواني‘** جا ٻارن لاءِ ڪوتائن جا ٻه مجموعا **’اُٺ ڀارت جي سنتان‘، ’اسين ننڍڙا ٻار‘** ڇپيل ملن ٿا. هن جون ڪوتائون گهڻو ڪري ٻارن جي ارد گرد گهمن ٿيون. هن جي ڪيترين ڪوتائن جو موضوع ٻار هوندو آهي.



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## منوهر بيدي:

منوهر بيديءَ جو 1986ع ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو ڪتاب 'ٻال - ڪوتا - ڪٽ' جي نالي با تصوير شايع ٿيو جيڪو ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر پاران ڇپايو ويو. هن ڪتاب کي نيشنل ڪائونسل آف ايڊيوڪيشنل ريسرچ ٽريننگ دهليءَ پاران انعام پڻ ڏنو ويو.

## منوهر نهالاڻي:

**منوهر نهالاڻيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب **'وچتر راجڪماري'** سال 1986ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب تي ڪيس گجرات ساهتيه اڪيڊميءَ پاران انعام پڻ مليو. سندس ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب **'چورن مٿان مور'** جي نالي سان مارچ 2001ع ۾ شايع ٿيو.

**منوهر نهالاڻي** 9 جنوري 1940ع تي منياڻي ڳوٺ ضلعي نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو. هن هندستان ۾ شايع ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب تي هڪ تحقيقي ڪتاب **'سنڌي ٻال ساهتيه هڪ نظر'** پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، هن جا چار ترجمو ڪيل ڪتاب ۽ ٻارن لاءِ ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب **'سنڌيءَ جون چونڊ ٻال ايڪانڪيون'** پڻ شايع ٿيل آهي. ڪيس سنڌي ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان پنج انعام پڻ مليل آهن جڏهن ته سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان پڻ انعام مليل آهي.

منوهر نهالاڻي هن وقت سردار نگر، احمد آباد ۾ رهائش پذير آهي.

## موتي پرڪاش:

سنڌي ٻوليءَ جي ناماري شاعر **موتي پرڪاش** جو ٻارڙن لاءِ گيتن تي ٻڌل هڪ مجموعو **'گلڙن جا گيت'** شايع ٿيل آهي، جنهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هندستان جي تعليم کاتي پاران 1975ع ۾ **'ٻهترين ٻالڪ ڪتاب'** جو ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. موتي پرڪاش جو ٻارن لاءِ لکيل پهريون شعر 12 سالن جي عمر ۾ ٻارڙن جي رسالي **'گلستان'** ۾ شايع ٿيو. اڳتي هلي هن دڙي مان ٻارڙن لاءِ رسالو **'ٻال سنديش'** (1947ع) شايع ڪيو. هن رسالي جو هڪ ئي پرچو شايع ٿيو ته ورهاڱو ٿي ويو. موتي پرڪاش جا نثر ۽ نظم ۾ ٻيا به 15 ڪتاب شايع ٿيل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر ۽ اديب **موتي پرڪاش** جو جنم 15 مئي 1931ع تي دڙي، ضلعي نئين ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پرايائين ۽ انگريزي تعليم لاءِ کيس پنهنجي ناناڻي ڳوٺ جاتي موڪليو ويو. ورهاڱي کانپوءِ موتي پرڪاش هندستان ۾ بي. اي ۽ بي. ايڊ جون ڊگريون حاصل ڪيون ۽ 1951ع ۾ اُستادي پيشو اختيار ڪيائين. جنهن تان 2002ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. هو 1956ع کان 1977ع تائين آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس سان پڻ لاڳاپيل رهيو.

موتي پرڪاش 4 آگسٽ 2015 تي ممبئي، هندستان ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## موهن ڪلپنا:

موهن ڪلپنا جو سال 1958ع ۾ ٻارن لاءِ لکيل ناول **'سرڳ جي ڳولها'** شايع ٿيو هي ڪتاب سنڌي ٻاراڻي ادب جي مشهور ڪتابن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو.

موهن جو اصل نالو موهن بولچند لالاهو هو. 22 نومبر 1930ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ ڄائو. سندس تعليم مئٽرڪ هئي. سنڌيءَ ۾ مختلف موضوعن تي سندس 30 کان مٿي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هي 19 جون 1992ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ميول آهوجا:

ميول آهوجا جو ٻارن لاءِ لکيل ناول **'لال جادوگر'** سال 1983ع ۾ شايع ٿيو جيڪو آهوجا پبليڪيشن، بڙودا پاران ڇپايو ويو. ان ڪتاب تي کيس گجرات ساهتيہ اڪيڊميءَ پاران انعام پڻ مليو.

## واسديو نرمل:

ناميار شاعر، ليکڪ ۽ اداڪار **واسديو نرمل** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو **'امان توکي خبر آهي؟'** ڀارت ۾ 1981ع ڌاري ڇپيو. هن ڪتاب جا ٽي ڇاپا شايع ٿيل آهن ۽ هن ڪتاب تي ڀارت سرڪار پاران **واسديو نرمل** کي دهليءَ ۾ ايوارڊ پڻ مليو. هن ڪتاب کانسواءِ **واسديو** جا 20 کان مٿي ڪتاب، مختلف موضوعن تي ڇپيل آهن.

واسديو نرمل جو پورو نالو **'واسديو ويسي مل ماڌيو'** آهي، جيڪو 2 جون 1936ع تي ڪراچيءَ ۾ جائو ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويو ۽ اتي ممبئي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ڊپٽي چيف انجنيئر طور رٽائر ڪيائين. سندس عملي ادبي خدمتن تي کيس ڪيترائي ايوارڊ مليل آهن.

## واسديو 'سنڌو ڀارتي':

واسديوَ جو سال 1983ع ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب **'انڊلٺ'** جي نالي سان شايع ٿيو جيڪو **'گلستان پبليڪيشن، احمد آباد'** پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. سندس هڪ ٻيو ڪتاب **'نئين روشني'** جي نالي سان 1987ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو جئپور طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ومي سدارنگاڻي:

مشهور شاعره ۽ ليکڪ ومي سدارنگاڻيءَ جي هڪ وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچائپ، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ زبردست ڪهاڻيون لکندڙ طور آهي.
هيسيتائين سندس ٻارن لاءِ ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ٻه ٻارڙن لاءِ ڪهاڻين تي ٻڌل آهن. انهن مان هڪ جو نالو 'سڀاجهي راڻي' آهي. سندس ٻيو ڪتاب 'ممي! ائين ڇو آهي؟' (ٻارن لاءِ مونو لاگ) 2001ع ۾ ڇپيو. ڄاڻايل ٻئي ڪتاب ٻيو پيرو سال 2006ع ۾ ٽرديپ رورل ڊيولپمينٽ پروگرام (TRDP) مٺيءَ پاران شايع ڪيا ويا آهن.

**ومي سدارنگاڻيءَ** جو پورو نالو **ومي رامچند سدارنگاڻي** آهي، جيڪا 15 آگسٽ 1971ع تي آديپور (ڪڇ) هندستان ۾ ڄائي. هن سنڌي، هندي ۽ ايڪانامڪس ۾ ايم اي ڪئي آهي ۽ هن وقت انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور، ڪڇ ۾ ملازم آهي. ٻارن لاءِ لکيل ٻنهي ڪتابن جي قلمي نسخن کي سال 99_1998 ۾ ٽيهين قومي ٻال ساهيتا انعامي ڇٽا پيٽيءَ جي مقابلي ۾، سنڌي ٻاراڻي ادب جا بهترين ڪتاب قرار ڏنا ويا.

## وينا شرنگي:

هندستان ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري شاعره **وينا شرنگيءَ** جو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيءَ جو مجموعو **'منڙي مرڪ'** سال 2011ع ۾ ليکڪا پاران پاڻ ڇپائي، نيو دهليءَ مان پڌرو ڪيو ويو. هن مجموعي ۾ **وينا شرنگيءَ** جون ٻارن لاءِ لکيل 6 ڪهاڻيون آهن، جڏهن ته هن ڪتاب جو مُهاڳ ڊاڪٽر **هوندراج بلواڻيءَ** لکيو آهي.

**وينا شرنگيءَ** جو جنم 16 فيبروري 1948ع تي سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ورهاڱي کانپوءِ سندس گهراڻو به سنڌ ڇڏي هندستان ۾ نئين دهليءَ ۾ وڃي آباد ٿيو. وينا پنهنجي ابتدائي ۽ اعليٰ تعليم هندستان مان حاصل ڪئي ۽ گريجوئيٽ جو امتحان پاس ڪيائين. عملي زندگي جي حوالي سان هو آل انڊيا ريڊيو نئين دهليءَ ۾ بطور سينئر براڊڪاسٽر،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروڊيوسر ۽ ترجمي نگار طور ڪم ڪري رهي آهي. هن هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي جياپي ۽ واڌاري لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ سندس ٻارنهن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

هيءَ هندستان ۾ سنڌي وومينز موومينٽ جي سرگرم ڪارڪن ۽ 'مارئي' نالي سان سنڌي عورتن جي سماجي-ثقافتي سرگرمين تي مشتمل تنظيم جي جنرل سيڪريٽري طور پنهنجا فرض سر انجام ڏئي رهي آهي.

## هوندراج ٻلواڻي، ڊاڪٽر:

**ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي،** سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ، سنڌ توڙي هند ۾ سينيءَ ڪان تمام گهڻو ۽ اهم ڪم ڪيو آهي. ٻارن لاءِ سندس لکيل توڙي ترتيب ڏنل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو هڪ سؤ کان مٿي آهي. **ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي** پهريون پي ايڇ. ڊي ڊاڪٽر آهي، جنهن جو موضوع **'سنڌي ٻاراڻو ادب'** آهي.

**ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي** 9 جنوري 1946ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄائو. سندس والد صاحب جو نالو **ڪشنچند ڪرمچند** هو جنهن جو لاڙڪاڻي جي شيوا پاڙي ۾ واچن جو دڪان هوندو هو. 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ جلد ئي **هوندراج ٻلواڻيءَ** جو خاندان لاڙڪاڻي مان لڏي هندستان جي رياست گجرات جي شهر احمدآباد ۾ اچي آباد ٿيو ۽ اجا تائين اتي رهائش پذير آهي.

**ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي** ممبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ پي. ايڇ. ڊي جو تحقيقي مقالو لکيو جنهن جو عنوان **'سنڌي ٻال ساهتيه هڪ نظر'** (سنڌي ٻاراڻو ادب- ورهاڱي کان وٺي 1992ع تائين) آهي. ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي گجرات اسٽيشن بورڊ آف اسڪول ٽيڪسٽ بوڪس اڪيڊمي ۽ گجرات سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساهتيه اڪيڊمي جو پڻ چيئرمين رهيو آهي.

ٻارن لاءِ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جي ڇپيل، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جي ڪتابن ۾: 'جادو نگري' (1967ع)، 'پپوءَ جو پيارو موتي' (1980ع)، 'پالش وارو' (1971ع)، 'چوٽون باندر' (1983ع)، 'نئين ناني'(1990ع)، 'سياڻا سمجهو ٻارڙا'، 'ڪوئي لڏي هئڏ ڳڙي' (1985ع)، 'ننگ جيڏو ڇوڪرو'، 'ڇوُ منتر'، 'ڪنمنڙا' (1977ع)، 'بنسري' (1967ع)، 'هيرا موتي'، 'گول متول'، 'ارڇڪ مرڇڪ'، 'ڏهين جو نوٽ'، 'رنگ رنگيلي محفل'، 'انمول موتي' (1982ع)، 'ماستر موڪل تي'، 'ڪرامتي مشين'، 'هڪڙو هو راجڪمار' (1968ع)، 'تارن پري رات'، 'ٻارن جا لوڪ گيت'، 'ٻارن جون لوڪ رانديون'، 'قدرت جي گود ۾'، 'راجوءَ جي توپي'، 'ساڌو راجا' (1984ع)، 'برف جو پتلو'، 'ٻه راجڪمار'، 'دنيا رنگ برنگي'، 'سليو پروليون وتو انعام'، 'تي گپوڙي'، 'ڪتا متا گول گپا'، 'ڪاڪو ڪوڏومل'، 'ڇهر ٻهر ڇنڻي'، ٿهڪن جي برسات'، 'ٿهڪ ئي ٿهڪ'، 'ڪل تہ سهين'، 'چرچا مها پرشن جا'، 'گيان جو خزانو'، 'ٻارن جو گُجو ياڻي'، ' بيربل جو ياءُ'، ايسپ جون آکاڻيون'، 'شاهوڪار ڪوئو'، 'چونڊ سنڌي ٻال'، ڪهاڻيون'، 'دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون'، 'پرم اپڪاري پمو'، 'گلڙا گلستان جا'، 'ننڍو سفيد ماڻهو'، 'انوکيون آکاڻيون'، 'جادوءَ جي بوتل'، 'تي سونا وار'، 'گلستان جا ٻال گيت ۽ ٻال ڪهاڻيون'، 'گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻالڪ ناٽڪ'، 'گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال گيت'، 'راجا جي بلبل'، 'نانيءَ جي عجيب ڪرسي'، 'گلن جي نوڪري'، 'راجڪماري سيپٽمبر'، 'تام هڪ ڇوڪرو هو'، 'نيڪ نينگر'، 'ست جادوگر'، 'وير ناريون'، 'آڪاشي ڪوئو'، 'چوُن چوُن چاچو' شامل آهن.

ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ کي ڪيترائي ايوارڊ مليل آهن. هو هن وقت احمد آباد، گجرات (هندستان) ۾ رهائش پذير آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### هوندراج 'دکايل':

ناليوارو اديب، شاعر ۽ راڳي **هوند راج 'دکايل'** 11 جنوري 1908ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ليلا رام کتريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هُو سنڌي ٻوليءَ جو تمام مشهور ۽ پنهنجي وقت جو قومي شاعر ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي. هن پرائمري تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي. ٿوري گهڻي انگريزي بہ پڙهيو پر پوءِ پڙهڻ ڇڏي سونارڪو ڌنڌو اختيار ڪيائين. هن جو ڏيان ننڍي هوندي کان ئي علم، ادب ۽ سماجي خدمتن ڏانهن هو. ان ڪري ترت ئي سونارڪو ڌنڌو ڇڏي گيت ۽ سنگيت جي دنيا وچي وساياڻين. شاعريءَ ۾ سندس استاد **ڪشنچند 'بيوس'** هو. جنهن کيس **'دکايل'** تخلص ڏنو ۽ هن انهيءَ ئي تخلص سان لکڻ شروع ڪيو. هوند راج **'دکايل'** 1924ع کان شاعري شروع ڪئي. هن موسيقي جي آڌار تي تمام گهڻا گيت ۽ نظم لکيا.

هن جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو **'سنگيت ڦول'** 1946ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ ڪيترائي ٻاراڻا گيت بہ شامل آهن. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت وچي ڳانڌي گاهہ ۾ رهيو. سندس ڪتابن ۾ **'جهونگار'، 'سنگيت انجلي'، 'سنگيت ڦول'** ۽ ٻيا شامل آهن. هن سنڌ ۾ پنهنجي ٽولي ناهي ۽ ڍولڪ تي ڳائيندو هو. **'سنڌڙي تنهنجا ڳوٺ وسن'** هن جي مشهور ڪافي هئي. هي ناليوارو ليکڪ ۽ راڳي 3 ڊسمبر 2003ع تي هن دنيا مان ديهانت ڪري ويو.

### هيملتا ٻجاج:

هيملتا ٻجاج جو ٻارن لاءِ لکيل با تصوير ڪهاڻين جو مجموعو **'جن ڀوت موکل تي'** سال 1989ع ۾ شايع ٿيو جيڪو ٻاراڻو ادب پبليڪيشن احمد آباد پاران ڇپايو ويو. هن ڪتاب ۾ ڌار ڌار موضوعن تي ٻارن لاءِ سليس ٻوليءَ ۾ آکاڻيون ڏنيون ويون آهن. سندس گهڻين ڪهاڻين ۾ ٻارن لاءِ ڪا نہ ڪا سکيا سمايل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مددي ڪتاب ۽ رسالا:

### الف: ڪتاب


1. آريسر، علي نواز 'سنڌي ادب ۾ عورتن جو حصو'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2016ع
2. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، سنڌي ساهت گهر، ڇاپو ٽيون، 1999ع
3. بخاري مخمور، 'هالا جي ادبي تنظيمن جو تنقيدي جائزو'، سيف بخاري اڪيڊمي، هالا، 2004ع
4. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻال ساهتيه'، ڇاپو ٻيو سنڌي ساهت گهر، 2007ع
5. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: 'سنڌي لوڪ ڪهاڻيون'، سنڌي ادبي بورڊ، 1987ع
6. پناڻ، در محمد، ڊاڪٽر: 'ڪراچي شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، پي. ايڇ. ڊي ٿيسز
7. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2004ع
8. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد ٻيو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2004ع
9. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع
10. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

11. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ٻيو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
12. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
13. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد چوٿون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
14. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد پنجون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
15. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ڇهون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
16. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ستون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
17. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد اٺون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
18. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد نائون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
19. سولنگي، محمد عرس اظهر، ’دادو ضلعو هڪ اڀياس‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2013ع
20. سنڌي عبدالمجيد ميمڻ، ’سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس‘، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2006ع.
21. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1982ع.
22. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، ’سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ‘، ڇاپو پهريون، اوسر اشاعتگهر حيدرآباد، 2009ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

23. لغاري، اڪبر، ’سنڌي ادب جو مختصر جائزو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2010ع
24. مرزا، نصير، ’منهنجو سائين: نثار حسيني‘ (شخصيت ۽ فن) دوستي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2014ع
25. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ‘، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2015ع.
26. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو‘، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي، 2006ع.
27. ملڪاڻي، پروفيسر منگهارام، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، ڇاپو ٽيون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع
28. مير، حاج مير، ’سيوهڻ جون ادبي شخصيتون‘، سچائي اشاعت گهر، دڙو 2014ع
29. ميمڻ، خان بهادر محمد صديق، ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘، ڇاپو ٽيون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2000ع
30. نهالاڻي، منوهر، ’سنڌي ٻال ساهت‘: هڪ نظر، ليڪ پارڪ، 1992ع
31. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار ’شڪارپور جي صحافتي تاريخ‘، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع.
32. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار ’شڪارپور جي صحافتي تاريخ‘، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع.
33. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار ’شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2009ع.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### ب: رسالا

1. ماهوار 'گل ڦل'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو مڪمل سيٽ، 1959ع کان 2015ع تائين.
2. 'سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن'، اعزازي سهيڙيندڙ اسرار شام، حيدرآباد، مڪمل سيٽ، 1987ع کان 2015ع تائين.
3. ماهوار 'گلڙا'، چيف ايڊيٽر شبير ساگر، ٽنڊو ڄام، مڪمل سيٽ.
4. ٽه ماهي 'سنگتي'، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، مڪمل سيٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



## خالد آزاد

### ڇپيل ڪتاب

1. جيجل جي هنج ۾ | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون | 2001
2. جانورن جو بادشاهه | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون | 2001
(خير محمد لغاريءَ سان گڏ ترجمو)
3. ڏاها ٻائر | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون - ترتيب | 2001
4. سج اڀرڻ کان پوءِ | ٻارن لاءِ ناول | 2005
5. شاهه لطيف: سنڌي ٻولي ۽ سماج
| لطيفيات - ترتيب | 2007
6. دفتري لغت | خان محمد جروار سان گڏ | 2010
7. مڪڙيءَ جا ڦلا | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون - ترجمو | 2013
8. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ | جلد - I | 2016
9. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ | جلد - II | 2016
10. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ | جلد - III | 2016

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**